زندگي ؟

”ڪڏهن سڏڪو ته ڪڏهن ٽهڪ !“

(ناول)



ليکڪ

ڊاڪٽر ايسر پارواڻي

زندگي ؟
ڪڏهن سڏڪو ته ڪڏهن ٽهڪ

ليکڪ - ڊاڪٽر ايسر پارواڻي

چاپو پهريون) سال 2007 (ڪاپيون 1000

قيمت -/100 رپيا

donated from Suleman A. Memon's personal library


پرڪاشڪ
هوندراج پانيا
پاران
سنڌي ساهتيہ مالا
105 ، نيو پرنس مارڪيٽ، فرنيچر بزار،
اُلهاسنگر421 003

ملڻ جو هنڌ :
جڳديش بوڪ ڊيپو
اُلهاسنگر -2. ضلع ٿاڻا (مهاراشٽرا)
فون 2706560

ڇپيندڙ:
سُڌا آفسيٽ پرنٽرس اينڊ گرافڪس
25، پرنس مارڪيٽ، فرنيچر بزار ،
اُلهاسنگر -3. فون 2560465

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

ليکڪ وٽان



مشهور شاعر ايم. ڪمل جي لکڻموجب شاعر کي پيغمبر چيو ويندو آهي. عام رواجي شاعر پيغمبريءَ جي درجي تي ڪونہ پهچندا آهن. پر شيخ اياز انهن شاعرن مان هڪ جيڪي پيغمبريءَ جي درجي تي پهچندا آهن. شيخ اياز ڪئي پيغام ڏنا. 30-35 سال اڳ، ان شيخ اياز جو لکيل 'پنوري پري آڪاس' پڙهيو. اڳ ڏنل شعر منهنجي لاءِ هڪ پيغام هيو. ان وقت مان ڳچيءَ تائين سياست (راجنيتي) ۾ اٽکيل هيس. ان وقت سياست تي هي لکيل شعر تير وانگر سيني ۾ چپي ويو. هي شعر منهنجي ذهن ۾ ولوڙا وجهندو رهيو. انهن ولوڙن جو نتيجو آهي هي ڪتاب.

جنهن وقت هي شعر پڙهيم ان وقت مان پيونديءَ ۾ پرئڪٽس ڪندو هيم. دواخاني جي سامهون هيو راجا خان جو چڪلو. وچ۾ هيو ڪلياڻ پيونديءَ جو وڏو آمدرفت وارو رستو.

هن ڪتاب ۾ آيل راجا خان جو ڪردار ان راجاخان جي زندگيءَ تي آڌارت آهي. ائين تہ هڪ ٻيو راجاخان منهنجي زندگيءَ سان ڳنڍيل هيو. اهو هيو خيرپور ميرس جو هڪ سرڪاري اسپتال جو ڊاڪٽر راجاخان. منهنجو پتا ڀڻ هڪ نالير حڪيم هيو. مرڻ گهڙيءَ تائين (1964) منهنجو پتا ان ڊاڪٽر راجاخان جي پرپور تعريف ڪندو رهندو هيو. ڊاڪٽر راجاخان جي مروت، تميز ۽ هٿ شفا جي ساراهہ ڪندي هو ماضيءَ جي سونهري وقت ۾ پهچي ويندو هيو، جڏهن سنڌ ۾ هندو مسلمان ۾ ايڏو فرق ڪونہ هوندو هيو. ان وقت منهنجو پيءُ روحل فقير جو بيت:

جي پير ۾ پرميشور تہ ٻير ۾ ڪو ٻيو ،
جي ڪعبو خانو خدا جو
تہ ڪهڙو ڏيون ڏوهہ ڪيو،
روحل ڪيئن ٻيو، خلل من خلق ۾
جهونگاريندو رهندو هيو.

منهنجو پيءُ صبوح جو اٿڻ سان شاهہ جو هي شعر زور سان ڳائيندو هيو.

جيڏو تنهنجو نانءُ، ٻاجهہ ٻہ ايڏياڻي مڳان،
تون ٽنيو تون ٽوٽي، تون ڇپر تون ڇانءُ،

آءُ ڪجاڙو ڪمان. معلوم سيڪي تونکي.

شاهہ

مان گھٽيون ئي پرارٿنائون ٻڌيون آهن پر هن شهر جهڙي مڪمل پرارٿنا مونکي ڪانہ سڃهي. 7مئي1970 تي پيوندي ۾ هندو مسلمان فساد ٿيا. شام جي وقت مان همدردن جي چوڻ تي دواخانو بند ڪري اُلهاسنگر پنهنجي گهر موٽي آيس. . 8 مئي صبوح جو دواخاني ۾ پهتم تہ ڏٺم تہ دواخانو رک ۾ تبديل ٿي ويو هيو. دڪان جو مالڪ مسلمان هيوءِ سامان فرنيچر وغيرهہ منهنجو هيو. رک ڏسي مونکي سنڌي پهاڪو ياد آيو. 'دودوڏوڙ چنيسر چائي' مان جليل دواخاني جي باهران مريضن جي ملهہ پٽي ۽ دوا درمل ڪري رهيو هوس. مريضن ۾ هندو، مسلمان ٻئي هئا. سڀ فسادن جا ستايل ۽ غريب. هڪ مسلمان مريض جيڪو منهنجو جهونو مريض هيو تنهن شرڌا وچان چيو، غريب نواز، گذريل رات هتي قهر ٿيو آهي.

حقيقت ڪجهہ هن ريت هئي.

پرسان هنومان ٽڪري هئي جتي هنومان جو مندر هيو. هنومان پرهمچارين جو خاص ديوتا. ڪام واسنا ۽ ٻين وڪارن ڪان دور. هنومان ٽڪري ۽ جي چوڌاري مزدورن جا جهوپڙا، هندو ۽ مسلمان ملي جهلي رهندڙ. ٽڪري ۽ جي ترئي وٽ راجاڪان جو چڪلو. ان رات راجاڪان جي چڪلي تي هندو مسلمانن ٻنهي انبوهن تي حملو ڪيو. راجاڪان ٻن ڇڻن لئين لڳ سان مري ويو. سندس هندو زال راجاڪان کي بچائيندي چاڪون ۽ جو شڪار ٿي. راجاڪان جي چڪلي جون وڻشائون، جن کي راجاڪان ٻيٽي ٻيٽي ڇڻي پڪاريندو هيو. اهي سڀ ڊپ ۾ هنومان ٽڪري ۽ جي ماڙي ۽ طرف ڀڳيون. انهن جي پنيان هيا فسادين جا انبوهہ، هندو ۽ مسلمان.

ماڙي ۽ ۾ ساموهڪ بلاتڪار (Mass Rape) شروع ٿي ويو هينان پٽرائين زمين وچ ۾ هڪ عورت مڙان هڪ مرد ۽ مڙان ٻيئل پنج - ڇهہ مرد پنهنجي واري وٺڻ لاءِ انتظار ۾. عورتن جون رڙيون، ڪيڪون دانهون سڀ هوا ۾ گونجنديون رهيون. ان وقت سيني کان وسري ويو تہ هو هندو هيا يا مسلمان. صرف ٻہ ذاتيون هيون. ظالم مرد ۽ مظلوم عورت. اتهاس (تواريخ) ۾ اهڙا هزارين لکين ساموهڪ بلاتڪار (Mass Rape) ٿيا هوندا. پر ڪنهن ڪجهہ لکيو آهي؟ ان ڏينهن مونکي هڪ ڪتاب ياد آيو:-

The God is dead

مون اهو ڪتاب پڙهيو ڪونهي پر ان جو عنوان ڳهڙو ڪجهه ٻڌائي ٿو. ڪجهه سالن کان پوءِ مان بمبئيءَ جي اُپنگر (Suburb) گهاٽڪوپر ۾ پرئڪٽس شروع ڪئي. اتفاق سان اسٽيشن جي پرسان اسڪول، ڪاليج، مزور، جهوپڙ پٽي ۽ وئشائون هيون. ان پس منظر کي ڪٽي مون هي ڪتاب لکيو آهي. گهڻيون ئي زميني حقيقتون آهن. آسماني ڪلپنا ڪجهه به نه.

توهان کي ڪيترا پاتر (ڪردار) ڏنل وائنل لڳندا. منهنجو ڪنهن به هڪ شخص ڏانهن اشارو ڪونهي. مشابهت محض اتفاق سمجهو وڃي. مان وري به دهرائيندس ته :

ڪبير ڪڙا بازار ۾ مانگي سپ ڪي خٽر،
ناڪاهوسي دوستي، ناڪاهوسي بٽر.

ڈاڪٽر ايسر پاروالي

ڪتاب ۾ آيل ڪي نوان اَکر

عامدار - اسيمبلي ميمبر = M.L.A.
خاصدار - پارليامينٽ ميمبر = M.P.
منتري - وزير = Minister
منتري منڊل - وزرات = Cabinet
لوڪشاهي - جهموريت = Democracy
پنوتي -بدنصيبي آٽيندڙ = Bad Luck
اغوا -پڃائي وڃڻ = Kidnap
جهوپڙپٽي -جهوپڙن جي بستي = Slums

مهاڳ

شهر جي چؤواڻي تي رکيل آئينو

پروفيسر هيرو شيوڪاڻي

ناول جي ڪيترين وصفن ۽ ويا ڪيائن ۾، هڪڙي اِها به آهي ته ''ناول چؤاڻي تي رکيل آئينو آهي''. آئينو ڪوڙ نه ٻوليندو آهي. سمورو سچ پل ته اُهو نه ڏيکاريندو هجي، پر ظاهري طور، اُن جي اڳيان، جيڪا به حقيقت ، ٿيندي، گذرندي آهي، اُها آئينو ڏيکارڻ کان سواءِ رهي نٿو سگهي.

ڊاڪٽر ايسر پاروالي جو هي ناول 'زندگي؟ ڪڏهن سڏکو ته ڪڏهن ٺهڪ' لاشڪ حقيقت شناسيءَ وارو ناول آهي. ناول جو سمورو ڪٿانڪ، جنهن شهر، شهر جي جنهن روئداد جو ذڪر ڪري ٿو، اُهو پڙهندڙ کي، سئنيما جي پردي تي هلندڙ وهندڙ سچين تصويرن، وارداتن ۽ وهنوارن جي گرفت ۾ آخر تائين جڪڙي رکڻ جي سگهه رکي ٿو. اِنهي يڪاوٽ درشن جي حوالي ۾، جن ۾ن مکيه خوبين ڪري، هي ناول، عام وندرائيندڙ ناول کان مونکي ڇڪو مٽيرو نظر آيو آهي، اُهي به خوبيون هي آهن: پهرين: شايد سنڌي ٻوليءَ ۾ وٺيائن جي زندگيءَ جي ڪوڙين ۽ مٺين حقيقتن تي روشني وجهندڙ هي پهريون ناول آهي ۽ ٻين خوبي اِها آهي ته ورهاڱي بعد هتي پارت ۾، سنڌ مان لڏي آيل سنڌي ريفيوجين جي وسايل وڏي بستي پنجاه پنجونجاهه سالن ۾ بي ترتيبيءَ سان اُسري آيل ڪئمپ، پوءِ ڪٿن شهر ۾ تبديل ٿي ۽ اُن جي سياست ۾ لوڪشاهيءَ جي نالي ۾ ٺوڪشاهي ۽ ٻوڪشاهي وڌندي رهي آهي. ليڪ ٻنهنجي قلم جي زور سان ٻنهنجن آزمودن ۽ احساسن سان توڙ تائين سچو رهندي، بي طرفداريءَ سان اِهي تلخ سچ اِظهاريا آهن. ايسر پاروالي، لٽريچر يا فلاسافيءَ ۾ پي.ايڇ.ڊي. ڊگري يافته ڊاڪٽر نه آهي. پروفيشن جي لحاظ کان هوءَ هوميوپيٿيءَ جو چڱو ماهر ڊاڪٽر آهي. گذر معاش لاءِ اُلهاسنگر ۾ اهڙي ڪلنڪ هلائيندو آهي. ليڪن منهنجو پُراڻو يار ايسر پاروالي، خود شروعات ۾ ڪيترا سال مڪاني سياست جو سرگرم ڪارڪون ۽ اڳوان رهيو ۽ اڄ به هڪ سياسي پارٽيءَ سان جڙيل آهي. مگر عام سياسي ۽ سماجي شيواڌارين کان الڳ هڪڙو ڏهين، گهري نظر ۽ اِنساني جذبي سان سرشار ۽ سڀ کان وڌي ڳالهه، هوءَ ساهتيه ۽

ٻئي علم جي چڱي چوکي مهارت رکي ٿو. شايد اِنڪري، سياسي ۽ سماجي جيون جا انيوهن جيکي پاڻ ڏاتي طور پرايا ۽ پروڙيا اُنهن کي کهاڻين، ليکن ۽ ناولن ۾ آڻڻ جي سهج ڏات به هُن حاصل ڪري ورتي آهي. ۽ چاکاڻ ته سرگرم سياست ۽ سماجي جيون ۾ رهندي، هوُ اهڙن ٻين اڳوانن ۽ ڪارين ڪرتائن کان الڳ ايماندار، بي باڪ رهيو، تنهن ڪري سياست ۾، اڄ جئن ٻين ڪيترن کي ڪاميابي، ناڻو، نالو، عيش ۽ آسودگي ماڻيندي اسين ڏسوُن ٿا، اُهي نعمتون يا زحمتون ايسر پارواڻي کي ته ملڻيون ئي ڪونہ هيون، ۽ نہ مليون، 'نہ خدا هي ملا، نہ وصال-صنم' پر ايسر پارواڻيءَ کي اُن جو غم ناهي. هونئن اُلهاسنگر ۾ ٽيهارو ڪن سال رهندي، اِن 'آبسڪيورٽائونشپ' کي وڌندي ويڇهندي ننڍي وڏي وٽ واپار، گهرو هنرن ۾ تڪڙون وڪون ڪٽندي، جئن موُن اُن کي ويڇهائي تان ڏنو آهي. باوجود عقل، سياٽپ ۽ ايمانداريءَ جون اِنساني خصلتون ڏارينڊ ايسر پارواڻي پاڻ جهڙن همراهن کان، دنيوي طور پنتي رهجي ويو آهي. هن ناول ۾ هڪڙو جملو آهي.'ايماندار ماڻهو پبلڪ لاءِ آزار هوندا آهن' (ص 49) ته پانيان ٿو، اِهو گفتو ليکڪ جي خود پوڳنا مان سپجي نڪتو آهي.

ايسر پارواڻيءَ سان منهنجي ويڇهائي يا ياري، هُن جي اُن وقت جي ليڊريءَ ڪري نہ، بلڪ ساهتيہ ۾ هُن جي دلچسپيءَ ڪري يا خود راجنيتيءَ بابت هُن جي راين، جاچنائن بابت، هُن سان ٿيندڙ گفتگو ۽ بحث مان پيدا ٿي. يابد ٿو اڇي ٽيهر ڪن سال اڳ، هُن جو هڪ مذاقيہ ۽ طنزي ڪتاب 'وڪيلن جو پاڙو' شايع ٿيو، تڏهن موُن اندازو لڳايو ته سنڌي ساهتيہ ۾ مذاق ۽ طنز جي ڪوٽ جي ڊاڪٽر ايسر پارواڻي، پري سگهي ٿو. تازو هُن جو ٻيو مذاقي ڪتاب'مفت اگني سنسڪار' شايع ٿيوآهي. اُهو بہ مونکي، گهر شده سنڌي پاڻڪ کي وري ڳولهي لهڻ لاءِ، خاص رس پريو لڳو.

۽ هي ناول، جيتوڻڪ مذاقي ناول ناهي، ليکن اڄ ڪلهہ جي سياست، خاص طور مڪاني ڪارپوريشن جي سياست جي چڱي قلعي کولي ٿو. ليکڪ عام فهم ٻولي۽ ۾، بنا ڪنهن وڌاءُ يا مبالغي جي، شهر جي سرحد تي اُپري آيل جهوپڙپٽي ۽ اُن جي هڪ وڏي حصي ۾ رهندڙ وٺشيائن جي زندگيءَ کان کي حقيقي ڪردار ڪٽي، اُنهن جي اِردگرد جي غلاظت کي واڪو ڪيو آهي. پڙهندڙن کي ڪن سياسي ليڊرن جي ڪميٽي سؤديبازي،

ووٽ بئنڪ قائم ڪرڻ جي هڪندڙ، اڏاوتي نيڪن مان دلالي وصول ڪرڻ وغيرهه جهڙن ڪارنامن منجهان ، ڪي صاف سچاڻي سڳهڻ جهڙا چهرا ٻه نظر اچن. حاصل مطلب اِهو ته ناول جي ڪٿا ۽ سيرت نگاريءَ ۾، حقيقت شناسي، هن رچنا جو، پروسو وڌائي ٿي.

جئن شروع ۾ چيو اتم ته هي ناول يٿارٽ جو آئينو آهي. ليڪن آئينو صرف ٻاهريون روپ پسائيندو آهي، اُهو جيون جو ايڪسري يا ايجا ٻه اندروني 'اسڪئنر' ٽيڪ ڪپندو هو، جي نه ٿي سگهيو آهي. ' سڏڪن ۽ ٽهڪن'جي پٽيان اِن ۾ آيل ڪردارن جو اندر، اُنهن جو من، من جا اُڏما، احساس، بيوسيون، جيڪي شايد اِنساني جيون جا ايجا ٻه وڌيڪ خوفناڪ توڙي خودزده سچ، هن ناول ۾ اچي نه سگهيا آهن. ساهتيڪ ناول ۾، اِن نموني جي جيڪا گهرائي، بصارت (Vision) ۽ احساسداري(Sensibility) بنيادي تقاضائون آهن، اُهي هن ناول ۾ خير کي آهن. قصي(Fiction) ۾ حقيقت (Fact) بيشڪ آهي، پر 'سچ' (Truth)ڪونهي. آئينو ويچارو، ڪوڙ ته برابر ڪونه ڀالهائيندو، پر ساهتيه ۾، خاص ڪري ڪٿا ساهتيه ۾ سچ جي تلاش ئي، رچنا کي تخليقيت(Creativity) جو رتبو بخشي ٿي: پنهنجي پياري ڏهين يار ايسر پارواڻيءَ جو ڏيان، ساهتيه جي اِن رمز طرف ڇڪائڻ لاءِ، موٽن هن مهاڳ جو سهارو ونڊ جي ، فقط اِشاري طور ڪوشش ڪئي آهي.

ڪجهه ٻه هجي، هي ناول شروع ڪان پڇاڙي تائين پڙهندڙن جي دلچسپي قائم رکندو. ڦن کي منورنجن ڏيندو. مباداڪن ڪِردارن جي ٽهڪن ۾ شامل ٿي، ٽهڪ ٻه ڏيندو ته اُنهن جي سُڏڪن ۾ پاڻ ٻه سُڏڪندو مگر هن ناول جي چڱي لڳي زندگيءَ ڪان، هوءُ چاهي ٻه ته، فراريت جو عيش ته بنهه ماڻي ڪونه سگهندو. اِنڪري سنڌي ڪتابن جي 'ببليو گرافيءَ' ۾ هن ناول جي مان مرحبا ٿو ڪريان. آمين

قلم تازو....

هي ڪتاب پڙهڻ کان پوءِ شري هري پنڪج دانهن ڪئي تہ ڪتاب ۾ بادفرنگ جي باري ۾ پوري معلومات ڏنل ڪونهي. مونکي شڪايت جائز لڳي، ان سبب هي قلم تازو لکي رهيو آهيان.

بادفرنگ مطلب فرنگين جي هوا. شايد هيءَ بيماري فرنگين هندستان ۾ آندي هئي ان سبب هي نالو - باد (هوا). فرنگ (فرنگي) ڏنو ويو آهي.

مهينن جا مهينا ساموندي جهازن ۾ سفر ڪرڻ کان پوءِ جڏهن خلاصي (Sailors) ڪنهن بندر تي پهچندا هئا تہ پنهنجي سيڪس جي بک مٽائڻ لاءِ وٽشالين (چڪلن) ۾ ويندا هئا ۽ گهٽين ئي استرين سان سنيوگ ڪرڻ سبب بيمارين ڦهلائيندا هئا ۽ پاڻ بہ بيمار ٿيندا هئا. سنيوگ مان پڌرا ٿيل بيمارين کي اڳي V.D (Venereal Diseases) چوندا هئا. گذريل ڪجهہ سالن کان انهن بيمارين کي STD (Sexually Transmitted diseases) چيو ويندو آهي .S.T.D ۾ مکيہ بہ بيماريون آهن. (۱) بادفرنگ (Sypbilis) (۲) پرميل (Gonorrhea) پرميل ۾ پيشاب ۾ ساڙو - نليءَ ۾ ڦٽ وغيرہ ٿيندو آهي. بادفرنگ ۾ مريض کي تڪليف گهٽ ڏيندي آهي. پر ڇپل سالن کان پوءِ شرير جي اندرين عضون ۾ ڪاٽ هٽندي آهي. دماغ، دل، ڦڦڙ، جيرو، بکيون، مطلب تہ سڀني اندرين عضون لاءِ خطرو ٿيندي آهي. اڪين تي ۽ نظر تي بہ اثر ڪندي آهي. پهريائين هن بيماريءَ ۾ مرداڻي يا زناني عضوي تي هڪ ننڍڙي بنا سور جي ڦرڙي نڪرندي آهي. ٻن ٽن ڏينهن ۾ ليڪ ٿي سڳهندي آهي. انکان پوءِ ڪجهہ سالن کان پوءِ (stage Secondary) تي بہ ٿوري وڌي ڦرڙي نڪرندي آهي. جيڪا بہ ڪجهہ وقت ۾ ليڪ ٿيندي آهي پر گهٽين حالتن ۾ هيءَ بيماري اندرين عضون تي حملو ڪندي آهي. ان کي چئبو آهي (Tertiary stage) پوءِ هيءَ بيماري خطرناڪ ٿيندي آهي. جيڪي ماڻ پيءُ هن بيماري ۾ ورتل هوندا آهن انهن جي نون جاولن ٻارن ۾ هيلين بيمارين ڏنيون ويون آهن.

۱. جنم کان سورداس (انڌو)
۲. جنم کان ڪنگا ڦڏا عضوا
۳. جامڙا ٻار
۴. جنم کان مند ٻڌي (گهٽ دماغ)
۵. ڏاڍا وانگر نڪتل ڏند وغيرہ

ايڇ ڪالهہ (Aids) جي بيماري خوب ڦهليل آهي. اها پڻ S.T.D آهي. انجي باري ۾ اخبارن ۾ خوب معلومات اچي رهي آهي.

ليڪڪ

(١)

هيءَ هڪ ان شهر جي ڪهاڻي آهي جيڪوگذريل 50 سالن ۾ آرٽڪ ترقي ڪري ويو آهي. 50 سال اڳ ۾ نوڪرين وارا، ڊاڪٽر، وڪيل ۽ نندا دڪاندار ئي شهر جا مکيہ ماڻهو هوندا هيا. بيروزگاري جام هئي. هڪ ڪتاب نڪتو نندڙا گهرو هنر. ان ڪتاب جي مارڪيٽ ۾ اچڻ سان ڪن ماڻهن پنهنجا نندڙا ڪارخانا شروع ڪيا. ماڻهن کي ٽيڪنيڪل جاڻ گهٽ هئي. پر سرڪار جي غلط برابر پاليسين ڪري مهانگائي وڌندي پئي ويئي. مهانگائيءَ سبب هر چيز مهانگي ٿيندي پئي وئي.ڪارخانن ۾ ايندڙ ڪچو مال پڻ مهانگو ٿيندو ويو. ائين نندا نندا هنرن وارا مالڪ شاهوڪار ٿيندا ويا. نوان شاهوڪار نہ انڪم ٽئڪس ڀرين ۽ نہ سيلس ٽئڪس ۽ نہ ايڪسائيز ڊيوٽي. ائين شهر ۾ نوان شاهوڪار پئدا ٿي ويا. نندن ڪارخانن ۾ مزور پڻ آيا. سڀ مزور ڳوٺن مان آيل هوندا هيا. ڪيتي ٿوري ۽ ڪٽنب وڏو، اهڙن ڪٽنبن مان آيل ماڻهو ڪارخانن ۾ ڪم ڪندي پاڻ کي سکي پائيندا هيا. هر مهيني پگهار مان ڪجهہ حصو گهر ڏانهن پڻ موڪليندا هيا. پنيان گهر ۾ سڄو دارومدار هيو برسات تي برسات پوي تہ اناج پئدا ٿئي ۽ گهر جي حالت ٺيڪ. برسات نہ پوي تہ گهر جي حالت نازڪ . اهڙن ڪٽنبن لاءِ شهر مان ايندڙ مني آرڊر هڪ غنيمت هئي. ڳانون ۾ ان کي چوندا هيا مني آرڊر ايڪانامي . پورو آرٽڪ ڊانچو مني آرڊر تي ٻڌل هيو.

شهر ۾ واڌ ٿي تہ سرڪاري زمين تي غريبن ۽ مزدورن جا جهوپڑا بہ ٺهي ويا. شهر ۾ ڪرياني وارا، ڪپڙي وارا، ڊاڪٽر ۽ ٻيا نندا وڏا واپاري پڻ ترقي ڪرڻ لڳا.

بمبئيءَ ۾ اخبارن ۾ هڪ نئين بيماري ايڊس جي باري ۾ ليکہ اچڻ لڳا. ايڊس جي خطرناڪ نتيجن ۽ اعلاج هڻڻ جي باري ۾ڇڏهن ليکہ آيا تہ ماڻهن ۾ ڊپ ڦهلجي ويو ۽ ڪن حالتن ۾ سجاڳي اچي وئي. بمبئيءَ جي وڏالين (چڪلن) ۾ ماڻهن وڃڻ گهٽائي ڇڏيو ۽ ڪن ماڻهن تہ توبهہ ڀري ڇڏي. اخبارن ۾ خبرون آيون تہ بمبئيءَ ۾ ٢٥-٣٠ سيڪڙو ماڻهن وڏالين ۾ وڃڻ بند ڪيو آهي. سڀاويڪ آهي تہ اهڙين حالتن ۾ بدصورت ۽ وچولي عمر وارين وڏيائن جو ڏنڊو لڳ پڳ بند ٿي ويو. ڪيتريون نوجوان وڏائون ڪمائي ڪري انهن جي پالنا ڪندیون هيون. پر آخر ڪيستائين؟ هرهڪ انسان پهريائين پنهنجو سوچيندو آهي ۽ پوءِ ٻين جو. وڏائون بہ انسان

آهن. انهن به دک ڏنا آهن. انهن کي هين جي دک جو احساس ضرور هوندو آهي پر کنهن حد کان پوءِ اهي به پٿر ٿي ويندیون آهن.

بک ۽ پاهه ٽيندڙ اهڙيون کجهه وٺائون پنهنجي روزگار خاطر پنهنجو معمولي سامان کڻي اچي هن نئين شهر ۾ واسو کيو. اهڙين وٺائن جا ۵-۶ جهوپڙا نهي ويا. هک ديسي دارون وڪڻندڙ ته اڳ ۾ ئي شهر ۾ موجود هيو. ان جا گراهڪ سڀ غريب مزدور پنهنجي گهونن ۾ ته هو کڏهن وٺائن وٽ وڃڻ جو سوچي به نه سگهندا هيا. پر هن شهر ۾ .....

دارون پيئڻ کان پوءِ انسان کليو کتاب ٿي پوندو آهي. دارون پيئڻ کان پوءِ مزور سڀ چرتر جون ڳالهيون، نيڪ نامي۽ جا قصا وساري ويهندا هئا. وٺائن کي پيٽ جي بک ۽ مزورن کي سيکس جي بکه. هئي پنهنجي بکه مٽائڻ لڳا سڄي جهوپڙپٽي۽ ۾ سج لڏي کان پوءِ اوندهه. بجلي ته هئي ڪونه گاسليٽ جي بتين جي روشني۽ ۾ ۽ دارون۽ جي نشي ۾ ٻڍي، ڪراڙي يا جوان وٺشيا جي وڃ ڪو به فرق نظر نه ايندو هيو. چوندا آهن ته بک ۾ بصر به مٽا سيکس جي بک ۾ مزورن کي سڀ وٺائون سندر نظر اچڻ لڳيون.

31/07/07

'هري اوم'

مانيور پاڻ ڊاڪٽر ايسر پارواڻي، ڊاڪٽر ايچ. جي. اُتمچنداڻي، اندرلعل سوماڻي جي

توهان پائرن وتان 'هارهان دوائون - هزار بيماريون' جهڙو نايابه کتاب پهتو آهي.

اڄ جڏهن انگريزي علاج ڏاڍو مهانگو آهي ۽ انگريزي دوا سان بيماري۽ جي پاڙ نه ٽي پٽجي اُتي هي توهان انمول کتاب کافي قبول پوندو.

منهنجون سڀ کامنائون توهان پائرن ۽ سنڌي ساهتيه مالا سان آهن. جيڪي سنڌي قوم لاءِ پاڻ پتوڙي رهيا آهن. کتاب موڪلڻ لاءِ ڏنيواد قبول ڪندا.

هک پيڻ
دیا جشناڻي.

(٢)

وڏندڙ شهر جي جاگرافي ڪجهه هن نموني هئي. لوڪل گاڏيون بمبئيءَ مان ايندیون ويندیون هيون. گاڏي وڃڻ کان پوءِ اسٽيشن سنسان هوندي هئي. اسٽيشن جي اوپر ۾ بستي‌هئي ۽ اولهه ڳهٽ وسيل هيو. اسٽيشن جي سامهون اولهه طرف هڪ اسڪول هيو جتي هندي ماڊيم وارا هار ايندا هئا. گهٽا هار مزورن جا هئا ۽ اسڪول ميونسپل طرفان هلندو هيو. پڙهائي سني ڪونه هئي پر مزور آخر هار ڪيڏانهن موڪلين؟ اسٽيشن جي ڏکڻ ۾ هڪڙو ننڍڙو هنومان جو مندر هيو. سڀني هنڌ ايهو رواج آهي ته هنومان مندر سان ويايام شالا (ڪثرت شالا) ساڻ هوندي آهي پر هن مندر سان کابه ڪثرت شالا ڪونه هئي. هڪڙو پارت ٽائيم پوجاري هيو. صبوح شام آرتي ڪندو هيو. مندر مان کا اُپٽ ته ڪونه هئي. سال ۾ هڪ دفعو هنومان جينتيءَ جي موقعي تي ڪجهه شرڌالو مندر جي پيٽيءَ ۾ ڪجهه دکشڻا وجهندا هيا. مزور پنهنجي وت آهر پئسا وجهندا هئا پر اهي هڪ پوجاريءَ جي گاڏي پيتي لاءِ ڪافي ڪونه هيا. اسڪول جاوديارڻي شرڌا سان مندر ۾ اڇي نمسڪار ڪندا هئا پر پئسا وجهڻ جي شڪتي انهن ۾ ڪونه هئي. مندر جو پوجاري هنومان چاليسا روز پڙهندو هيو ۽ زور سان پڙهندو هيو.

"سنڪٽ موچن نام تهارو" پر هنومان هن جا سنڪٽ ڪونه گهٽائي سگهيو. برهمچارين جو خاص پگهوان آهي هنومان. ڪثرتي پهلوان هميشهه هنومان جي پوڄا ڪندا آهن ۽ برهمچريه جو پالن ڪندا آهن.

بستي ڏکڻ طرف وڌڻ لڳي. ريل جي پٽي پرسان وٺشائن جا جهوپڙا ۽ وچ ۾ هڪ روڊ. روڊ کان پوءِ مزورن جا جهوپڙا بنهي نمونن جي جهوپڙن وچ۾ روڊ هڪ سرحد هيو. مزور پنهنجي‌ڏن ۾ پورا ۽ وٺشائون شام جو انتظار ڪندیون هيون. سج لٿي کان پوءِ سرحد گم ٿي ويندي هئي. اوندهه ۾ مزور رستو پار ڪري وٺشائن وت ويندا هئا. ڏينهن جو وٺشائن کي گاريون ڏيندا هئا.

بنهي طبقن کي ملائيندو هيو دارونءَ جو اڏو. دارون پيئڻ کان پوءِ مزور پاڻ کي سماجڪ بندڻن کان آجو سمجهندا هئا. دارون پيئڻ کان پوءِ فلمي گانا ڳائيندا وٺشائن وت ويندا هئا. کي کي مزور پاڻ سان گڏ ٽرانزسٽر به ڪٽي ويندا هئا. هڪ طرف ريل گاڏي، بي طرف گانا ۽ پاسي ۾ وٺشيا! مزور ان معل پاڻ کي لکنو جا نواب سمجهندا هئا! نواب واجد علي شاهه به مجري مان ايترو مزو نه ماڻيو هوندو جيترو هي مزور نشي ۾ ماڻيندا هئا. ڏنڏو وڏندو

ويو تہ وٹشائن کي احساس ٿيڻ لڳو تہ پاپ ڪري رهيون آهيون. پنهنجا پاپ ڳهٽائڻ لاءِ وٹشائن مندر ڏانهن رخ ڪيو. ڪمائي سڀ ٿيندي هئي تہ مندر جي پيٽيءَ ۾ بہ دکشٹا وڌندي هئي.

پوجاري پيٽيءَ مان مليل پئسا ڏسي خوش ٿيندو هيو ۽ وٹشائن جي ڪمائي مان مليل پئسن لاءِ سوچيندو هيو تہ پاپ جو پئسو آهي پر دل ۾ چوندو هيو تہ پاپ مان تہ ڪونہ ٿو ڪيان. پاپ جي پاونا من مان ڪيڻ لاءِ زور سان هنومان چاليسا پڙهندو هيو.

''سنڪٹ موچن نام تهارو'' ۾ هنومان پوجاريءَ جا سنڪٹ دور ڪيا ۽ مندر ۾ ايترا پئسا اچڻ لڳا جو پوجاري ڪارخاني مان نوڪري ڇڏي آيو ۽ سڄو ڏينهن فل ٽائيم پوجاري ٿي ويو.

15/07/07

مانوارا پاءُ ڈاڪٹر ايسر پارواڻي، خوش ڪجو شال! جئپور

عرض تہ مان ڏيڍ مهني لاءِ پنهنجي فرزند وٽ بمبئيءَ ويل هوس. واپس موٽڻ تي ڊير اِخبارون، مخزنون، ڪتاب ۽ خط نظر مان ڪڍيم. ان ٽپال ۾ اوهانجو ڪتاب 'هارهان دوائون - هزار بيمارين' بہ حاصل ٿيو. يادگيريءَ لاءِ وڏي مهرباني. اَڪين ۾ ڪاري پاڻي (گُلوڪوما) جي تڪليف هئڻ ڪري انڪي صرف سرسري نگاهہ سان ئي ڏسي سگهيس.

هوُميوپئٹيءَ تي لکيل پنهنجي قسم جو اهو پهريون ڪتاب ڏنو اٿم . اُميد تہ ان پئٹيءَ ۾ چاهہ رکندڙن لاءِ اهو ڪتاب سونهون ثابت ٿيندو. ان پيشڪش لاءِ منهنجيون شُڀ ڪامنائون قبول ڪندا.

ڇڄ عرصو اڳ اوهان مذاقي ادب جي سلسلي ۾ سنڌ جي اديب حليم بروهي سان گڏ لکيل هڪ ڪتاب موڪليو هو. حليم بروهي ڏهين اِنسان هو. هن مونکي ١٠-١٥ سال اڳ ہ - ٽي ڪتاب بہ موڪليا هُئا.خبر ناهي هوُ صاحب هن هو قت حيات آهي بہ يا نہ. ١٥-٢٠ سال اڳ سنڌ وارن سان منهنجي چڱي خط و ڪتابت هئي. پرهاڻي بلڪل بند آهي.

اوهانجي سُڻي صحت لاءِ دُعاگوُ

اوهانجو

واسديو سنڌو -'پارتي'

(٣)

اسکول جو هيڊ ماستر ڏسندو هيو تہ مندر ۾ روز وڃڻ جي آمدرفت وڌيل آهي. دل ۾ غصو ايندو هيس پر ڇا ڪري سگهندو؟ هڪ ڏينهن پوڄاريءَ کي اسکول ۾ گهرايائين. پوڄاريءَ کي چيائين، تنهنجي مندر ۾ وڃڻ اڇن ٿيون. اسکول جا ٻار خراب ٿي سگهن ٿا. تون اُنهن کي ڇو کونہ ٿو روکين؟

پوڄاري - سر، مندر منهنجو ناهي پگهوان جو آهي. مان ڪير آهيان جو اُنهن کي روکيان . ڪنهن کي بہ مندر ۾ اچڻ کان روڪڻ پاپ آهي. مان پاپ ڇو ڪيان؟

هيڊ ماستر - وڃڻ پاپ جو پئسو تنهنجي مندر ۾ وڃهن ٿيون. تون بہ اُنهن جي پاپ ۾ پائيوار آهين.

پوڄاري - وڃڻ توهان کي نظر ٿيون اچن. ٻيا ڪيترا چور چڪار پاپي ايندا هوندا. ڪنهن کي بہ روڪڻ منهنجو ڪم نہ آهي. مان تہ پگهوان کي پرارٿنا ڪندو آهيان تہ سڀني کي سمت ڏي.

هيڊماستر- ٻارن جا مائٽ مونکي ڏوهہ ڏيندا.

پوڄاري - ٻارن جي مائٽن کي سمجهايو تہ وڃڻ وٽ نہ وڃن.

هيڊ ماستر- منهنجو ويچار آهي تہ مائٽن جي ميٽنگ کولايان پر ڪوئي بہ پنهنجو گناهہ قبول ڪونہ ڪندو.

پوڄاري - گراهڪ نہ ويندا تہ ڏنڊو پاڻيهي بند ٿي ويندو.

هيڊماستر-مان ميونسپل جي ميئر کي لکي ٿو موڪليان. مان پنهنجي جوابداري لاهي ٿو ڇڏيان .

پوڄاري - هڪ وڃيا جو ٻار داخلا ۽ اڇي تہ ان کي داخلا نہ ڏيندا.؟

هيڊماستر- ڏيڻي پوندي.

پوڄاري -مان بہ مندر ۾ ڪنهن جي داخلا روکي نہ ٿو سگهان .

پوڄاري -توهان ميئر کي لکي موڪليو تہ ڪجهہ اُپاءِ ولي. مان پگهوان کي صبوح جو پرارٿنا ڪري عرض ٿو ڪيان تہ گراهڪن کي سمت ڏي.

پوڄاري موڪلائي اُٿيو ۽ هيڊماستر هڪ ليٽر ميئر کي لکي موڪليو تہ ڪجهہ ڪيو.

ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ وارڊ جو چونڊيل ڪارپوريٽر آيو. هيڊ ماستر پنهنجا

ڊڪ سور ہڏايس ڪاروپريٽر دارون٤ جي دڪان مالڪ جو دوست هيو. دارون٤ جو دڪان‌تہ هيو بي قاعدي. ڪاروپريٽر دارون٤ واري ڪي ڊڪ سڪ ۾ مدد ڪندو هيو. ڪارپوريٽر هيو پوليس جو خبري . پوليس ۽ دارون٤ واري جي وچ۾ هڪ پل ٺي ڪم ڪندو هيو. ميونسپل چونڊن مهل دارون٤ وارو ڪارپوريٽر ۽ پبلڪ جي وچ۾ پل ٺي ڪم ڪندو هيو. هنهي جو وجود هڪ ہئي تي مدار رکندو هيو.

ڪارپوريٽر سوچيو تہ جيڪڏهن وٹشائون اُڻي ويندين تہ دارون٤ وارو خلاص ٺي ويندو. دارون٤ وارو خلاص تہ مان خلاص! سوچيائين تہ معاملو جيئن جو تيئن هلڻ ڏجي. دل ۾ سوچيائين تہ ميونسپل چونڊون ويجهو آهن. هن وقت کو قدم کڻبو تہ ڪٽي ميونسپل جي ڪرسي هٿن مان نہ هلي وڃي. اسڪول جي هيڊ ماسٹر کي ناراض ڪرڻ بہ نيڪ نہ آهي. ہئي ڏينهن اسڪول ۾ ويو ۽ هيڈماسٹر سان مليو. ڪيس خاطري ڏنائين تہ ميونسپل چونڊن کان پوء وٹشائن جا جهوپڑا ڊاهي پٽ ڪندس. ٿورو صبر ڪيو.

هيڊ ماسٹر خوش ٺي ويو. سهني ايندڙ ويندڙ ماڻهن سان ڪارپوريٽر جي سارهہ ڪندو رهيو.

22/06/07

شري ايسر پاروائي‌صاحب،

پيارا متر اميد تہ پريوارسميت مزي ۾ هوندا. توهانجي طرفان هڪ ڪتاب پهتو آهي. 'هارهان دواٹون - هزار بيماريون'.

دلبر مان هنيئر ٧٥ سالن جو ٺي ويو آهيان. دل جي بيماري٤ ۾ مبتلا آهيان. مان توهانجي ڪتاب جو فائدو نہ ٿو وٺي سگهان ڪارڻ مونکي خبر ڪونہ ٺي پوي تہ هي دواٹون بنا ڈاڪٹر جي ڪيئن ٿيون استعمال ڪري سگهجن. مونکي تہ اها بہ خبر نہ آهي تہ هوميوپيٹڪ دواٹون ڪنهن کي چيو ويندو آهي. مونکي خبر آهي سرڪاري اُنگريزي دواٹون آهن پر بہ دلبر ڪيتريون دواٹون وٺي ڪيتريون دواٹون وٺي ٿيون سگهجن

اڄ زندگي کان وڌيڪ مون وڌيڪ ضروري ٺي پيو آهي. خاص ڪري مون جهڙي ماڻهون لاء . جئن هلي پيو هلي موت آيو تہ مري وڃبو اهو آهي مون لاء زندگي٤ جو مقصد ايشور ڪريايشور ڪري توهانجن شيوا پاڻ جي شيوا جيڪي ضرورتمند فائدو وٺي سگهن تہ اهو بہ ڪهٹ آهي. ڪتاب موڪليو اٿو. ان لاء شڪر گذارآهيان.

هوتو سنڈو پياسي

(۴)

جھوپڑپلي ۾ هڪ ڊاڪٽر اچي ويو. اصل اُتر پرديش جو ويندل هيو. نالو هيس ديال. اصلي وڻن جي خاندان مان هيو. وڻن لاءِ شاهه لطيف ويچ اکر کتب آندو آهي. وڏ، ويچ، طبيب، حڪيم اکر جھوني زماني‌کان ونجي ڊاڪٽرن لاءِ ڪم ايندا آهن. اڄين زماني ۾ جڏهن اڄا ميڊيڪل ڪالیج ڪونہ هيا تڏهن خاندان وڏ (حڪيم) هوندا هيا. اهڙي هڪ خاندان وڏ ڪتب مان هيو ڊاڪٽر ديال. ڊاڪٽر ديال پنهنجي پتاجي رسوخ تي ڊاڪٽري ۾ جي رجسٽريشن ونجي آيو هيو. ڊاڪٽر ديال کي ڊاڪٽري جاڻ گھٽ هئي پر من ۾ ديا زبردست. غريبن جي بستي ۾ هنجو نالو پئجي ويو ڊاڪٽر دين ديال. دين ديال جي پي ۾ پٽ کي چيو هيو، بيٽا مريض پٽسا ڪٽي اچي يانہ، هن کي دوا ملڻ کپي. دين ديال پي ۾ جي صلاح موجب سيني کي دوا ڏيندو هيو. مهيني جي آخرين تاريخن ۾ مزور ۽ وڻائون هن وٽان بنا پئسي بہ دوا ونجي ويندا هئا. ڊاڪٽر دين ديال وٽ مريض جام پر پئسا گھٽ هوندا هئا. تنهن هوندي بہ ڊاڪٽر دين ديال خوش رهندو هيو. پاڻ بہ اڪيلو مزورن جي لائين ۾ هڪ جھوپڙي ۾ رهندو هيو. بيمارن جي شيوا لاءِ ۲۴ ئي ڪلاڪ حاضر. صبوح جي وقت ۾ ڊاڪٽر دين ديال وٽ وڻائون جام ۽ شام جو مزور جام. اڄين زندگي هلندي رهندي هئي.

ڊاڪٽر دين ديال هر عورت کي پيٽ پيڙ چوندو هيو. هڪ وڻاهئي جنهن جو نالو هيو وديا. اها هڪ ڏينهن تيز بخار ۾ ڊاڪٽر دين ديال وٽ آئي. ڊاڪٽر ٿرمامیٽر لڳايو ۽ ڪرائي مان نبض تپاسڻ لڳو. ہن منٽن کان پوءِ وات مان ٿرمامیٽر ڪڍي ڏنائين تہ 103 بخار . يڪدم چيائين پيٽ، توکي تہ تمام گھڻو بخار آهي. سئي لڳندي. وديا کي عجب لڳو تہ هن خودغرض زماني ۾ اهڙا ماڻهو موجود آهن جيکي مونکي پيٽ چئي پڪاري سگھن تا. سئي هڻائي دوا ونجي ويئي پر من ۾ ڊاڪٽر لاءِ هڪ عزت کڻي ويئي.

وديا وڻيا ضرور هئي پر هن جو من ڏنڊي ۾ کونہ هوندو هيو. شرير ڊولائتو، اکيون وڏيون ۽ ڪشش ڪندڙ. هن وٽ گراهڪن جي لائين لڳندي هئي. پر هن جو من پڙهائي ۾ هيو. ڪڏهن پکوڙا يا ٻيو ڪجهہ ڪاڏي جو سامان ونجي ايندي هئي تہ پراڻيون اخباري خبرون پڙهندي هئي ۽ ٻيو سڄو ڪم ڪار پيو هوندو هيو ۽ هوءَ پڙهندي رهندي هئي. کو گراهڪ اخبار

ڪڻي ايندو هيو تہ ان کان اخبار ڦري رکندي هئي ۽ واندڪائيءَ ۾ ويهي پڙهندي هئي. ٻيون وٹشائون هن جي پڙهائيءَ جي شونق تي ڪلنديون هيون پر ڪنهن وقت جڏهن پڙهائڻي هوندي هئي يا مني آرڈر موڪلڻو هوندو هيو تہ وديا بنا ڪنهن غصي جي شيوا لاءِ حاضر هوندي هئي. تنهن هوندي بہ وديا سيني وٹشائن کان الڳ ڪنهن سپنن جي دنيا ۾ رهندي هئي. ٹورو ڀالهائڻ سبب ڪنهن بہ وٹشيا جي ويجهو ڪونہ هوندي هئي. سڀ وٹشائون هن کي پنهنجو همدرد سمجهنديون هيون. وديا جي اکين مان هڪ مايوسي ۽ اُداسائي نظر ايندي هئي. هن جي اکين ۾ ڪنهن اڻ ڄاتل، اڻ سڃاتل راجڪمار جو انتظار هوندو هيو.

ڈاڪٹر دين دياال هن کي پيڻ چيو تہ هوءَ سوچيندي رهي. بخار سبب هن ڪنهن بہ گراهڪ کي ويجهو اچڻ ڪون ڏنو ۽ سوچيندي رهي ان پيڻ اکر تي هنکي پنهنجو ٻالپڻ (بچپن) ياد آيو. هنکي ياد آيو نندو پاءُ. سوچيائين مان گهر ۾ هجان ها تہ منهنجو پاءُ بہ مونکي ائين پيڻ ڪري پکاري ها. پاءُ کي ۽ گهر کي ياد ڪري وديا جي اکين ۾ ڳوڙها تري آيا. اکين آڏو اڇي ويس پنهنجو نندڙو گهر ۽ پنهنجي ڳوٹ جو اهو اسڪول جتي هن شروعاتي تعليم حاصل ڪئي هئي.

'12 دوائون - 1000 بيماريون'

هي ڪتاب سون ماڻهن پڙهيو ۽ هزارن ماڻهن فائدو ورتو لکين رپيا بچايا آهن. توهان بہ جلد ڪتاب خريد ڪري پنهنجي ۽ پنهنجي ڪٹنب جي صحت سڌاريو. ملڻ جو هنڌ:

جگديش بوڪ ڈيپو

اُلهاسنگر - 2.

فون : 0251-2706560

(٥)

وديا پنهنجي جھوپڙي ۾ سمھي پيئي ھئي. بخار کالھ کان گھٽ ھيس پر منھن مان ڪمزوري بکي پئي. اُٽي ڪري ھٽ منھن ڏوئي چانور اسٽوپ تي رکيائين ۽ پاڻي ڪڍ بيھي رھي. جھوپڙي ۾ ھڪ پلنگ، ھڪ ڪرسي ۽ ھڪ ٽيبل ھئي جنھن تي ھڪ اسٽوپ ۽ ڪجھ برتن وغيرھ پيا ھئا. ھڪ گراھڪ اندر آيو ۽ اچي پلنگ تي ويٺو. وديا کي پنهنجي پاڻي وڍڻ ۽ چانورن ۾ ڪيوي گھمائڻ ۾ کابہ سڌ کو نہ رھي تہ کو گراھڪ اچي اندر ويٺو آھي. گراھڪ بہ اخبار کولي پڙھي رھيو ھيو. ڪجھ منٽن کان پوء وديا کي ڏيان آيو تہ جھوپڙي ۾ کو ٻيو ماڻھو بہ ويٺو آھي. ڇرڪ نڪري ويس پر ڊپ ڪونہ لڳس. ان ڏنڊي وارين جو ڊپ تہ نڪتل ئي ھوندو آھي! وديا پنٽي منھن ڪري چيو، تون ڪڏھن آئين؟

گراھڪ چيو : ١٠-٥ منٽ ٿيا. توھان پنھنجي ڏن ۾ ھيو ۽ مان توھان کي (Distrub) ڊسٽرب ڪرڻ نہ پئي چاھيو. ان سبب ويٺي اخبار پڙھيم.

ھي ٻيو دفعو ھيو جو وديا کي عجب لڳو. کالھ ڊاڪٽر کيس پيڻ ڪوٽيو ۽ اڄ ھي گراھڪ عزت سان توھان ڪري ٿو ڪوٽي. اڄا وديا ان سوچ مان ٻاھر ئي ڪونہ نڪتي تہ گراھڪ عزت سان پڇيو، توھان جو نالو؟ مونکي وديا چوندا آھن ۽ تنھنجو نالو ؟

گراھڪ چيو ، مان پنھنجو نالو ٻڌائيندس تہ توکي برو لڳندو.

وديا وري پڇيو تنھنجو نالو؟

گراھڪ چيو: منھنجو نالو ودياپتي آھي

وديا مشڪندي چيو: ھتي روز روز نوان پتي ايندا آھن! تنھنجو نالو برو ڇو لڳندو ؟ ان چرچي تي ٻئي ڪليا.

گراھڪ اخبار ويڙھي رکي ۽ پڇائين تنھنجي طبعيت ٺيڪ نہ ٿي لڳي.

وديا چيو: کالھ بخار ھيو. سئي لڳائي ۽ دوا ورتي . اڄ ڪجھ ٺيڪ آھي.

گراھڪ وديا جي ويجھو اچي ھانھن پکڙي تہ ھلکو بخار لڳس . ھمدرديء سان چيائينس توکي تہ بخار آھي.

وديا چيو: کالھ کان گھٽو گھٽ آھي. ائين چئي پلنگ تي ويٺي ۽ اخبار ڪٽي پڙھڻ لڳي. ڪجھ منٽ گذري ويا. گراھڪ ڏسندو رھيو ۽ وديا اخبار

پڑهندي رهي. ايتري ۾ اسٽوپ ڦڙ ڦڙ ڪرڻ لڳو. شايد گاسليٽ گهٽ هيو. وديا اُٿي اسٽوپ وسايو. گراهڪ ڏانهن منهن ڪري چيائين، هتي گاسليٽ ۽ بلئڪ ٽي ٽو ملي. اسان کي وڻڪائون سمجهي سڀ دڪاندار ۽ سڀ شپون مهانگيون ڏيندا آهن. سڀ اسان کي ڦريندا آهن.

گراهڪ ڪلندي چيو: توهان گراهڪن کي ڦريندیون آهن.

وديا چيو: اسان جو شرير جو پورهيو آهي. جسماني تڪليفون آهن. گراهڪ سان پهرين هولي ڪنديون آهيون. ڪوئي گراهڪ رپيو ۽ هوليءَ کان مٺي ڪونہ ڏيندو آهي. سڀ گراهڪ قاتل نوٽ اسان کي ڏيندا آهن. دڪاندار وري قاتل نوٽ موٽائي ڏيندا آهن. اسين حقيقت ۾ مظلوم آهيون. اسين ظلم سهنديون آهيون پر توهان سڀ دل ئي دل ۾ اسان سان نفرت ڪندا آهيو. سالا سڀ مطلبي هوندا آهن.

گراهڪ چيو: مان توهان سان نفرت ڪو نہ ٿو ڪيان. مونکي توهان جهڙين تي دايا ايندي آهي.

وديا چيو : مونکي تنهنجي دايا نہ ڪپي. دروازو بند ڪر ۽ اڇي پئسا ڏي ۽ پنهنجا پئسا وصول ڪر.

گراهڪ پئسا ڪڍي وديا کي ڏنا ۽ چيو، تون آرام ڪر ، توکي بخار آهي.

وديا چيو: پنهنجا پئسا وصول نہ ڪندين؟

گراهڪ همدرديءَ سان چيو، ٻئي ڪنهن دفعي، ائين چئي گراهڪ جهوپڙي مان نڪري ويو.

پنيان وديا گراهڪ جي ڇڏيل اخبار پڙهڻ لڳي ۽ سوچڻ لڳي تہ اهڙا ٻہ گراهڪ ڪيندا آهن !

(٦)

وديا پتي هڪ زميندار خاندان مان هيو. اُتر پارت ۾ اُنهن کي ناکر چيو ويندو آهي. وديا پتيءَ جو پيءُ آزاديءَ جو سپاهي هيو، جنهن کي اڇالهه سوتنترتا سنگرامي چيو ويندو آهي. پڪو گانڌي وادي هيو. ڪيترا دفعا جيل ياترا ڪري چڪو هيو. اڇوت (هريجن) اُڌار وغيرهه تي وڏا وڏا ليڪچر به ڏيندو هيو. سڄي عمر کادي پائيندو هيو.

وديا پتيءَ کي پيءُ جا سنسڪار ملیا هئا. اسڪول ۾ اصولن جون ڳالهيون ڪندو هيو. اسڪول ۽ ڪاليج ۾ پڙهندي هڪ هريجن ڇوڪريءَ سان محبت ٿي ويس. ان ڇوڪريءَ سان شادي ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويو. ڇوڪريءَ جي مائٽن ترت قبول ڪيو پر وديا پتيءَ جي مائٽن انڪار ڪيو. پيءُ سان گهڙو ئي بحث ڪيائين پر ڪجهه ڪونہ ورين. هن جي پيءُ هريجن ڇوڪريءَ جي شاديءَ تي خرچ ڪيو ۽ ڪيس ڏيءَ ڪري شادي ڪرايائين. وديا پتيءَ غصي ۾ پيءُ کي چيو، توهان هن ڇوڪريءَ کي ننهن قبول نہ ڪيو پر ڏيءَ قبول ڪيو. ايهي اڪر ڇڏي گهر مان پڇي نڪتو.

ڪنهن دوست جي صلاح تي هو شهر ۾ هڪ مسواڙي جڳهه وٺي رهڻ لڳو. وديا پتي سنو ليکڪ پڻ هيو. هن ٽن اخبارن ۾ سب ايڊيٽر ٿي لڳو پر آزاد طبيعت هئڻ سبب ڪٿي به ٽڪي نہ سگهيو. آخر ۾ هو هڪ آزاد پترڪار ٿي ويو. ان کي چوندا آهن فري لانس(Free Lance) هر هڪ ليک پنيان هن کي سنا پئسا ملڻ لڳا. اڪيلو ماڻهو ۽ سنجمي سياڻ هئڻ سبب گهڙو خرچ ڪونہ هيس. اخبارن ۾ ليک لکڻ مان ايترا پئسا ملندا هئس جو سکي جيون گذاريندو هيو.

وديا جي هلت چلت، سياڻ ۽ شرير جي بناوٽ هنکي پاڻ ڏانهن ڇکيو. ڪام واسنا جو هروپرو شونقين ڪون هيو. واجبي ڪام واسنا جي پورتي سپني کي ڪپي. ودياپتي هميشهه پنهنجي ليکن لاءِ ڳولها ۾ رهندو هيو. هن کي سڀ کان وڏو دک هيو اڪيلائي. وڏن شهرن جي هيءَ خاص بيماري آهي. وديا سان ملڻ کان پوءِ هن کي لڳو تہ هاڻي منهنجي اڪيلائي دور ٿي ويئي. وديا جو سياو ۽ هلت مان هن محسوس ڪيو تہ پڙهڻ سان هنجو شونق آهي. پنهنجي اخبار نويسيءَ ۾ ڪيل ڪارنامن جي باري ۾ هو گهڙو ڪجهه ٻڌائڻ چاهيندو هيو پر ٻڌائي ڪنهن کي؟ پنهنجي اڪيلائي دور ٿيندي محسوس

ڪندي وديا پتيءَ کي خوشي ٿي پرهڪ سوال جيڪو هن کي ستائيندو رهيو
اهو هيو ته وديا وٽ ڪڏهن ويندو ۽ ڪيترو وقت اُتي گهاريندو؟ وئشيا ڪيتري
بہ سني هجي آخر آهي ته وئشيا! گهر ۾ آڻڻ ته ناممڪن آهي. پر چا ڪجي-
------- هن جي دماغ ۾ ايهي ئي سوال گهمي رهيا هئا. سوچيندي
سوچيندي ننڊ وڃي ويس.

هوڏانهن وديا جي من ۾ سوال اُڀرڻ لڳا ته هي ڪير آهي جو پئسا ڏئي ويو
پر وصول ڪرڻ جي ڪوشش بہ نہ ڪيائين. ودياپتيءَ واري اخبار کولي پڙهڻ
ويني ته هڪ گراهڪ آيس. گراهڪ سان رکو ڀالهايائين ۽ جواب ڏنائين ته
مان بيمار آهيان ۽ اڄ ڏنڊو ناهي ڪرڻو. گراهڪ نراش ۽ ناراض ٿي ٻئي
جهوپڙي ڏانهن هليو ويو.

وديا وري اخبار کولي پڙهڻ لڳي. اوچتو هن جي نظر هڪ ليک تي پئي
جنهن جو ليکڪ هيو وديا پتي، وديا کي اهو ليک وٽيو. سوچيائين ته وديا پتي
ايهو ئي آهي يا ٻيو ڪو؟ دل ۾ چيائين ايهو ئي ودياپتي ليکڪ هجي ته
ڪيترو نہ سنو ٿي پوي. ڪهڙي خبر هي ودياپتي ڪئي رهندو آهي؟ ليکڪ
ودياپتي ايهو آهي يا صرف ساڳئي نالي وارو آهي. ودياپتي وري واپس بہ
ايندو يا نہ؟ گراهڪ ته پونرا آهن الڳ الڳ گلن جو واس ونندا آهن. هي
پونرو جنهن واس بہ نہ ورتو اهو واپس ايندو الائي نہ؟

اوچتو گاسليٽ جي بتي وسامي ويئي ۽ وديا کي ننڊ وڃي ويئي.

(٧)

وديا پتي ڪجهه ڏينهن کان اخبارن مان ملندڙ اجوري جو انتظار ڪري رهيو هيو. مهيني جي پوين تاريخن ۾ هڪڙو چيڪ مڙائي پنهنجا ننڍا قرض لاتا، جڳهه جو پاڙو پريائين ۽ خبرون ۽ ليک ڪنا ڪرڻ لاءِ بنا ڪنهن منزل جي پڻڪندو رهيو. رات جو ٽڪل ٽنل اچي ليٽيو تہ ننڊ برابر ڪون پئي آيس. هر هر هنڪي وديا جي ياد پئي آئي. اهو اُداس ڇهرو، اکين ۾ اُداسي ۽ نراسائي. دل ٽيس تہ اُڏامي جهوپڙي تائين پهچان ۽ وديا جي صحبت جو مزو ماڻيان. صبوح جو سويل اُٽيو. سنان پاڻي ڪري تازا ڏوتل ۽ استري ڪيل ڪپڙا پائي هٽ ۾ پوچ ڪڻي نڪتو. ناشتو ڪري اسٽيشن جي ويجهو وديا جي جهوپڙي وٽ پهچي ويو. دروازو بند هيو. دل ٻڌي دروازو ڙڪايائين. ڪجهه منٽن کان پوءِ دروازو ڪليو. وديا هنڪي اوچتو آيل ڏسي عجب ۾ پئجي ويئي. هڪ ٻہ منٽ ڳالهائي نہ سگهي. ٻن منٽن کان پوءِ وديا پتيءَ کي چيائين، ”اندر اچ“.

وديا پتي جهوپڙي ۾ گهڙيو ۽ پلنگ تي ويهي رهيو.

وديا پاڻي ٻاٽلي مان لوٽو پري منهن ڏوتو. منهن اُگهي وديا پتيءَ کي چيائين، ڪجهه وقت ويهہ تہ مان ضروري حاجت لاهي اچان.

وديا پتي ويهي رهيو ۽ اخبار کولي پڙهڻ لڳو. وديا جهوپڙي مان ننگيل ڏهو ڪنيو ۽ پاڻي پري هلي ويئي. ڪجهه وقت کان پوءِ آئي ۽ هٽ ڏوئي اسٽوپ جلايائين ۽ چانهه رکيائين.

وديا پتيءَ ڏانهن منهن ڪري چيائين توکي تکڙ تہ ڪونهي؟ مان سنان ڪري ونان، جواب جو انتظار ڪرڻ بنا دروازو بند ڪيائين ۽ ڪپڙا لاهي ننگيل نوڙيءَ تي ڦٽا ڪيائين. وديا پتي ڪنڌ هيٺ ڪري وينو رهيو. ايتري ۾ چانهه اُباڙ لڳي. وديا سنان جي موريءَ مان اُٽي ۽ اسٽوپ گهٽ ڪيائين، ڪجهه وقت کان پوءِ ٽوال سان سرير اُگهي، ٽوال ويڙهي، چانهه چاڻي ۽ ڪوپ پريائين. هڪ ڪوپ پليٽ وديا پتيءَ کي ڏنائين ۽ پاڻ پڳل ڪوپ هٽ ۾ ڪڻي وديا پتيءَ جي پاسي ۾ ويهي رهي.

جهوپڙي ۾ ايندڙ اڏوڪابري روشني، هٽ ۾ چانهه ۽ پاسي ۾ هڪ اڌ ننگي عورت! وديا پتيءَ کي پنج ستارا هوٽل ۾ مومبتيءَ جي روشنيءَ تي ڪاڏل هڪ ڏنر ياد اچڻ لڳي. پر ان ڏنر کان وڌيڪ هلچل هئي هن جي من

پر. چانهه پيئڻ کان پوءِ وديا چيو، تون ڏلو ؟ ”اسين ڪيئن رهون ٿيون؟ ريل جي پٽي جي پاسي ۾ عورتون اُگهاڑيون ويٺيون ضروري حاجت ڪن. ريل جي دروازن تي بينل چوڪرا ۽ نوجوان اشارا ڪندا وڃن ۽ سيٽيون وڄائيندا وڃن. اسان کي لڄ ايندي آهي، پر ڪيون ڄاڻ؟“

وديا پتيءَ پڇيو، ڇا توهانکي ميونسپل ڪاکوس به نه نهرائي ڏنا آهن؟

وديا چيو، تون پترڪار (اخبار نويس) آهين. ڪڏهن اسانجي دک درد جي باري ۾ لکيو اٿئي؟

وديا پتي پاڻ کي گناهگار سمجهڻ لڳو دل ۾ سوچيائين، هي هيومن رائيٽس(انساني حقن) جون سنسٿائون گونڊن، بدماشن ۽ سمگلرن جا ڪيس‌ڪٽن ٿا پر حقيقي انساني حقن جا قصا اُنهن کان وسري ٿا وڃن.

وديا اوچتو هن کان پڇيو، جهونا پئسا وصول ڪرڻ آيو آهين؟

وديا پتيءَ کو جواب ڪونه ڏنو.

وديا آهستي آهستي هن جي قميص جا بٽن لاٿا ۽ پوءِ گنجي پڻ لاٿي.

وديا آهستي آهستي ڪن جي ويجهو منهن رکي چيس، پنهنجا پئسا وصول ڪر مونکي ڪنهنجي مهرباني ۽ ديا ڪون ڪپي.

معاملو وديا پتيءَ جي سهن شڪتيءَ کان مٿي ٿي ويو. ستل شرير جاڳي اُٿيو. اخبار پلنگ کان هيٺ ڪري پيئي. پراڻي کاٽيءَ ۾ جيئن سمٽي ۽ ميهار هڪ ٻئي جي ٻانهن ۾ درياهه ۾ لڙهي ويا تيئن وديا ۽ وديا پتي هڪ ٻئي جي ٻانهن ۾ واسنا جي درياهه ۾ لڙهندا ويا. درياهه جي لهرن ۾ هيٺ مٿي ٿيندا رهيا. ڪجهه وقت کان پوءِ هئي ترپتي ۽ سڪون.

وديا پتيءَ کي هڪ پٽ کان پوءِ نند ونی ويئي وديا اُتي هٽ منهن ڏوئي چانهه ناهي. آهستي آهستي وديا پتيءَ کي نند مان اُتاريائين ۽ پڇائينس ته اخبارن ۾ ايندڙ وديا پتي تون آهين يا ٻيو ڪو؟

وديا پتيءَ چيو، مان ئي آهيان ائين چئي هلڻ جي تياري ڪرڻ لڳو ته وديا پڇيس، وري ڪڏهن ايندين؟

وديا پتيءَ چيو، هر ملاقات کان پوءِ جدائي ايندي آهي.

وديا چيو، اڄ کان پوءِ جدائي آهي، پر ملاقات ڪڏهن ٿيندي؟ وديا پتيءَ کنڊ هيٺ ڪري چيو پگهوان جاڳي. ائين چئي جهوپڙي مان نڪري ويو.

(٨)

وديا پتي جھوپڙي مان ٻاھر نڪرڻ کان اڳ ۾ ڪيسي مان ڪجھ نوٽ ڪڍي وھاڻي ھيٺان رکي ڇڏيا. سوچيائين ته خوددار (سواڀيماني) عورت آھي. مفت جا پئسا ڪونہ ونندي . دل ۾ آيس ته ڪڍھن ڪڍھن ڪچري ۾ ڪمل جو ڳل نڪرندو آھي. ھنجو سوچ ان ويچار تي ٻيٺو ته ھنن مظلومن کي انساني حق ڪيئن ڏيارجن؟ ڇا خانگي ڪاڪوس ھڪ انساني حق آھي؟ جانور ته ڪٽي ٻہ ھنگي سگھن تا پر انسان جي مجبوري آھي. انسان ڪپڙا پائي جسم ڇو ٽو ڍڪي؟ ڇا اھي انسان ڪونہ آھن؟ ٻئي ڏينھن سويل صبوح جو اخبار جي ھڪ فوٽوگرافر کي وٺي آيو. ريلوي لائين تي جيڪي ٻہ عورتون ڪاڪوس ڪري رھيون ھيون اُنھن جا فوٽا ڪڍايائين ڏنائين ته ڪي عورتون لڇ لڪائڻ لاءِ ڇٽيون استعمال ڪري رھيون ھيون. ھڪ ليک ان مٿئلي تي لکيائين ۽ عنوان ڏنائين:-

بنا برسات ڇٽيون

ليک ڇپجڻ سان سڄي شھر ۾ ھمدردي ۽ جي لھر ڦھلجي ويئي. ۽ ڪاڪوس جو سوال ميونسپل جي عام سڀا (جنرل باڊي) ۾ آيو سيني ميمبرن يڪراءِ فيصلو ڪيو ته جھوپڙپٽيءَ جي پرسان ڪجھ ڪاڪوسن جا بلاڪ ٺھڻ کپن. پئسا ٻہ پاس ڪيا ويا. جنگي پئماني تي ڪم ھليو. پاڻ کي سرخرو ڪرڻ لاءِ وارڊ جي ڪارپوريٽر ھڪ ميٽنگ ڪوڪائي ۽ پنھنجو ستڪار ڪرائڻ لاءِ ماڻھن کي پئسا ڏنائين ته منھنجو ستڪار ڪري مونکي ھار پايو. ڪن ماڻھن کي پئسا ڏنائين ته مونکي شالون گلي ۾ وڌھو. آخر چونڊ ويڌھو ھئي ته ڪجھ شو بازي ڪرڻي پوندي. ان جھوپڙپٽيءَ ۾ ھڪ وڪيل رھندو ھيو. جنھن جو نالو ھيو چترسين. چترسين جھوپڙپٽيءَ جو اڪيلو وڪيل ھيو. چترسين نالو ھيس پر چترائيءَ جو خاص ماھر ھيو. چترسين وڪالت گھٽ، دلالي وڌيڪ ڪندو ھيو. جھوپڙپٽيءَ جا ڪيترا معاملا پوليس اسٽيشن تي نبيري ايندو ھيو. جھوپڙي وارين ڏرين کي قاعدي قانون جا اھڙا قلم ٻڌائيندو ھيو جو سڀ دنگ رھجي ويندا ھئا. ٻنھي ڏرين کان پئسا ڇڏائيندو ھيو ۽ آخر ۾ ناھ ڪرائيندو ھيو. ڪورٽ ۾ ويندو ته وڪيلن جي ڪمري ۾ ئي ويٺو ھوندو ھيو. ججن ۽ مئجسٽريٽن کي گھرن ۾ سوڪڙيون موڪليندو رھندو ھيو. سال ۾ ٣-٤ جنم دن ملھائيندو ۽ خرچ ڪندو رھندو ھيو. جھوپڙپٽيءَ ۾ آفيس

هئس ان ۾ ته آئي وئي کي چانهه ضرور پياريندو هيو. چتر سين جي دل هئي ته مان به ميونسپل چونڊن ۾ بيهان. اڳ ۾ چونڊيل کارپوريٽر کي هارائڻ جو هي سونهري موقعو هيو. وديا پتيءَ کي ڳولهي لڌائين چيائينس توکي شاباس هجي جو تو ليک لکي جنتا کي جاڳايو آهي. هي کاکوس بلاڪ تنهنجي محنت جو ڦل آهي. تنهنجو ستکار ٽيڪ ڪپي هي کارپوريٽر پاڻ کي ميان منو ٿو سڏائي تون ميٽنگ ۾ ضرور اچ ته تنهنجو ستکار ڪنداسين.

چترسين هٿ مٽي ڪٽي ڳالهائڻ جو موقعو گهريو. اسٽيج تي ويٺل سڀ خوش ٿيا ۽ وڪيل کي مائيڪ هٿ ۾ مليو. چترسين چيو،

پائرو ۽ پينرو -

توهانجو دک درد سمجهيو آهي پترڪار وديا پتيءَ جنهن اخبارن ۾ ليک لکيا ۽ فوٽا ڇپايا اڄو ته گڏجي هن جو ستڪار ڪيون. وديا پتيءَ کي اسٽيج تي گهرايائين ۽ هن کي هار پاتائين. سڀني ماڻهن اڇي وديا پتيءَ جو سواگت ستڪار ڪيو.

ڪارپوريٽر ڪوشش ڪئي ته دارونءَ وارو ڪارپوريٽر طرف ڪجهه قدم ڪٽي پر دارونءَ وارو وڪيل جي ڊپ کان چپ رهيو.

اُن ڏينهن ڪارپوريٽر بدران وديا پتيءَ جو ستڪار ۽ سواگت ٿيو. اُن ڏينهن جو هيرو هيو وديا پتي.

پريه ڈاڪٽر پاروائي،

توهانجو لکيل ۽ ڇپايل ڪتاب 'هارهان دوائون - هزار بيمارين' مليو. ڪتاب پڙهڻ کان پوءِ دل مان توهان جي لاءِ دعائون نڪتيون. هي ڪتاب ڇپائي توهان سنڌي جاتيءَ جي وڏي شيوا ڪئي آهي. مان سڀني دوستن کي توهان جو ڪتاب (Recommend) ڪندو آهيان.

توهان جو
جئرام روپاڻي
سمپادڪ - اسين سنڌي
(انگريزي مئگزين)

(٩)

ڪاڪوسن جا ٻاڪ نهي ويا. وديابتيءَ جو نالو مشهور ٿي ويو. پر هڪ نئون مسئلو پئدا ٿي ويو. هڪ ڏينهن هڪ مائي ڏهو ڪٽي ڪاڪوس ٻاهران بيني هئي. اندر وينل عورت ٽورو وڏيڪ وقت لڳايو تہ مائي ٻاهران بيهي گ اريون پئي ڏنيون. مزورن جون عورتون پنهنجي مردن جي برين عادتن مان ناراض هونديون آهن. هيءَ عورت بہ ناراض هئي. ڪاڪوس مان نڪتي تہ خالي ڏهو مائي جي مٿي تي نڪاءَ ڪيائين. جڳهڙو وڏي ويو. رستي تي ٻنهي طرف بہ ڏريون ٿي ويون. هندستان پاڪستان وانگر ٻئي هڪ ٻئي کي گاريون گند ڏيئي رهيا هئا. هڪ طرف مايون ۽ ٻئي طرف مزور ۽ اُنهن جون زالون پوليس تائين معاملو پهتو. پوليس تاناشاهي حڪم ڪيو تہ اڄ کان پوءِ ڏنڊي واريون ميونسپل جي نهيل ڪاڪوسن ۾ نہ ويندیون ۽ بستيءَ ۾ شانتي قائم رکڻ جو ايهو ئي هڪ طريقو آهي. ڏنڊي وارين کي وري ريل جي پٽي پرسان ڪاڪوس کڙڻو پيو. وديابتيءَ جي ليکن جو فائدو ڏنڊي وارين کي ڪونہ ملیو. ايها سچي خبر ڪارپوريٽر جنهن جو نالو شيوارام راجپوت هيو اُن کي پيئي.

خبر پهچائي دارونءَ واري شيوارام سوچيو تہ مزورن جا ووٽ تہ هٿان هلي ويا هينئر ڏنڊي وارين جا ووٽ تہ بچايان دارونءَ واري جي صلاح سان هڪ ميٽنگ ڪوٺايائين. سيني ڏنڊي وارين لاءِ ناشتي جو هڪ پاڪيٽ ۽ چانهہ جو بندوبست رکيائين.

ميٽنگ شروع ٿي شيوارام پنهنجي ڪيل شيوا جا سچا ڪوڙا داستان ٻڌايا.

ڏنڊي وارين پاران وديا ڀالهائڻ لاءِ اُٿي. وڪيل ۽ وديا پتيءَ اڳيان ٿي سبق پڙهائيءَ ڇڏيو هيو. وديا ڀالهائيندي پنهنجون تڪليفون رکيون:

١. ڏنڊي وارين لاءِ الڳ ڪاڪوسن جو بندوبست

٢. پاڻيءَ جا 2-4نلڪا

٣. بجليءَ جو بندوبست

شيوارام جي ڀالهائڻ کان اڳيان هڪ ڏنڊيواري اُٿي ۽ چيائين تہ پوليس وارا اڄي اسان سان عئش ڪري ٿا وڃن ۽ پئسا نہ ٿا ڏين. اسان کي اُنهن کان پئسا ونڻي ڏيو.!

شيوارام کي ووٽ بٹڻ ڪاهڻي هئي.

ڏاڍي مڏر آواز ۾ چيائين،

پينرو ۽ ماتائون -

اڄا ٻه اکر مس پورا ڪيائين تہ هڪ ڏنڊي واري اُڀي چيو،" اسان تنهنجون پينرون آهيون تہ هلي اسان کي پنهنجي گهر ويهار".

ايتري ۾ هڪ ڏنڊي واري غصي ۾ اُڀي چيائين،" سالا هر هفتي اچي مونسان سمهندو آهين، هاڻي مان تنهنجي پيڻ ٿيس يا ماءُ ٿيس؟"

شيوارام جي موڊ خراب ٿي ويئي تنهن هوندي بہ ڏيمي آواز ۾ چيائين، مان توهانکي هڪ معيني جي اندر پاڻيءَ جا ٻہ نل هڻائي ڏيندس. رستن تي روڊ لائيٽ لاءِ مان کوشش ڪئي آهي جلدي بجلي بورڊ وارا ٽنيا لڳائيندا. ودیا اُڀي چيو، ڪاکوسن جو ڇا ٿيندو؟

اسان جي لڇ شرم جو خيال ڪيو.

شيوارام جي وات مان نڪري ويو تہ ڏنڊي وارين کي ڪهڙو لڇ شرم؟

ودیا کي غصو وڃي ويو. پير مان چمپل لاهي هٿ ۾ ڪيائين ۽ سڏو شيوارام جي منهن تي هنيائين. ٻين ڏنڊي وارين جو ڏٻيل غصو بہ بند ٽوڙي ٻاهر نڪتو. شيوارام مٿان چمپلن جو وسڪارو ٿي ويو. شيوارام پاڻ بچائي پڳو ۽ سڏو اسٽيشن واري پوليس چونڪيءَ تي. شيوارام اڳيان پيرين اُگهاڙو ۽ پٽيان چمپلون هٿ ۾ ڪڻي رڙيون ڪندڙ ۽ ڳاريون ڏيندڙ ڏنڊيواريون! عجب نظارو هيو.

اُن ڏينهن کان ودیا ڏنڊيوارين جي ليڈر بڻجي ويئي.

(١٠)

پوليس چونڪيءَ تي صرف 2 پوليس وارا ۽ هڪ سب انسپيڪٽر پوليس معاملو سمجهي تيستائين ڏنڏيواريون گاريون ڏيندیون رهيون ۽ چمپلن جو مارو چالو رهيو. آخر پوليس معاملي کي ڏڏو ڪيو. شيوارام راجپوت کارپوريٽر مار کائي منجهي ويو هيو.

ايتري ۾ چترسين وڪيل، وديا‌پتي اخبار نويس ۽ ڊاڪٽر دين ديال اچي پوليس چونڪيءَ تي پهتا. ڊاڪٽر دين ديال کي ڏسي ڏنڏي واريون شانت تي ويون. چترسين چترائيءَ سان ڪن ڏنڏي وارين کي پڙڪايو. وديا پتي پوليس چونڪيءَ ۾ حال احوال ونڊ لڳو. شيوارام کي سچاڻي پوليس چانهه جو بندوبست ڪيو. شيوارام جي فرياد ڪچي پني تي لکي ويئي.

ڏنڏي واريون وڪيل سان ڪنو اندر آيون. هڪ ڏنڏي واريءَ دانهن ڪئي ته شيوارام هن جي چاتيءَ ۾ هٿ وڌا آهن. بئي ڏنڏي واريءَ چيو ته شيوارام ڏڙڪو ڏنو آهي ته مان تنهنجو بلاتڪار (Rape) ڪرائيندس . ڏنڏي وارين جون .دانهون گنهيڙ قانوني رخ اختيار ڪرڻ لڳيون. چترسين مشڪي رهيو هيو. پوليس آفيسر معاملو سمجهي ويو. چترسين ۽ شيوارام کي اڪيلو ويهاري پاڻ باهر ڊاڪٽر دين ديال سان بيهي ڏنڏي وارين کي ڏڏو ڪرڻ ۾ لڳي ويو.

چترسين پنهنجي نموني شيوارام کي ڏهن نشين ڪرايو ته اهڙن سنگين الزامن هيٺ شيوارام 7 سال جيل وڃي سگهي ٿو. چترسين شيوارام کي سمجهايو ته ڏنڏي وارين جي ڊاڪٽري تپاس ڪئي ويئي ته هنن جا لڳايل الزام صحي ثابت ٿي سگهن ٿا. بي شرم عورتن سان منهن ماري ڪرڻ نيڪ نه آهي. هن جنهنجت مان ڇڏائڻ لاءِ شيوارام کان 5000 رپيا ڇڏايا.

پوليس بنهي ڌرين جون ڪيل شڪايتن جا پنا ڦاڙي ڇڏيا.

ان ڏينهن شيوارام جي ڏنڏي واري ووٽ بئنڪ خالي ٿي ويئي. چترسين وڪيل جو ڪيسو به پريو ۽ ووٽ بئنڪ ڀڃ پرجي ويئي.

ان وچ۾ دارونءَ وارو اڳيئي لاپتا ٿي ويو. ميٽنگ جي جڳهه تي وري بيهر ميٽنگ ٿي ڏنڏي وارين ناشتو ڪاڏو ۽ چانهه پيتي.

وڪيل صاحب اڃ سان هڪ زوردار تقرير ڪئي.

تقرير ۾ چيائين تہ مان ۽ ڊاڪٽر دين ديال ۽ ودياپتي اخبار نويس توهان جي سيوا ڪندا رهنداسين. مان توهان جي ڪاڪوسن جي لاءِ 5000 رپيا پنهنجي ڪيسي مان ڏيان ٿو.

ڊاڪٽر ۽ اخبار نويس پڻ 1000 - 1000 رپيا ڏين ٿا. دارون۽ واري موقعي جي نزاڪت سمجهي چيو، مان بہ 2500 رپيا ڏيندس وڪيل جي جئہ جئہ ڪار ٿي ويئي.

ميٽنگ ڪان پوءِ وديا ۽ ودياپتي گڏ وديا جي جهوپڙي جي باهران آيا. اڳيان پيل پٽرن تي ويهي رهيا.

وديا جهوپڙي ۾ وڃي چانهہ ناهي آئي. ڪوپ پليٽ ودياپتيءَ لاءِ ۽ پاڻ لاءِ هڪ ٻڌل ڪوپ .....

چانهہ پيئندي شڪايتن ۽ ڏوراپن جو دور شروع ٿي ويو. وديا شڪايت ڪئي تہ ايترا ڏينهن ڪٿي هئين؟ ودياپتيءَ چيو پٽسا ڪونہ هٽا.

وديا- توکان پٽسا ڪنهن گهريا؟ اڳ ۾ تون وهاڻي هينان پٽسا رکي وئين. مونکي برو لڳو. مون کي تون ڪپين نہ ڪ تنهنجا پٽسا. تنهنجي لاءِ 24 ڪلاڪ در ڪليل آهي.

ودياپتي خاموش ٿي ويو. وديا جو هٿ هٿ ۾ جهلي ويٺو رهيو. چانڊوڪي رات، سامهون ويندڙ لوڪل گاڏي ۽ پوءِ چپ - شانتي.

وديا اٿي ودياپتيءَ کي جهوپڙي ۾ ونهي ويئي. ان ڏينهن وديا پاڻ کي پهريون دفعو گهرو عورت سمجهو ۽ نہ ڪ ڏنڊي واري.!

(١١)

چترسين دل ئي دل ۾ پنهنجي ووٽن جي ڳڻپ شروع ڪئي. سوچيائين ته دارون٤ وارو پنهنجي وفاداري ڪارپوريٽر راجپوت سان جلدي ڪونہ ڇڏيندو. جيڪڏهن دارون٤ وارو منهنجي طرف اچي ته ڏنڊي وارين جا سڀ ووٽ مونکي ملندا. جهوپڙپٽي٤ ۾ هميشہ دارون٤ وارن کي پنهنجي اهميت هوندي آهي.چوندِ جي ڏينهن دارون مفت ڏيڍ سان وڌيڪ ووٽ ملندا آهن. دارون٤ وارو هڪ اهم حصو آهي ووٽن جي راڄنيتي٤ جو. دل ۾ هڪ لچائي٤ جي رٿا ناهيائين. هڪ درخواست ناهي ۽ ٽي ڪوڙا زنانا نالا وجهي آڻونا هٽي پوليس اسٽيشن جي سب انسپيڪٽر کي ڏئي آيو. درخواست تي سرنامو هيو پوليس ڪمشنر جو.

دارون٤ واري کي پوليس اسٽيشن تي گهرايو ويو. پوليس انسپيڪٽر دارون٤ واري کي چانهہ پيئاري. ايتري ۾ چترسين وکيل پڻ پهچي ويو. انسپيڪٽر دارون٤ واري کي چيو، تنهنجي خلاف هڪ شڪايت آئي آهي.

دارون٤ وارو - صاحب اسان ته هفتو (ماهوار رقم) برابر پهچائيندا آهيون. اسان کي اُميد هوندي آهي ته دڪ سڪ ۾ توهان اسانجي سنڀال ڪندو.

انسپيڪٽر - توهان هفتو ڏيندا آهيو داروء جي ڏنڊي لاء. هي درخواست ٻئي قسم جي آهي. ائين چئي درخواست چترسين وکيل جي هٿ ۾ ڏنائين.

وکيل درخواست پڙهي ته هڪدم گنهير ٿي ويو. ڪجهہ وقت کان پوء چيائين نازڪ مٽئلو آهي.

دارون٤ وارو ڏپ ۾ چيو، وکيل صاحب ڪهڙي ماجرا آهي؟

وکيل پنهنجو ليڪچر شروع ڪيو. هي٤ درخواست ۾ ڏنڊي وارين کي آهي لکيل آهي ته تون سندن ڪمائي کائيندو آهين. مان توکي ٻڌايان ته ڏنڊيواريون پڪڙجنديون آهن ته چونديون آهن ته اسان کي غريبي ۽ بک سبب هي غلط ڏنڊو ڪرڻو ٿو پوي. ڪورٽ اُنهن کي ڇڏي ڏيندي آهي. پر جيڪي ماڻهو ڏنڊي وارين جي ڪمائي کائيندا آهن اُنهن کي ڪورٽ ڪهٽ ۾ ڪهٽ 7 سال سزا ڏيندي آهي. دارون ۽ مٺاراماري٤ وارا ڪيس هن درخواست جي پيٽ ۾ خسيس آهن.

دارون٤ واري غصي ۾ چيو ته ايهي ۽ ڏنڊي واريون آهن جن وٽ

منهنجي دارونءَ جي اوڏر رهيل آهي. گراهڪ اُنهن وٽ ڪونہ ٿو اچي انڪري منهنجي دارونءَ جو قرض نہ ٿيون موٽائين. هينئر ئي وڃي ٿو سندن ڏنگون پڄان. مونکي پڙوو ٿيون ڪونين.

وڪيل - تون راجپوتن وانگر پنهنجي پهلواني نہ ڏيکار. پهرين پنهنجو بچاءُ سوچ.

انسپيڪٽر - تون ڪارپوريٽر راجپوت وانگر نہ سوچ. هي لڻين ۽ تلوارن جي لڙائي ڪونهي عقل جي لڙائي آهي. وڪيل صاحب عقلمند آهي. ان جي صلاح تي ھ .

دارونءَ وارو سمجهي ويو تہ هينئر غصو ڪم نہ ڪندو. عقل ڪم ڪندو. وڪيل ڏي منهن ڪري چيائين وڪيل صاحب توهان کو رستو ڏيو.

وڪيل وري ليڪچر شروع ڪيو. تون اسان جو پاڙيسري آهين. منهنجي صلاح ہڏ. پهرين ڏار جو دارون گراهڪن کي ڏي. بي ڏار وارو دارون اودر وارن کي ڏي، جيڪي مايون توکي اوڏر نہ ٿيون ڏين اُنهن کي پاڻي ملائي ڏي. ڪنهن کي ناراض نہ ڪر. ہڏين ڏنڊي وارين تي دیا ڪر، رحم ڪر.

دارونءَ وارو ڏڍو ٿي ويو. آخر ۾ درخواست ڪاڍي ويئي. پوليس پٽسا ورتا، وڪيل کي ووٽن جي خاطري ملي. دارونءَ وارو خوش ٿيو ۽ ہڏين کي چڍو دارون ڏيڻ جي خاطري ڏنائين سيني خوش ٿي چيو،" چترسين وڪيل، جڳ جڳ جيئي".

(١٢)

لکنوءَ ۾ هڪ طوائف رهندي هئي شاهہ بانو. هوءَ تمام گڻوان هئي. ڪٿڪ ڊانس جي ماهر هئڻ کان سواءِ سنو ڳائيندي پڻ هئي. ان کان سواءِ هوءَ هڪ شاعرا پڻ هئي. ائين سمجهو تہ تواريخي (اتهاسڪ) طوائف آمراءُ جان جو ٻيو روپ هئي. هن جو ناچ ڏسڻ ۽ گانو ٻڌڻ لاءِ گهڻيئي ماڻهون ايندا هئا پر هن جي دل هڪ ٺاکر (زميندار) سان لڳي و يئي. ٺاکر پڻ هن کي بي انتها محبت ڪندو هيو. سماجڪ حالتن موجب ٺاکر هن کي پنهنجي گهر ۾ وهاري ڪونہ سگهيو. ٺاکر جي گهر وارن هن جي مٿان ايترا ٻنڌن وڌا جو هو لکنو تائين بہ مشڪل پهچندو هيو. جدائيءَ ۾ آخر ٺاکر اندر ئي اندر ڳرندو رهيو پر ٻنڌن ٽوڙي ڪونہ سگهيو. اندر ۾ دک پيئندو رهيو. اُتر پرديش ۾ جڏهن زمينداري ختم ڪئي ويئي تہ ڪيترا ٺاکر، زميندار ۽ جاگيردار ختم ٿي ويا. طوائفون بدلجي ڏنڊي واريون ٿي ويون. شاهہ بانو بہ تڪليفن ۾ اچي ويئي. لکنو چڏي اچي بمبئيءَ ۾ ڈيرو ڪيائين. پاڻ سان گڏ ڪٿي آئي لکنو جي تهذيب ۽ هنر. پاڻ سان هڪ ٽيپ رڪارڈ ۽ ڪجهہ غزلن جون ڪئسيٽون ڪٿي آئي. واندڪائيءَ ۾ بيگم اختر ۽ تلت محمود جا غزل ٻڌندي هئي. هڪ غزل جيڪو هن جي دل کي ڇهندو هيو اهو هو محمد رفيءَ جو ڳايل يي لکنو کي سر زمين.....

بمبئي مايانگريءَ ۾ صرف پئسو هلندو آهي.سڀ ماڻهو مشين وانگر ڊوڙندا آهن. اتي فضيلت ۽ مروت يا تهذيب کي ڪا معنيٰ ڪونهي. هن مايا نگريءَ ۾ ڪير ڏسندو ڪلا ۽ ڪير ٻڌندو غزل؟ شاهہ بانو ڪوني واريءَ مان ڏنڊي واري ٻڌجي ويئي. هڪ ڪلاڪار حالتن ۾ اچي ڪوٺجي ويو. ڪلا جي جڳهہ تي اچي ويو ڪچرو. غم مٽائڻ لاءِ شاهہ بانو دارونءَ جو سهارو ورتو. آهستي آهستي گراوٽ ايندي وئي. مشهور ڪونيواري ۽ شاعرا جيڪا پاڻ کي فنا جي نالي سان سڏائيندي هئي اها آهستي آهستي فنا ٿيندي ويئي.

هڪ ڏينهن ٻين ڏنڊي وارين سان ڪنو هڪ فلم ڏسڻ وئي. جنهن جو نالو هيو اُمراجان. اُن فلم ۾ ريکا جي ڊانس، آشا پونسلي جو آواز ۽ خيام جو ميوزڪ هيو. فلم ڏسندي شاهہ بانوءَ جي اکين مان ڳوڙهن جي برسات پوڻ لڳي. واپس اڈي تي پهچي دارونءَ جو گلاس پري ٽيپ رڪارڈ چالو ڪيائين. گانو هلي رهيو هو. يي لکنو کي سر زمين... گانو هلندي شاهہ بانو، همیشہ لاءِ فنا ٿي ويئي ۽ عرش تي وڃي جهوني کوني واري ۽ شاعرا اُمراءُ جان ادا

سان ملي.

شاهہ بانو پنهنجي پنيان هڪ ڏيءَ چڏي ويئي جنهن جو نالو هيو نوربانو. نوربانوءَ کي خبر ڪونہ هئي تہ سندس پيءَ ڪير هيو؟ پر نور بانو کي ايها خبر هئي تہ منهنجي ماءُ جو ڪنهن ناڪر راجپوت سان پيار هيو جنهن جي لاءِ هوءَ سڄي عمر روئيندي رهي.

نوربانو کي ورثي ۾ ملي لکنو جي تهذيب ۽ تميز. ان تهذيب ۽ تميز سبب هن کي بمبئي راس نہ آئي. نئين وڏندڙ شهر ۾ اچي رهي. هنجو پهريون گراهڪ هيو ڪارپوريٽر شيوارام راجپوت !

30/07/07

محترم ۽ مانوارا سائين
ڊاڪٽر ايسر پارواڻي صاحب،
شل ڏگهي جهار ۽ سڻي صحت ماڻيو آمين.

دادا سمجهہ ۾ نہ پيو اڃيم تہ هن سنيهي جي شروعات ڪٿان ۽ ڪيئن ڪيان ڇو تہ آءٌ هڪ ادنا ۽ نندڙو انسان آهيان. جنهن کي اوهان ڪتابن جي صورت ۾ ياد ڪري مانُ مڙهون ڪيو آهي. آءٌ فقط ايترو چوندس تہ اوهان جا لکين لائق ۽ قرب

اڄ ٻيهر اُهائي سڪ، اُڪير،ء سڳنڌ محسوس ٿي، جيڪا دادا هڙي موتواڻي کان ملندي هئي پرسندس اچانڪ وڇوڙو اسان جي جيءَ کي جهوري وڌو هو، دادا جي ديهانت کان پوءِ ائين پئي لڳو تہ سنڌ ۽ هند جي وچ پُل جو قردار نڀائيندڙ اُهو پيارو ۽ سهاڃهڙو شخص شايد ڪڏهن پيدا ٿئي، پر اوهان جي هن عمل کان پوءِ اسان جا روح وري رڃي اُڻيا آهن، اوهان جس لهڻا، اوهان مان اسان کي ساڳي سڪ، اُڪير ۽ سڳنڌ ٿي محسوس ٿئي، جيڪا دادا هري موتواڻي مان ملندي هئي. Bundle of thanx

دادا خط دير سان لکڻ لاءِ معاذت، پنهنجو پوتو سمجهي معاف ڪندا ۽ ها هڪ التجا اڃہ تہ منهنجي ڪنهن بہ خط کي مڱزين يا ڪتاب ۾ شايع نہ ڪندا. ڇو تہ آءٌ کو ليکڪ، اديب، شاعر يا دانشور کو نہ آهيان.

بس ادب دوست آهيان، لکڻ ۽ پڙهڻ جو شونق اٿم، انڪري پليز ڪوبہ خط شايع نہ ڪندا. سدائين سائ سلامت.

پنهنجو خيال رکندا.

جي. ايم. قاضي،
ڪراچي.

(١٣)

شيوارام راجپوت جوانيءَ ۾ هڪ سٺو ڪرڪيٽ ڪلاڙي هيو. ڪيترين ٽورنامينٽ ۾ شهر ۽ ضلع جو نالو روشن ڪيو هئائين. هن جي شخصيت ۽ نالو ڏسي هڪ شاهوڪار ماڻهوءَ هن کي پنهنجي ڏيءَ ڏني هئي. شيوارام پهريائين ته ڏاڍو خوش هيو پر پوءِ سندس زال جي سياڻ مان بيزار ٿي پيو. ڪوئي مهمان هن جي گهر ايندو هيو ته هنجي زال چوندي، هيءَ فرج منهنجي پاءُ ڏني، هي ڪبٽ مونکي مامي سوکڙي ۾ ڏنو وغيره. مطلب ته ڏينهن رات پنهنجي شاهوڪار مائٽن جو حوالو ڏيندي رهندي هئي.

ايهي روز روز جون ڳالهيون ٻڌي هڪڙي مائٽ چئي ڏنس ته توکي سڀ ڪجهه پيڪن ڏنو آهي. باقي ساهرن صرف توکي شيوارام ڏنو آهي جيئن تنهنجي شيوا ڪري سگهي.!

شيوارام جي زال جي ڳالهين شيوارام جو اهم يا (Ego)ضربي وڏو هر هڪ مرد کي پنهنجو اهم هوندو آهي. عورت ڪيتري به سهڻي هجي جيڪڏهن مرد جي اهم کي ضربيائين ته مرد کي ڪونه وٺندي. ايهو ئي ڪارڻ هيو جو شيوارام سڄو وقت گهر کان ٻاهر پبلڪ جي شيوا ۾ گذاريندو هيو. ميونسپل ڪارپوريٽر ٿيڻ کان پوءِ پاڻ وڌيڪ مشغول ٿي ويو.

پنهنجي ايريا ۾ ڏنڊي وارين جي اڇڻ کان پوءِ ڪڏهن شونق ڪرڻ لاءِ ڪنهن ڏنڊي واريءَ وٽ لنگهي ويندو هيو. ڪاب ڏنڊي واري هن جي ضربيل اهم کي ملهم ڪونه لڳائي سگهي پر نوربانوءَ سان پهرين ملاقات ۾ هن کي هڪ ترپتيءَ جو احساس ٿيو. خال پرجڻ لڳو. اهم جي زخم تي ملهم لڳڻ شروع ٿي.

پهرين ملاقات ۾ شيوارام پڇيو، نئين آئي آهين؟

نوربانو - تازو بمبئيءَ مان آئي آهيان توهان جي شهر جي نوازش آهي. اسان غريبن کي آهيانو ڏنو اٿو.

شيوارام - مان هن ايراضي جو ڪارپوريٽر آهيان.

نوربانو - اسان جو سلام حضور جي دربار ۾قبول پئي.

شيوارام - توهانجو نالو

نوربانو - بنديءَ کي نور بانو چوندا آهن.

شيوارام - اڄ ڪان وڌي تون نوربانو ناهين پر نورجهان آهين.

نور بانو - توهان جي مهر ۽ خدا ڪرم.

شيوارام فضيلت ۽ مروت ڏسي فنا ٿي ويو. شاهه بانو جي ڏيءَ شيوارام کي فنا ڪري ڇڏيو. زخميل اهم تي ملهم لڳڻ شروع ٿي ويئي.

شيوارام بدلجي شهزادو سليم عرف جهانگير ٿي ويو. هڪ دفعو نور جهان کي چيائين مان تنهنجو جهانگير آهيان.

نورجهان چيو، پر مان تنهنجي انارڪلي ٿيڻ پسند ڪندس، مغل شهزادي سليم جي انارڪلي .

شيوارام چيو - شهزادو سليم اڃ مغل هيو ۽ اڃ راجپوت. هن جي ماءُ جوڌابائي راجپوت هئي. فخر سان چيائين مان سڄو راجپوت آهيان.

ائين محبت جون ڳالهيون هلنديون هيون. ڏنڊي واريون به فلمون ڏسنديون هيون. سليم ۽ انارڪلي يا جهانگير ۽ نورجهان جي تواريخي اهميت جي هنن کي خبر ڪونه هئي. پر هننکي ايها خبر هئي ته فلم جي کهاڻيءَ ۾ هيرو دليپ ڪمار هيو.

جڏهن شيوارام نورجهان وٽ ايندو هيو تڏهن ٻيون ڏنڊي واريون نورجهان کي چيڙائي چونديون هيون تنهنجو دليپ ڪمار آيو اٿئي.

نورجهان خوش ٿي چوندي هئي خوش آمديد.

(١٤)

شيوارام راجپوت جي محبت وڌندي ويئي. شيوارام ۽ نور بانو عرف نورجهان جو عشق ڪليو ٿي ويو. شاهه جي اکرن ۾ چئجي تہ-

عقل مت شرم

ٽيئي نينهن نهوڙيا

نور بانو وسپت ڏينهن ورت رکندي هئي. ڪنهن گراهڪ کي ويجهو اچڻ نہ ڏيندي هئي. چوندي هئي تہ مان پنهنجي عاشق‌سان پاڪ (پوتر) ٿي ملڻ لاءِ ورت رکندي آهيان. ورت مونکي پاڪ بڻائيندو آهي ۽ مان پنهنجي راجپوت پريميءَ سان جمع رات ملهائيندي آهيان. ائين ٻئي پريمي خوش هوندا هيا. شيوارام سڀ ڪم‌ڪاريون چڏي وسپت شام (جمع رات) جو نوربانوءَ وٽ پهچندو هيو. اڏ رات تائين روح رهاڻ ڪري گهر موٽي ويندو هيو. هنجي هلت چلت مان وسپت رات ۽ جمع صبوح جو هڪ ترپتيءَ جي پاونا نظر ايندي هئي.

وڻڻائن جي مار ڪائڻ کان پوءِ ڪيترا هفتا هو نورجهان عرف نور بانوءَ سان ڪون ملیو. اچڻ تي دل تہ خوب هيس پر شرم جو ماريو اچي نہ سگهندو هيو.

چترسين وڪيل کي خبر پئجي ويئي ۽ موقعي جو فائدو وٺي شيوارام کي بدنام ڪرڻ جو سوچيائين، نور بانوءَ کي نياپو موڪليائين تہ ملي وڃ.

نور بانو وڪيل جي سڏ تي وڪيل جي آفيس پهچي ويئي.

چترسين چترائيءَ سان چيس،" ٻيڙ نورجهان"

نور بانوءَ هنکي اڏ ۾ ڪٽي چيو، مان نور بانو آهيان، نورجهان ناهيان.

وڪيل چيو- پر شيوارام تہ توکي نورجهان چوندو آهي.

نور بانوءَ چيو- شيوارام لاءِ مان نورجهان آهيان ٻي ڪنهن جي لاءِ ناهيان.

وڪيل چيو- ٻڌو اٿم تہ اڃڪلهہ شيوارام تو وٽ ڪونہ ٿو اچي.

نور بانوءَ چيو- صحيح ٻڌو اٿو.

وڪيل - شيوارام توکي خرچ پکو ڏيندو آهي.

نور بانو - منهنجو ڏنڊو هلي ٿو.

وڪيل - شيوارام کي خرچ پکو ڏيڻ کپي. تون چاهين تہ ڪورٽ جي معرفت توکي هر مهيني خرچ پکو ونڻي ڏيان. مان توکان ڪا بہ في وغيرهہ ڪانہ ونندس.

نور بانو - مدد لاءِ مهرباني. مونکي شيوارام ڪپي نہ ڪ هنجا پئسا. شيوارام کي پئسن جي تڪليف هجي تہ مان ڪيس مدد ڪرڻ لاءِ تيار آهيان هيءَ جند ۽ جان منهنجي خاوند لاءِ حاضر آهي.

وڪيل - شيوارام تنهنجو خاوند آهي؟

نور بانو -خاوند ڪان بہ وڌيڪ.

وڪيل دل ئي دل ۾نور بانوءَ کي آفرين ڏني ۽ منهن پيلو ڪري ويهي رهيو.

نور بانو سلام ڪري آفيس مان ٻاهر نڪري آئي.اهو وسپت (جمع رات) جو ڏينهن هيو. نور بانو هميشهہ وانگر ورت رکيو هيو.

سپني کي خبر هئي تہ نور بانو وسپت ڏينهن ڪنهن بہ گراهڪ سان مڪاميلو ڪونہ ڪندي آهي. پاڙي واريون وسپت ڏينهن خوش هوندیون هيون. سندن ڏنڏو وڏي ويندو هيو.

دير رات جو نور بانوءَ جي دروازي تي ڪڙڪو ٿيو نور بانو ۽ کو بہ ڏيان نہ ڏنائين. ٻيهر ڪڙڪو ٿيو نور بانوءَ دروازو کوليو تہ شيوارام بيٺو هيو. شيوارام کي اندر ڪري نور بانو ۽ ڪڙو ڏنو. سڀ ڏک ڏوراپا گم ٿي ويا.

ٻئي ڇڻا شانت هڪ بي جي ٻاکر ۾هئا. شيوارام آهستي آهستي سامت ۾ آيو. حال احوال ٿيا. اڌرات جو شيوارام موڪلائي نڪتو.

اونداهي رات ۽ ڪتا ٻونکيا پئي. انسان سمهيا پيا هئا. شيوارام جو ڏيان ڪنهن ڏانهن بہ ڪون هيو. من ۾ هيو سکون ۽ ترپتي.

(١٥)

شيوارام کي چترسين جي اندرين تمنا جي خبر پئجي وئي سمجهي ويو ته چترسين کارپوريٽر بڻجڻ جي اچا ٿو رکي. ان اچا کي پورو ڪرڻ لاءِ هو قاعدي ۽ بي قاعدي طريقا واپرائڻ ٿو چاهي. نوربانوءَ کي پاڻ وٽ گهرائڻ پڻ انهن منصوبن مان هڪ منصوبو هيو. چترسين کي منهن ڏيڻ لاءِ هو طريقا ڳولهڻ لڳو. چوندون ويجهو هيون. دارونءَ وارو ته شيوارام سان هڏل هيو پر وڪيل کي به ڪليو ڪلايو ناراض نه ڪري سگهندو هيو. شيوارام رستو ڳ ولهڻ لڳو.

چوندون ويجهو هيون. اخبارن ۾ نوٽيس آيو ته جن نگرواسين جي عمر ١٨ سال ٿي وئي آهي يا ڪنهن ڪارڻ سبب هنن جو ووٽ رهجي ويو آهي اهي نگرواسي ٣١ ڊسمبر تائين پنهنجا ووٽ داخل ڪرائي سگهن ٿا. سرڪار طرفان نوان ووٽ داخل ڪرڻ لاءِ روزنداريءَ تي ماڻهو رکيا ويا.

چترسين وڪيل هڪ ڪاليجي ڇوڪرو ان ڪم تي لڳايو. وڻشائن ۽ مزورن جي ايراضيءَ ۾ اهو ڇوڪرو ڪم تي لڳي ويو.

مزورن جي ايراضيءَ جي نون ووٽن جي داخلا شروع ٿي ويئي. سيني مزورن پنهنجا ووٽ اُتساهه سان داخل ڪرايا.

شيوارام مزورن لاءِ ڪاڪوس نهرايا هئا ۽ پاڻيءَ جا نل لڳايا هئا. ان سبب هن چاهيو پئي ته وڌ ۾ وڌ ووٽ داخل ٿين.

چترسين سمجهيو ته مزورن جي بستيءَ ۾ منهنجي آفيس هڻڻ سبب مزورن جا ووٽ مونکي ملندا. وڻشائن جا اٽڪل ٢٠٠ ووٽ هئا. ڪجهه نوان ووٽ پڻ داخل ڪرڻا هئا.

شيوارام کي نوربانو عرف نورجهان تي پورو پرسو هيو.

چترسين ودياپتيءَ جي معرفت ودیا کي واپرائڻ پئي چاهيو. نئون ڪاليجي ڇوڪرو ووٽن جي داخلا جا فارم ڪٽي وڻشائن جي بستيءَ ۾ آيو. سڀ وڻشائون ميڙاکو ڪري بيهي رهيون. ڇوڪرو هڪ پڇل ڪرسيءَ تي ويٺو. پهرين وڻشيا کان پڇائين، تنهنجو نالو؟

گنگا ٻائي.

مڙس جو نالو؟

گنگا ٻائي چيو، "پنهنجو ئي لکي ڇڏ"

سيني وڪيلن زور سان ٽهڪ ڏنا. چوڪرو لڄي ٿي ويو. ڪاغذ پٽ ويڙهي اُٿي پڳو. پنيان وڪيلن هڪ ٻئي سان ٻالهائڻ ۽ کلڻ لڳيون.

هڪ ڪرڙو وڪيل چيو، چورو ناهوکو هيو. هي دفعي آيو ته مان پنهنجي جهوپڙي ۾ وڃي ويندي مانس

ٻيءَ وڪيل چيو، ان چوڪري جو پيءُ تو وٽ ايندو هيو. تنهنجو ته پٽ ڏيو ان کي مان پنهنجي جهوپڙي ۾ وڃي ويندي مانس.

ٽيئن چيو، ٻُسا ته ڏيندءِ ڪونہ.

سرڪاري ڪاغذ ڦري رکجانس.

چوٿين ۽ چيو، سوٽ بشرٽ لاهي رکجانس.

سيني زور سان کليو ۽ پنهنجن پنهنجن جهوپڙن ۾ هلي ويون.

ڪاليجي چوڪرو پڳو سڏو چترسين وڪيل وٽ. وڪيل سربستي ٻالهہ ٻڌي کليو ۽ چوڪري کي چيائين، "تون صرف وڪيلن جا نالا لک، مڙس جي نالي وارو ڪالم خالي ڇڏ. مان توکي فارم ۾ باقي خال پري ڏيندس"

چوڪرو ٻئي ڏينهن واپس بستيءَ ۾ واپس ويو. سيني وڪيلن جا فارم پريائين. اٽڪل ۱۵-۲۰ فارم اهڙا هٿا جن ۾ مڙس جي نالي وارو خانو خالي هيو. چترسين وڪيل ۱۰ فارمن تي هٿ سان لکيو، "شيوارام راجپوت". ائين ڏهن وڪيلن جي نالي ۾ شيوارام راجپوت جو نالو اچي ويو.

چترسين نالا لکي هڪ زوردار ٽهڪ ڏنو. زور سان چيائين، شيوارام هاڻي توکي خبر پوندي ته چونڊون ڪيئن لڙبيون آهن!

(۱۶)

شيوارام جي ڪرسيءَ کي خطرو هيو. شيوارام سمجهو تہ هي منهنجي وجود کي خطرو آهي. ان خطري کي منهن ڏيڻ لاءِ سوچيندو رهيو. سوچيندي ان نتيجي تي پهتو تہ لوهہ لوهہ کي ڪٽي سگهي ٿو. وڪيل جي سامهون ڪو وڪيل ڪڑو ڪرڻ کپي. هڪ چوڪرو وڪالت پاس ڪري آيو ۽ شيوارام وٽ مدد ۽ سهڪار لاءِ آيو. شيوارام کي سونهري موقعو هٿ لڳي ويو.

چوڪري کي چيائين، وڪيل صاحب، ڪا آفيس وغيرہ کولي اٿيئي؟

چوڪري چيو- "دادا، اڃا نئون آهيان، توهان جي آشيرواد ۽ مدد کپي. آفيس ونڻ لاءِ پئسا ئي ڪونهن. حالي ڪورٽ جي وڪيلن جي روم ۾ ويهندو آهيان. جهونن سينئر وڪيلن جون تاريخون ونندو آهيان".

شيوارام رباب سان چيو، بنا آفيس جي، تون سڙڪ ڇاپ وڪيل ليکجڻ ۾ ايندين.

وڪيل چپ رهيو.

شيوارام چيو-مان توکي آفيس ونڻ ٿو ڏيان. پر وقت تي اسان جا سنها ٽلها ڪم ڪندو رهجانءِ. آڳياڪاري (فرمان بردار) ٿي رهندين تہ وڏي ترقي ڪندين.

وڪيل خوشيءَ ۾ اڇي ويو. شيوارام کي پيرين پئي چيائين، دادا توهان منهنجي لاءِ پڳوان جو روپ آهيو. حڪم ڪندا تہ مان ڏينهن رات توهان جي شيوا ۾ حاضر رهندس.

ہن ڏينهن کان پوءِ مزورن جي بستيءَ ۾ آفيس کلي وئي. شيوارام آفيس ۾ هڪ جهوني پراڻي ٽيبل، چار ڪرسيون، ہ اسٽول ۽ هڪ ڪتابن جو ڪبٽ پهچائي ڏنو. آفيس ملي دارونءَ واري جي رسوخ سان. وڪيل جي آفيس جو مهورت ڪيو شيوارام راجپوت. مهورت تي سڀني آيلن کي ناشتو ۽ چانهہ ڏني وئي. مهورت کان پوءِ شيوارام وڪيل کي پوليس اسٽيشن تي سچاڻپ ڪرائڻ لاءِ وئي ويو.

سينئر انسپيڪٽر کي شيوارام چيو، هي آهي "منهنجو پاڻيجو مسٽرستيہ وادي وڪيل. بستيءَ ۾ اڄ آفيس جو مهورت ڪيو اٿائين. توهان جي ڪرپا درشٽي کپي"

انسپيڪٽر ہنهي کي ڪرسين تي ويهاري وڪيل جي مخاطب ٿي چيو، "تون برابر ستيہ وادي هوندين، پر هن ڏنڈي (پيشي) ۾ توکي جونوادي ٽيڙو پوندو نہ تہ تہ وڪالت جو ڏنڈو ڪونہ هلندءِ. ڪوڙ کان سواءِ وڪالت

کرڻ ڏکي آهي". مهاتما گانڌي، جواهرلعل نهرو وغيرهه سڀ جي وکالت ۾ فيل ويا ۽ وڃي ليڈر ٿيا. اڄکلهه ته سڀن ماڻهن جي ليڈري به ڪونه ٿي هلي!!

ليکچر ٻڌي وکيل کنڊ لوڏيو. شيوارام اشارو ڪيو ۽ وکيل انسپيڪٽر کي پيري پيو.

شيوارام چيو، توهان ديا ڪيوس ته ماهر وکيل ٿي ويندو.

پوليس انسپيڪٽر جيڪو هميشهه گاريون ٻڌڻ تي هريل هيو اهو خوش ٿي ويو. پوليس جو اهڙ پاو جاڳي اٿيو.

اُتساهه ۾ اچي انسپيڪٽر چيو، " وکالت جو ڌنڌو آهي پاڻيءَ ۾ ۽ اسين پوليس آهيون واڳهو. پاڻيءَ ۾ رهي واڳهن سان ويڑ نه رکي دوستي رکندين ته خوش رهندين".

وکيل کنڊ جهڪائي چيو، "مان هردم توهان جو سيوڪ (خادم) ٿي رهندس، جيئن حڪم ڪندا تيئن رهندس".

وکيل ۽ شيوارام ڇانهه پي انسپيڪٽر کان موڪلائي ٻاهر نڪتا.

13/07/07

پيارا پارواڻي صاحب،

پهرين پهرين اوهان صاحب پنهنجي جهوني شاگرد جي پرڻام قبول ڪندا. مونکي اڃ به اُهي اسکول جا ڏينهن بخوبي ياد آهن.

اوهانجو ناولیٹ 'مفت اڳني سنسڪار عرف ڪوپريءَ جي مهما' پڑهي خوشي ٿئي ۽ ان لاءِ اوهان جي مهرباني.

ناولیٹ جو پلاٽ وڻيو ۽ مونکي عجب لڳو ته سڀين ڳهڻنائن کي ڪهڑي نه سڻي نموني اوهان ناول جو روپ ڏنو آهي. ناول پڑهڻ سان خبر پوي ٿئي ته پارٽ ۾ ڪٿين نه ٽٻي ٽپي تي پرشناچارپريو پيو آهي، اهو اوهان صاف پڌرو ڪيو آهي. ناول ۾ پاشا سڻي آهي ۽ اڃ جي ساهتڪارن جي پيٽ ۾ اوهان جي پاشا بهتر آهي.

باقي هڪ ڳالهه چوڻ چاهيان ٿو ته ناول جو نالو 'مفت اڳني سنسڪار ....' پلي ته ناول جي وشيه سان نهڪي اچي، پر اهو ڪي قدر ڊيچارينڊ آهي ۽ پانڪن کي پڑهڻ لاءِ چڪينڊ نه آهي. هيو نالو ڏنو هجي ها ته بهتر ٿئي هان.

قربن مان

سريچند گرناڻي، وکيل.

(۱۷)

ستيہ وادي وڪيل پنهنجي آفيس ۾ روز صبوح شام ويهڻ لڳو. شيوارام وڪيل کي هدايت ڪئي ته آئي وئي کي چانهہ پيئاريندو ڪر. مارواڙي چانهہ واري کي چيائين ته وڪيل صاحب جو چانهہ جو بل هر هفتي مونکان ونندو ڪر. ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ شيوارام راجپوت به هفتي ۾ به ڏينهن آفيس ۾ ويهڻ چالو ڪيو. غريب مزور خوش ٿي ويا ته وڪيل به مليو ته ڪارپوريٽر جون سيوائون به مليون. جهوپڙپٽيءَ ۾ غريبن جا نندا وڏا ڪم ڪرڻ لاءِ شيوارام ڪوشش ڪندو رهيو.

ستيہ وادي وڪيل جي آفيس بڻجي ويئي شيوارام جي اهنج دور آفيس. ستيہ وادي خوش ٿي ويو ۽ پنهنجي ڪمائيءَ مان هڪ شاندار راجائي ڪرسي وٺي آيو. ان ڪرسيءَ تي پاڻ ڪونہ ويهندو هيو پر اها ڪرسي (Reserve) محفوظ رکيائين شيوارام راجپوت لاءِ.

شيوارام به ڪرسيءَ تي ويهي جهوپڙپٽيءَ واسين جي شيوا ڪندو هيو. وسپت ڏينهن رات جو پنهنجي محبوبا نور بانو عرف نورجهان سان مڪاميلو ڪندو پوءِ پنهنجي گهر ويندو هيو. شيوارام جي سڪ جي سنبنڌ جي خبر سيني کي هئي پر ڪوبہ جهوپڙپٽيءَ جو رهواسي ان باري ۾ کڻندو ڪونہ هئو. ڪيترا ماڻهو چوندا هيا، "ميان بيبي راضي تو ڪيا ڪريگا قاضي؟" شيوارام ائين سمجهندو هيو ته ماڻهو ڪجهہ ڪونہ ٿا چاڻن!

چترسين وڪيل جي هڪ هٿي (Monopoly) ختم ٿي ويئي. چترسين جيڪي چالاڪيون ڪري قانوني پرئڪٽس جمائي هئي ان ۾ چير پئجي ويا.

پوليس اسٽيشن جي آفيسرن به آهستي آهستي منهن ڦيرڻ چالو ڪيو. ان وچ۾ هڪ ٻيو معاملو ٿيو جنهن حالتن کي اڃا به وڌيڪ ڦيرائي ڇڏيو. هڪ پرديسي (ٻي ڪنهن پرانت مان آيل) مزور پنهنجي جهوپڙي کي تالو هڻي پنهنجي اصلي ڳوٺ گهمڻ ويو. اتي هن جي گهر جون حالتون اهڙيون ٿي ويون جو هو به ٿي مهينا واپس اچي ڪونہ سگهيو.

جڏهن موٽي آيو ته ڏٺائين ته ٻيو هڪ مزور جهوپڙي جو تالو ڀڃي پاڻ گهرواريءَ سميت اچي جهوپڙو وارايو آهي. حقيقت ايها هئي ته چترسين

پٽسا وٺي ان مزور کي چيو هيو ته تون تالو توڙي ويهي رهه. ڪجهه ٿيو ته مان وينو آهيان. جھوپڙي جي مالڪ کي سڄي خبر پاڙي وارن مان پيئي. اهو مزور سڏو پڳو ستيه وادي وڪيل جي آفيس ۾ ان ڏينهن شيوارام به حاضر هيو. ستيه واديءَ مزور سان ڳالهايو ۽ 500 رپيا في مقرر ڪيائون. شيوارام پنهنجي پڊ تي هڪ چٽي لکي انسپيڪٽر کي حقيقت بيان ڪئي ۽ مالڪ کي انصاف وٺي ڏيڻ جي وينتي ڪئي. ستيه واديءَ پوليس انسپيڪٽر کي سموري ڳالهه ڪئي. شيوارام جي چٽي به ڏنائين. پاڻ مان مليل 500 رپين مان 250 رپيا ٽيبل تي رکي چيائين، "پيار کا سودا -ففٽي ففٽي."

انسپيڪٽر هڪ پوليس واري کي گهرائي چيو، هن بي قاعدي وينل ماڻهوءَ کي ۽ سندس زال کي گهلي اڇ. سالا ٻين جي پراپرٽي (Property) ۾ حد دخلي ٿا ڪن.

مزور ته هيو ڪارخاني ۾ ڊيوٽيءَ تي پوليس وارو ان جي زال کي وٺي آيو. انسپيڪٽر جي ڏٻنامي کان پوءِ مائيءَ سڄي ڳالهه قبول ڪئي. مائيءَ کي پوليس اسٽيشن ۾ زمين تي ويهاريو ويو. شام جو جڏهن مزور گهر ۾ آيو. ته حقيقت جي خبر پيس. سڏو پڳو پوليس اسٽيشن تي. جيئن ئي پوليس اسٽيشن ۾ گهڙيو تيئن ئي انسپيڪٽر به چمائون وهائي ڪڍيس . چمائون هڻي لاڪپ ۾ وڌائينس. لاڪپ ٻاهران انسپيڪٽر رباب سان چيس سالا، ٻين جي گهرن ۾ گهسي چوريون ٿا ڪيو ۽ جڳهيون ٿا وڃايو، جيل جي هوا کائيندو ته دماغ ٺڪاڻي ايندو.

دير سان شام جو مزور لکي ڏنو ته مونکي چترسين وڪيل چيو هيو ته جڳهه وڃائ. مان هينئر پنهنجي مرضيءَ سان جھوپڙو خالي ڪري اصلي مالڪ کي موٽائي ڏيان ٿو. منهنجو عرض آهي ته مونکي معاف ڪيو وڃي ۽ کاٻ قانوني ڪاروائي نه ڪئي وڃي. جھوپڙو خالي ٿي ويو اصلي مالڪ کي پنهنجو حق مليو. وڪيل ۽ شيوارام کي ملي واهه واهه ۽ دعائون.

ٻئي ڏينهن صبوح جو پوليس چترسين وڪيل کي گهرايو. حد دخلي ڪندڙ مزور جي لکيت ڏيڪاري ۽ ڏمڪائيندي چيو، توهان قاعدي جا ڄاڻو ٿي ڪري گناهن کي همٿايو ٿا. مان پوليس جي طرفان هيءَ لکيت بار ڪائونسل (Bar Council) کي موڪلي رهيو آهيان. توهان جي سند ويندي ته

مان خوش ٿيندس.

چترسين وکيل جو مغز چڪرڪائڻ لڳو. معاملي جي گنپيرتا هن جي سمجھ ۾ اچي ويئي. هٿ جوڙي چيائين، صاحب مان پنھنجي غلطي قبول ڪيان ٿو. مونکي معاف ڪيو. ائين چئي1000 رپيا انسپيڪٽر جي ٽيبل تي رکيائين.

شام جو ستيہ وادي وکيل کي انسپيڪٽر گھرايو ۽ هٿ ۾ 500رپيا ڏيئي چيائينس، ''پيار کا سودا -ففٽي ففٽي''.

ستيہ وادي پوليس‌اسٽيشن تان 500 رپيا ڪمائي خوش ٿي گھر آيو.

۴۸ سالن کان هند - سنڌ ۽ ولائت مٿان اڏامندي رهي آهي.

ڪونج

ساهتيہ ڪارن، ساهتيہ پريمين ۽ ودوانن جي پھرين پسند آهي.

ڪونج

شاعرن، ليکڪن ۽ سماج سيوڪن کي همٿائيندي آهي.

ڪونج

سنڌيت جو هڪ اهنسڪ هٿيار آهي.

ڪونج

توهان بہ ڪونج خريد ڪيو پڙهو ۽ پڙهايو



هري موٽواڻي سنڌي

برپا ڪندڙ



نند چڳاڻي

سمپادڪ

(۱۸)

چوندون ويجهو اڇڻ لڳيون، چترسين وڪيل خوش هيو ته چوندن کان ٿورو اڳ ۾ پنهنجو جلوو ڏيکاريندس هوڏانهن شيوارام راجپوت پنهنجي ڪرسي قائم رکڻ پئي چاهي. مزورن جي بستيءَ ۾ ڪيترا نوان مزور ايندا رهيا ۽ ڪي جهونا مزور ووٽر پنهنجي ڳوٺن ۾ گهمڻ لاءِ يا مرڻي پرڻي تي هليا ويندا هئا. شيوارام ستيہ وادي وڪيل کي چيو، "وڪيل صاحب هن وقت اسان کي گينواري نہ ڪرڻ ڪپي. نوان ووٽ ڪيترا داخل ٿيا ۽ انهن جي پوري جاچ ڪرڻ ڪپي. هيو کو اُميدوار هي ڪنهن ايراضيءَ جا ووٽ اسانجي وارڊ ۾ داخل ته ڪونہ ٿو ڪرائي. سڀ ڳالهيون جاچي اڇو. مزورن ۽ وڻشائن جي ايراضي گڏي پيئي آهي. ايهي ٻئي ايراضيون توهان کي سنپالڻيون آهن."

ٻئي ڏينهن ستيہ وادي وڪيل تحصيلدار جي آفيس ۾ ويو. شيوارام جو رسوخ ۽ سندس ڪارو ڪوٽ ڪم آيو. ستيہ وادي نئين لسٽ جاچي ته ٿورا ووٽ داخل ٿيا هئا. پر هڪ عجيب ڳالهہ ڏٺائين. عجب ۾ پئجي ويو. ڏهن وڻشائن جي نالي پٽيان مڙس جو نالو لکيل هيو شيوارام راجپوت. لسٽ مان نالن جو نقل ڪيائين. ڪجهہ هن ريت لکيل هيو:-

شانتي شيوارام راجپوت ۳۰ سال

گنگو ٻائي شيوارام راجپوت ۴۰ سال

سپنا شيوارام راجپوت ۴۵ سال

آڻشا بيگم شيوارام راجپوت ۱۸ سال

ڪلپنا شيوارام راجپوت ۵۰ سال

نرگس شيوارام راجپوت ۶۰ سال

محبوبا شيوارام راجپوت ۲۲ سال

ڪرپا شيوارام راجپوت ۲۸ سال

ماريا شيوارام راجپوت ۲۲ سال

ستيہ وادي وڪيل کي سڀ سمجهائين ته شيوارام شونڪين آهي ۽ نور بانوءَ سان محبت اٿس پر نالا ڏسي سمجهائين شيوارام راجپوت اصلي ڪنهن

مغل خاندان مان آيل تو لڳي ۽ هي ۱۰ عورتون هن جي حرم جون بيگمون آهن. نالن مان ائين لڳي رهيو هو ته هر ذات ۽ مذهب جي عورتن سان شيوارام جي محبت هئي. هو سچي معنيٰ ۾ هڪ سيڪيولر انسان هيو. هونئن به سيڪس (Sex) ته سيڪيولر آهي، ڏرم، مذهب، جاتيءَ کان مٿي، هڪ انساني جذبو !

ستيه وادي‌ءَ کي عجب لڳو ته نور جهان عرف نوربانوءَ جي نالي پٺيان شيوارام جو نالو ڪونه هيو.

ستيه وادي شام جو شيوارام سان مليو ته نهنائي‌ءَ سان شيوارام کان پڇيائين، صاحب توهان کي گهٽيون زالون آهن؟

شيوارام جو ڏيان نوربانوءَ ڏانهن ويو. سمجهيائين ته شايد وڪيل کي منهنجي ۽ نوربانوءَ جي رشتي جي خبر پئجي ويئي آهي. آهستي آهستي منجهندي چيائين، "مونکي هڪ زال آهي پر ايهو سوال جو پڇيئه؟

ستيه وادي‌ءَ 10 زالن جي لسٽ ڏيي شيوارام کي ڏني. شيوارام لسٽ ڏسي سامت جو ساهه پريو ڏنائين ته نورجهان جو نالو ڪٿي به لکيل ڪونهي. پر هن جي مغز ۾ هڪ گهنٽي وڄڻ لڳي. هن کي پرون پئجي ويا ته ايها کارستاني (ڪارگذاري) چترسين وڪيل جي ٿي سگهي ٿي.

شيوارام ۽ ستيه وادي وڪيل جاچ کي لڳي ويا . جنهن چوڪري نوان ووٽ داخل ڪيا هئا اهو ملي وين.

شيوارام هن کي وڪيل جي آفيس ۾ گهرايو. شيوارام هن جي اڳيان به رستا رکيا. هڪ پوليس ڪيس ۽ ٻيو ميونسپل ۾ دائمي(Permanent) نوڪري. چوڪري سچ ٻڌايو ته شيوارام جا نالا چترسين وڪيل لکيا آهن. چوڪري کي نوڪري‌ءَ تي لڳايو ويو. سڀ فارم ڪڍايا ويا. انهن ڏهن فارمن جا فوٽا به ڪڍيا ويا. انهن فارمن ۾ چترسين جي هٿ اکري صاف نظر اچي رهي هئي.

سڀ تفصيل هٿ ڪري شيوارام راجپوت شانت ڪري ويهي رهيو. موقعي جو انتظار ڪندو رهيو ته ڪڏهن صحيح موقعي تي ڏڪ هڻان.

(۱۹)

راجا خان ديهہ واپار (FleshTrade) جو هڪ وڏو واپاري هيو. هن جو ڪاروبار انٽر پرانتيہ هيو. الڳ الڳ پرانتن مان ايندڙ وڪڻائن جو واپار ڪندو هيو. ديهہ جي ڏنڊي ۾ ايهو رواج آهي تہ جن ڇوڪرين يا زالن کي اغوا ڪيو ويندو آهي انهن کي ٻين پرانتن ۾ موڪليو ويندو آهي جيئن پنهنجي اڊي تان پڇي نہ وڃن. نئون پرانت، نئون شهر ۽ ڏاري ٻولي سبب اهڙيون مجبور ۽ لاچار عورتون بي سهاري هوندیون آهن. پوليس پڻ انهن کي ڪا مدد ڪونہ ڪندي آهي. پوليس ڳهڙو ڪري اڊو هلائيندڙن سان ملت هوندي آهي. بي سهاري عورتون پنهنجي زندگي اهڙن نرڪن (دوزخن) ۾ ڪاڌيندیون آهن. کي جزوي ڇوڪريون آتم هتيا (آپگهات) ڪنديون آهن. پر انهن جو تعداد نہ جي برابر هوندو آهي.

راجاخان هڪ ديوداسيءَ مان پئدا ٿيل هڪ مسلمان جو ٻار هيو. پڻس جو نالو چا هيو، ڪنهن کي بہ خبر ڪونہ هئي، پر سپيئي ڪيس خان چوندا هيا. ديوداسيءَ کي سيءَ اما چوندا هئا. امان پنهنجي پٽ کي راجا چوندي هئي، پڻس ڪيس خان چوندو هيو. ائين هو ملاوٽي پئداش خود راجا خان سڏجڻ لڳو. راجاخان شاريرڪ توڙي دماغي طرح هڪ مضبوط انسان هيو. ملاوٽي پئداش هميشهہ بهتر هوندي آهي. سائنس دانن ثابت ڪيو آهي تہ هڪ ملڪ جو نر ۽ ٻي ملڪ جي مادي‌ءَ مان پئدا ٿيل ٻار يا ٻوٽا وڌيڪ مضبوط ۽ بهتر ڪوالٽيءَ جا ٿيندا آهن. اهڙن ٻوٽن کي اڇلهہ(Hybrid) چوندا آهن. انسانن جي لحاظ کان مان انهن کي ملاوٽي(Hybird) تہ سڏيان. اسان جي هندو شاسترن موجب ڇيو ويندو هيو تہ ساڻئي گوتر (جاتي) ۾ شادي نہ ڪرڻ گهرجي. انجو سبب پڻ بهتر نسل پئدا ڪرڻ آهي.

راجا خان ملاوٽي(Hybird) ٻار هيو. سنا سنسڪار ۽ سنو ماحول مليس ها تہ شايد ڪو وڏو ماڻهو ٿئي ها، پر هي پليو هيو چڪلائي حالتن ۾ جتي عئش عشرت زندگيءَ جو اهم حصو هيو. ننڍي عمر ۾ ئي تماڪ، سگريٽ، دارون آفيم وغيرهہ جو عادتي ٿي ويو. وڪالیہ (چڪلو) ۾ رهندي سيڪس (Sex) هن جي لاءِ روز مرهہ جو ڪاڌو هيو. چڪلائي حالتن هن کي ڪنور بڻائي ڇڏيو هيو.

نندين ڳوٺن ۾ ويندو هيو تہ ڪنهن نندي عمر جي ڇوڪريءَ سان محبت جو سانگ رچائي ان سان شادي ڪندو هيو ۽ ڪجهہ وقت کان پوءِ ان کي ڏنڊي تي لڳائيندو هيو. جيڪي ڇوڪريون وٺيا ٿيڻ کان انکار ڪنديون هيون انهن جي مٿان اهڙا ظلم ڪندو هيو جو ڏرن ڏکي ويي. آخر مجبور ڇوڪريون ڏنڊي تي لڳي ويندیون هيون. سڄي ملڪ جي چڪلن ۾ هن جو نالو هيو. چڪلن ۾ هو چنگيز خان جي نالي مشهور هيو.

نوٽ: منهنجو شخصي آزمودو هڪ گونگن ٻوڙن جي اسکول جو آهي. ڪيترا ٻارگونگا ڏنا اٿم. حقيقت ۾ اهي ٻوڙا هوندا آهن ۽ ان سبب گونگا ٿيندا آهن. هندو، مسلمان، ڪرستان ڪنب ڏنا اٿم جن ۾ ماءُ پيءُ ويجها مٽ مائٽ (سوٽ، ماسات، ماروٽ، پٽات) آهن انهن جا ڪي ٻار ٻوڙا جمن تا ۽ ان سبب هو گونگا ٿين تا. ليڪڪ

With Best Compliments from :



Hardas S. Makhija

Ex-Mayor

Ulhasnagar Municipal Corporation

Mobile - 9322673604

(٢٠)

بجلي گذريل ڏهن سالن کان ڏنڊي ۾ هئي. اصل کنهن نڊي گانو مان اغوا ڪئي ويئي هئي. تمام خوبصورت هڻڻ ڪري هرهڪ ماڻهو ان جو اجوڳ فائدو وٺندو هيو. هنديءَ ۾ جنهن کي چوندا آهن شوشڻ(Exploit) ان‌شوشڻ جو شڪار هئي بجلي. ڏهن سالن ۾ پڙون کان وٺي گراهڪن ۽ پوليس هنجو شوشڻ ڪيو هيو. دکن دردن مان گذرندي هنجو من پڻ ڪنور ٿي ويو هيو. دکن جي عادت پوڻ سبب کوبہ دک هن جي لاءِ اڻ سهندڙ ڪونہ هيو. ڏنڊي ۾ رهندي خبر ناهي ڪهڙي گراهڪ مان هن کي بادفرنگ حاصل ٿيو هيو. بادفرنگ واري انسان ۾ ڪي‌عجيب عادتون ڏٺيون ويون آهن.

بادفرنگ حاصل ڪيل انسانن ہن نمونن جا هوندا آهن. هڪڙا اهي جن تازو بادفرنگ حاصل ڪيو هوندو آهي ۽ ٻيا اهي جن کي بادفرنگ جو ٿورو اثر مائڻن مان مليو هوندو آهي. ٻنهي نموني جي بادفرنگ وارا ماڻهو گهٽو ڪري ابهرا يا تڪڙا هوندا آهن انهن جا فيصلا بہ تڪڙا ۽ معافي بہ تڪڙي وٺندا آهن. ڪار يا موٽر هلائيندا تہ تڪڙ ڪندا ٻئي کان اڳ ڪيڻ جي بجليءَ کي بادفرنگ ڪٽان مليو اهو چئي نہ ٿو سگهجي پربادفرنگ جو ايهو اهڃاڻ هيس جو تڪڙي هئي. بجليءَ جو سڀني مردن شوشڻ ڪيو هيو. انجو رد عمل (Reaction) ايهو ٿيو جو هوءَ سڀني مردن کان نفرت ڪندي هئي. هر هڪ مرد هن لاءِ هڪ دشمن هيو ۽ اها دشمني پوري ڪرڻ لاءِ هوءَ ڪيترا طريقا استعمال ڪندي هئي. قد بت ڊول ۽ روش ايترا سٹا هيس جو هرهڪ گراهڪ هن وٽ اچڻ چاهيندو هيو. پهريائين بجلي ماکيءَ وانگر منو ڀالهائيندي ۽ جهوپڙي ۾ گهڙڻ کان پوءِ جڏهن پئسا ملي ويندا هيس تہ سندس روپ ۽ روش بدلجي ويندي هئي. دڀا ۽ پيار جي ديوي بدلجي غصي ۽ ڪاوڙ جي ديويءَ جو روپ اختيار ڪندي هئي، پوءِ ڪندي هئي مردن جو شوشڻ.

پهريائين چوندي هئي جلدي ڪر ڪپڑن لاهڻ ۾ ايڏي دير! گراهڪ جواب ڏي ان کان اڳ چوندي، "مٺا اهي گنجيون ڪچا جو ٿا پايو؟ هتي اچو ٿا تہ جلدي ڪيو نہ تہ پڇو هتان." اڌ گراهڪن جي موڊ ائين خراب ڪندي هئي. جيڪي نٽر گراهڪ هوندا هيا انهن کي ماڻ پيڻ تي ڳاريون پڻ ڏيندي هئي. آخر تہ رنڊي هئي! ڪنهن گراهڪ ڳار جو جواب ڳار سان ڏنو

تہ انھن کي چمانون نکاءُ کرائيندي هئي. ائين هفتي ۾ ٻہ ٽي ڳراهک هنجي ٽڦن جو شڪار ٿيندا هيا.

هک اهڙو ڳراهک آيو جنهن بجليءَ جون چمانون تہ ڪاڏيون پر غصي ۾ پوليس اسٽيشن تي دانهن ڪڍي پهچي ويو. پوليس انسپيڪٽر هيو ڪنب وارو ۽ وٺشائن کان سخت نفرت هيس. هڪدم حولدار موڪلي بجليءَ کي گهرايائين. بجلي بنا ساڙهي پائڻ جي ڪوٽي (بلائوز) پڙي سان اچي پوليس اسٽيشن تي پهتي. بجليءَ جي اچڻ سان انسپيڪٽر بجليءَ کي ٻہ چمانون نکاءُ ڪيون. هک منٽ لاءِ بجلي منجهي ويئي ۽ پوءِ .....

وچ وانگر بجلي انسپيڪٽر متان ڪڙکي پئي. انسپيڪٽر جي قميص ڦاٽي پيئي. پوليس جو ٻلو پري وڃي ڪريو. بجليءَ جي هٿان ٻہ چمانون انسپيڪٽر ٻہ ڪاڏيون. ان کان پوءِ انسپيڪٽر ۽ پوليس وارن بجليءَ جي متان مکن، لتن ۽ چمانڊن جو وسکارو ڪيو. ڏکي ڪري لاکپ ۾ وڏائونس. مار سبب بجليءَ جو بدن سور ۾ پرجي ويو. بجليءَ گهٽي ڪوشش ڪئي تہ اُٺان پر اُٽي نہ سگهي. آهستي آهستي ساڻي ٽي پئجي رهي. ان ويڑهہ ۾ بجليءَ جو ڪوٽي ۽ پڙو ڦاٽي پيا. اڏ اگهاڙي فرش تي بنا بستري پيئي رهي. هک اٻلا!

لاکپ ۾ بجلي شيخن واري دروازي مان ڏسڻ پئي آئي. اڏ اگهاڙي ۽ بي وس استري! استري، ماتا جو روپ اڏ اگهاڙي ۽ نيم بيهوش !

انسپيڪٽر لاکپ باهران ڦيرا پئي پاتا. آخر ڪنب وارو ماڻهو هيو. من ۾ ٽوري ديا جاڳيس. پنهنجي گهر مان پنهنجي لاءِ هک بشرٽ ۽ بجليءَ لاءِ هک ساڙهي ۽ هک بلائوز. ساڙهي ۽ بلائوز شيخن مان اندر ڦٽي ڪيائونس. بجلي اٽي ۽ پنهنجي اگهاڙپ ڍڪيائين. مار ۽ ٽڪاوٽ ۾ هن کي نند ونڊي ويئي.

صبوح جو بجليءَ هٽ منهن ڏوئي ضروري حاجت لاٽي. ڪورٽ جو وقت ٿيو. بجليءَ کي هٿڪڙيون هڻي ڪورٽ ۾ پهچايو ويو. ڪورٽ ۾ سڏ پئي ٿيا. بجليءَ جو وارو آيو. بجليءَ کي ڏسي مئجسٽريٽ هک منٽ لاءِ وائڙو ٿي ويو. سوچيائين، ايڏي سهڻي ۽ گناهگار!!

(۲۱)

بجلي شاهدن واري پچري ۾ بيني شڪل مان ٽڪل پيئي لڳي تڏهن به منهن ۾ هڪ چمڪ ۽ بيپرواهي نظر پئي آئي.

مئجسٽريٽ فائيلن مان منهن مٿي ڪيو ته سرڪاري وڪيل اٽيو ۽ چيائين يوئر هانر (Your honour) بجلي هڪ پيشيور وئشيا آهي.

مئجسٽريٽ - ٿابتي

سرڪاري وڪيل - هن تي الزام آهي ته هن هڪ گراهڪ کي گاريون ڏنيون آهن ۽ چمائون هنيون آهن. پوليس کي به ماريو آهي.

مئجسٽريٽ - ڪارڻ؟

سرڪاري وڪيل - خبر ناهي.

مئجسٽريٽ - گاريون ۽ چمائون ته هڪ N.C.Case (Non Congnisable) آهي.

سرڪاري وڪيل - يس يوئر هانر

مئجسٽريٽ - فريادي ڪير آهي؟

سرڪاري وڪيل- It is State Case

مئجسٽريٽ -مون پچيو فريادي ڪير آهي؟

سرڪاري وڪيل - فريادي پوليس اسٽيشن تان پچي ويو.

مئجسٽريٽ - نالو ۽ ائڈريس

سرڪاري وڪيل - پوليس جاچ ڪري پيئي اسان کي 14 ڏينهن جو رمانڊ ڪپي.

مئجسٽريٽ - N.C. ڪيس ۾ رمانڊ ڪپي؟

سرڪاري وڪيل - يوئر هانر S. I. T. A (Suppression of Immoral Traffic Act) هيٺ رمانڊ ڪپي.

مئجسٽريٽ - ڪنهن شريف عورت کي توهان وئشيا جو ٺپولڳائيندو؟ پهريائين اهڙي معاملي جي جاچ ٿيڻ ڪپي ۽ پوء گرفتاري.

سرڪاري وڪيل- يس يوئر هانر

پر بجلي ٻائيء هڪ گراهڪ ۽ پوليس کي ماريو آهي.

مئجسٽريٽ - فريادي پڇي ويو.آروپي گرفتار ٿيو. ٻيو ڪو شاهد ڪونهي. ڪيس ڪوڙو ۽ هٿرادو ٿو لڳي. ليڊي پوليس ڪٽي آهي؟

سرڪاري وڪيل - ليڊي پوليس ڪونهي

مئجسٽريٽ - پوليس جو عجيب رويو آهي.

سرڪاري وڪيل چپ رهيو.

مئجسٽريٽ -بجليءَ ڏانهن منهن ڪري پڇيو تنهنجو نالو؟

صاحب، بجلي

مئجسٽريٽ - ڪٽي رهندين آهين؟

بجلي - بدنام بستيءَ ۾

مئجسٽريٽ - شادي ڪيل آهين؟

بجلي - منهنجون روز شاديون ٿيندڙيون آهن. گراهڪن جون مهربانيون آهن.

مئجسٽريٽ - مطلب ڏنڊو ڪندي آهين؟

بجلي - ها، صاحب

مئجسٽريٽ - روز ڪهڙا گراهڪ ملندا اٿيئي؟

بجلي - چار - پنج

مئجسٽريٽ - هر هڪ کان ڪهڙا پئسا ملني؟

بجلي - 50 رپيا

مئجسٽريٽ - مطلب تہ 200 -250 رپيا روز ڪمائيندي آهين؟

بجلي - مشڪل سان پورت پوندي آهي.

مئجسٽريٽ - چو؟

بجلي - صاحب، پوليس جو هفتو، جهوپڙي جو پاڙو، پاڻي پرڻ لاءِ پئسا، هوٽل جو بل وغيرهہ. بچت ڪٿان ٿيندي؟

مئجسٽريٽ - پوليس کي هفتو ڪهڙو ڏيندي آهين ؟

بجلي - 500 رپيا. مزو مفت. اسان تي مارڪٽ الڳ.

مئجسٽريٽ - سرڪاري وڪيل ڏانهن منهن ڪري پڇيو، " ڇا بجلي سچ

ٿي چوي؟

سرڪاري وڪيل- مان جاچ ڪندس

مئجسٽريٽ -بجلي ٻائي، تون هڪ گراهڪ کي چمڙون هنيون.

بجلي - گراهڪ گاريون ڏنيون ۽ مون چمڙون هنيون.

مئجسٽريٽ - تو پوليس کي ب چمڙون هنيون؟

بجلي - انسپيڪٽر صاحب سڏايو. مان پوليس اسٽيشن تي پهتس تہ صاحب مونکي بنا پڇڻ جي چمڙون هنيون. مان صاحب جي بشرٽ ڦاڙي. صاحب ۽ چئن پوليس وارن مونکي‌لتون، مڪون ۽ ٺونشا هنيا. منهنجو کوٽي ۽ پڙو ڦاڙيائون. هيءَ ساڙهي ۽ کوٽي صاحب پنهنجي گهر مان گهرائي ڏني آهي.

مئجسٽريٽ - Mr. Prosecutor,

This is very serious

سرڪاري وڪيل- يس يوئر هانر

مئجسٽريٽ - بجلي ٻائي، تو کي ڇڏيو ٿو وڃي. پوليس تي ڪڏهن ب هٿ نہ کڻندي ڪر.

بجلي - جو حڪم صاحب، پر منهنجي هڪ ڏينهن جي ڪمائي وئي، اها کير پريندو؟

مئجسٽريٽ -

Mr. Prosecutor,
Court takes serious view of this case. Court suggests that higher officials institute an enquiry into the affairs of this Police station and take appropriate action in the matter.

سرڪاري وڪيل- ڪنڌ جهڪائي نمرتا سان چيو "يس سر"

بجلي ٻائي چيو، صاحب مهرباني ڪڏهن منهنجي غريب خاني ۾ اچي ڪري مونکي سيوا (خدمت) جو موقعو ڏيندا. غريبن جي دل ب ڏسو.!

ڪورٽ ۾ ٽهڪڑو مچي ويو. مئجسٽريٽ مشڪيو ۽ ٽيبل تي زور سان هٿوڑو هڻي چيائين، Next.

(۲۲)

سرڪاري وڪيل (Public Prosecutor) مئجسٽريٽ‌جا رمارڪ پڙهي سوچ ۾ پئجي ويو. پوليس انسپيڪٽر ڪنبي ماڻهو هيو. مٿين آفيسرن قدم ڪنيو ته انسپيڪٽر وڏي تڪليف ۾ اچي ويندو. ان لاءِ سرڪاري وڪيل ڪورٽ جي وقت کان پوءِ انسپيڪٽر کي ڳهرايو. انسپيڪٽر ۽ سرڪاري وڪيل وينا ۽ سرڪاري وڪيل جنهن کي P.P چيو ويندو آهي. P.P انسپيڪٽر کي معاملي جي گنپيرتا سمجهائيندي چيو ته هن معاملي ۾ توهان ڪيترا گناهه ڪيا آهن. هڪ ته بجليءَ تي بنا جاچ جوچ الزام هنيو اٿو. بنا ليڊي پوليس جي ڪورٽ ۾ وٺي آيا. بنا ليڊي پوليس جي بجليءَ کي لاڪپ ۾ رکيو. بجليءَ جي بيان موجب توهان وٽشائن کان هفتو ونندا آهيو. آخر P.P چيو ته بجليءَ کان پنهنجي بچاءَ لاءِ بيان ونو. آفيسر قدم کڻن ان کان اڳ بچاو لاءِ تيار رهو.

انسپيڪٽر سڄي معاملي جي گنپيرتا سمجهي پنهنجي بچاو ۾ لڳي ويو. شام جو هڪ حولدار بجليءَ جي جهوپڙي ۾ پهچي ويو. جهوپڙي ٻاهران بينچ تي ويهي رهيو. بجليءَ کي ڊپ وٺي ويو. اڃا ڪالهوڪي مار هن کي ڪونه وسري هئي. بدن ۾ اڃا تائين سور ڏکيو پئي. ڊاڪٽر دين ديال کان سئي هڻائي دوا وٺي آئي هئي پر ڊپ ----------

بجليءَ حولدار لاءِ چانهه ڳهرائي، حولدار بجليءَ کي ڏهن نشين ڪرايو ته انسپيڪٽر ديالو ۽ بچڙوال ماڻهو آهي. هن جيڪو قدم ڪنيو اهو بي واجبي هيو. هن پنهنجي غلطي محسوس ڪئي آهي.

بجليءَ شڪايتي نوع ۾ چيو، پر منهنجو ته نقصان ٿي ويو. دوا جو خرچ ٻه-چار ڏينهن هلندو.

حولدار دلداري ڏيندي چيس، ته اڄ کان وٺي ڊاڪٽر دين ديال جو بل پڻ انسپيڪٽر پريندو.

حولدار دلداري ڏيندي چيس، اڄ کان پوءِ توکان هفتو پڻ وصول ڪونه ڪيو ويندو. توکي ڪڏهن ٻه پوليس اسٽيشن تي ڪونه ڪوٺايو ويندو. تنهنجي خلاف ڪا ٻه شڪايت ڪانه ٻڌي ويندي.

بجليءَ خوش ٿي سيني پنن تي صحيون ڪيون

اُتي مهل حولدارچيو، بجلي، مان ڪڏهن اچان؟

بجليءَ چيو، ڪنهن ڏينهن به منجهند جو هليو اچ، شام جو گراهڪي مهل نه اچجانءِ، آخر پوليس وارو آهين، ڪنهن نه ڪنهن نموني وصولي ته ڪندين!

حولدار صحيح ڪيل پنا ڪڍي انسپيڪٽر وٽ حاضر ٿيو. انسپيڪٽر ڪي سربستي ڳالهه ٻڌايائين. انسپيڪٽر سامت جو ساهه ڪنيو.

انسپيڪٽر جنرل آف پوليس(I.G.)جاچ ڪرائي. معاملو لئه مڙي ٿي ويو. پوليس آفيسر هميشهه پنهنجن ساڻين ڪي بچاءُ ڏيندا آهن. پوليس ڪاتي جي عزت برقرار رکڻ لاءِ انسپيڪٽر ۽ چئن پوليس وارن ڪي سزا طور بدلي ڪيو ويو. بدليءَ کان پوءِ پوليس اسٽيشن تي بجليءَ جو رعب وڏي ويو ۽ ان معاملي کان پوءِ ڪوئي حولدار بجليءَ کان هفتو وٺڻ کونه ويندو هيو. بجليءَ خلاف ڪابه شڪايت درج نه ڪئي ويندي هئي.

بجليءَ جو ڪاروبار بنا رنڊڪ هلندو رهيو. گراهڪ گاريون ٻڌندا رهيا ۽ چمائون ڪائيندا رهيا. بجلي دل ۾ چوندي هئي، "مئا مردو، توهان هميشهه منهنجو شوشڻ ڪيو آهي، هنيئر منهنجو وارو آهي ته توهان جو شوشڻ ڪيان."

سنڌيءَ ۾ چوڻي آهي ته آخر جتيءَ کي به ڪڏهن وارو ايندو آهي. هينئر بجليءَ جو وارو آيو هيو."

(٢٣)

سشيل ڪمار سنتاڻي هڪ نامياروفوجداري (Criminal)وڪيل هيو. وڏا وڏا فوجداري ڪيس جڏائي ايندو هيو. اصيل هن کي سنتاڻي چوندا هيا. پوليس ۾ هن جو نالو سنتاڻيءَ بدران شيطاني هوندو هيو. پوليس آفيسر شاهديءَ لاءِ ڪورٽ ۾ ايندا هيا تہ سنتاڻيءَ جي سامهون هنن جا پسينا وهندا هيا. هن جي آڏي پڇا(Cross Examination) تمام چيڙهاڻي هوندي هئي. حقيقت ۾ پڇا گهٽ ۽ آڏي ٽيڙي وڌيڪ هوندي هئي. هڪ خون جي ڪيس ۾ مشغول هيو. هنجي گهر واري ٻارن سميت پيڪي ويئي هئي. خون جي ڪيس جو بوجو (Load) وڌيل هئو. دماغي ڪم ڪان پوءِ Sex هڪ قسم جو سلامتيءَ جو دروازو Safety Valve ٿيندو آهي. سيڪس جي بک سبب هو ڏيان ڪيس ڏانهن بہ لڳائي نہ پي سگهيو. ڪم اڏ ۾ چڏي هو ڪوٽ سوٽ نيڪٽائي سان آفيس مان نڪتو. تکڙا تکڙا بہ سگريٽ پڙ چڪيائين پر من اشانت ئي رهيو. ان اشانت گهڙيءَ ۾ هو هلندو هلندو اچي بدنام بستيءَ ۾ پهتو.

بجلي ۽ هنجون ٽي - چار ڏنڊي واريون ٻن بينچن تي وينيون هيون ۽ ڏندن کي صاف.وينيون ڪيائون. ڪن کي ڪارو باندر چاپ پائوڊر هيو.۽ ڪن کي مشري.

مشري، تماڪ، سوپاري وغيره هڪ ٻئي کي ڏيڻ جو رواج آهي. مهاراشٽرا ۾ ايهو اثر وينل آهي تہ مشري لڳائڻ سان منهن جي بانس مري ويندي آهي. حقيقت ۾ تماڪ جي موجودگي عادت پئدا ڪندي آهي. تماڪ هڪ هلڪو (Tranguiliser) پڙ آهي.

پائوڊر ۽ مشريءَ سان ڪنو هليون پئي ڳالهيون. ان محل سشيل ڪمار اچي پهتو. هيڏانهن هوڏانهن نظر ڦيرائي اچي بجليءَ جي ويجهو پهتو. هن کي بجلي پسند آئي. اڇڻ سان پڇيائين، "تنهنجي في گهڻي آهي؟ بجليءَ آگر سان ڏند مهٽيندي چيو، پنجاهہ رپيا.

سشيل ڪمار چيو، نہ بجلي، نہ A/c چاليهہ رپيا وٺ.

بجلي پاسي واري جهوپڙي ڏانهن اشارو ڪري چيس، هيءَ ٻڌي 30 رپيا ونندي آهي.

بي رنڊيءَ ڪلندي چيس تہ هوءَ پاڻ رنڊي صرف 10ونندي آهي. صرف پاڻي ئي تہ ڪيڏو آهي. ان وٽ وچ ۽ بچاءَ پئسا.!

سشيل ڪمار بجليءَ جي جهوپڙي ۾ گهڙيو. بجلي جهوپڙي ۾ گهڙي. پاڻيءَ

سان ڏند صاف ڪيائين. گرڙيون ڪندي سشيل ڪمار کي ڪپڙا لاهڻ لاءِ اشارو ڪيائين. سشيل ڪمار نيڪ ٽاءِ لاهي ڪوٽ ۾ وڌي ۽ ڪوٽ لاهي ڪليءَ ۾ ٽنگيو.

جھوپڙي جي حالت ڏسي سوچيائين تہ اجايو آيس. خير

بجليءَ چيس، جلدي ڪر، گراهڪءَ جو ٽائيم آهي.

وڪيل چيس، مان گراهڪ ناهيان چا؟

بجليءَ چيس، مونکي ڪنجوس گراهڪ نہ وٽندا آهن.

وڪيل صاحب پئسا ڏنا. بجليءَ پنهنجو جھونو راڳ آلاپيو، "جلدي ڪر"

وڪيل صاحب جو غصو وڌندو ويو. اڄ هن کي سمجھ ۾ اچي ويو تہ غصي ۾ ماڻھو ڪيئن خون ڪندا آهن.

وڪيل جو سوچ چالو هيو تہ بجليءَ چيس، توکان سو رپيا وٺڻ ڪپن جلدي ڪر.

وڪيل جي موڊ خراب ٿي وئي، سيڪس تان ارواح ڪڍي ويس. بجليءَ ٽڪڙو ٽڪڙو وڪيل کي ڇڻايو. وڪيل پاڻ کي اترپت پانيو. سگريٽ ڪڍي ڏکايائين.

بجلي چڙھ ڏيئي چيس، باهر وڃي سگريٽ ڇڪ. ٻوهٽيءَ مھل کڻڻ پنوتي ٿا اچن!

وڪيل سگريٽ پوري ٽيڪ کان اڳ باهر نڪرڻ نہ ڏني چاهيو پر بجليءَ هن جا ڪپڙا باهر ڦٽي ڪيا ۽ بي گراهڪ کي اندر سڏ ڪيو.

وڪيل ٽڪڙو باهر آيو ۽ ڪپڙا پاتائين ڏنائين تہ ڪوٽ ڪليءَ تي رهجي ويو آهي. جھوپڙي جو دروازو بند هيو. وڪيل دروازو کڙڪايو تہ اندران بجليءَ هڪ ڪچي پکي گار ڏنس.

وڪيل غصي ۾ نڪتو ۽ پوليس اسٽيشن ڏانھن رخ ڪيائين. ياد آيس تہ ڪوٽ جي ڪيسي ۾ هزار رپيا پيا هئا. 1000 رپيا ياد ڪري قدم ٽڪڙا ڪڍڻ لڳس.

پوليس اسٽيشن تي نئون انسپيڪٽر آيل هيو. وڪيل جي آجيان ڪيائين. اڳ ڪن فوجداري ڪيسن ۾ سندن مڪاميلو ٽيو هيو. پر اڄ جو مڪاميلو ڪجھ نرالو هيو.

نوٽ: ڪارو ڪوئلو، تماڪ ۽ لونگ ڪلي ملائي ڏندن جو پائوڊر ناهيو ويندو آهي. جنهن کي چيو ويندو آهي مشري. مشري اکر جو مطلب آهي مڪس ٽيل. - ليک

(٢٤)

انسپيڪٽر چيو، WelCome Mr. Sushilkumar (خوش آمديد مسٽر سشيل ڪمار) وڪيل صاحب نمستي ڪري ڪرسيءَ تي وينو .

انسپيڪٽر پڇيو، چا پيئندا؟ ٺڏو يا گرم؟

وڪيل چيو- Thank You

انسپيڪٽر- حڪم ڪيو ڪيئن آيا آهيو؟

وڪيل- عام رواجي معاملو آهي پر عزت جو سوال آهي.

انسپيڪٽر- ڪهڙو معاملو آهي؟

وڪيل- مان بدنام بستيءَ ۾ ويو هيم

انسپيڪٽر- سشيل ڪمار معنيٰ سني چريتر وارو. توهان ۽ بدنام بستيءَ ۾؟ وشواس نہ ٿو اچي. مذاق نہ ڪيو.

وڪيل- مان مذاق نہ پر سچ پچ بدنام بستيءَ ۾ ويو هوم. اتي بجليءَ نالي رنديءَ منهنجي بي عزتي ڪئي آهي. مان پنهنجو ڪوٽ ٻہ جھوپڙي ۾ وساري آيو آهيان.

انسپيڪٽر- وڪيل صاحب توهانجي شڪايت درج ڪيون؟

وڪيل- نہ نہ عزت هلي ويندي

انسپيڪٽر -صلاح ڏيو چا ڪيون.

وڪيل- رن کي گهرائي ڏڪو داب ڏيئي ڪوٽ ۽ ڪوٽ ۾ پيل پئسا ولي ڏيو.

انسپيڪٽر - رنن وٽان پئسا ملندا آهن چا؟ باقي ڪوٽ ملي ويندو.

وڪيل صاحب، ايها رن بجلي هڪدم بيڪار آهي. اڳيون انسپيڪٽر ۽ چار حولدار ان رن بدلي ڪرائي ڇڏيا. پوليس اسٽيشن تي انسپيڪٽر جي قميص ڦاڙيائين، چمڙون هنيائين وغيرهہ

وڪيل- توهان رن کي ڪجهہ ڪونہ ڪيو؟

انسپيڪٽر -گهٽو ئي ڪجهہ ڪيوسين.ہ آخر رن بيقصور ٿي چڪي ويئي. پوليس مٿان انڪواري (Enquiry)ويني. پوليس وارا ان رن کان چرڪندا آهن. حڪم ڪيو تہ ڪوٽ هٽ ڪري ڏيانو.

وڪيل- سپاٽي ڪورٽ ۾ ڪوٽ ته ڪپندو

انسپيڪٽر- ڪوٽ ملي ويندو پر پئسن جي اميد لاهي ڇڏيو

وڪيل- ڪوشش ته ڪيو. باقي سيني رنن کي مان ڏسي ونندس.

انسپيڪٽر -رنن کي وڏي سياسي (راجنيتڪ) سپورٽ(Support)آهي. توهان پنهنجي عزت بچايو ۽ هن گندي معاملي کان دور رهو. سپاٽي کنهن مڪاني اخبار ۾ ايندو ته وٺشيا وٽ وڪيل جو ڪوٽ گروي ۽ پوءِ توهانجي عزت مٽيءَ ۾ ملي ويندي.

وڪيل- جيڪا توهان جي صلاح.

انسپيڪٽر روم مان باهر ويو. حولدار کي سڏائي چيائين، بجليءَ جي جھوپڙي ۾ وڃي وڪيل صاحب جو ڪوٽ ڇڏائي اڇ ڪوٽ ۾ 1000 رپيا پيا اڻيئي. اهي کڻي رکجانءِ. وڪيل کي صرف ڪوٽ ڏينداسين.

حولدار بدنام بستيءَ ۾ بجليءَ جي جھوپڙي وٽ پهتو. بجلي ٽورچ ڪري ويئي. ڊپ ۾ حولدار کان پڇيائين، ڪيئن آيا آهيو؟ هفتو ڪپيو چا؟

حولدار - بجلي، توکان هفتو ته ڪونہ گهرنداسين،توکي تڙي پار (Externment)جو ويچار پوليس اسٽيشن تي هلي رهيو آهي.

بجلي - تڙي پار ڇو؟

حولدار - توکي خبر ڪونہ ٿي پوي ته ڪنهن سان وڙهين ٿي. تنهنجي ان طريقي سان سڄي پوليس اسٽيشن چاهي ٿي ته توکي تڙي پار ڪرائجي.

ايتري ۾ هڪ چانهہ وارو لنگهيو.

بجليءَ حولدار کي چانهہ پيئاري ۽ گفتگو چالو رهي.

حولدار - اڇ تو هڪڙي وڪيل کي گاريون ڏنيون. هنجا ڪپڑا ڦٽي ڪيئہ. پوليس ۾ شڪايت درج ٿي. اسان جي نئين صاحب وڪيل کي سمجهائي ڏڏو ڪيو آهي.

بجلي - ايهو ڪنجوس، نامرد، مونکي چوي پيو 40 رپيا وٽ. ٻوهٽي مهل اهڙو پنوتي گراهڪ آيو جو هينئر ٻيو گراهڪ ئي ڪونہ آيو آهي. مئو نامرد - بلب برڻ کان اڳ ئي فيوز ٿي ويس. وري سگريٽ پيئڻ ويهي رهيو جڻ ته ماٺهس جو جھوپڙو هيو.

حولدار - پر تو هنجو ڪوٽ ڇو روکي رکيو؟

بجلي - ڪوٽ وسري ويس. مان ٻئي ڳراهڪ سان اندر هيس. دروازو پيو ڪڙڪائي. مان ٻه اندران گاريون ڏنيون مانس. سالي کي ٿورو صبر ٻه ڪونہ هيو. بلب هارڻ ۾ ٻه ٽڪڙو فيوز ٽيڻ ۾ ٻه ٽڪڙو!

حولدار - تو وڪيل جو ڪوٽ پاتو تہ ڪونهي؟

بجلي - ڪارو رنگ تہ ماتمي رنگ آهي. منهنجو ڇا مرد مري ويو آهي جو ڪارو ڪپڙو پايان؟

حولدار - توکي تہ روزانو مرد ملندا آهن.

بجلي - سالا تون ٻه تہ انهن مان هڪڙو آهين.

بجلي اُٿي ۽ جهوپڙي مان وڪيل جو ڪوٽ ڪڍي آئي. حولدار ڪوٽ وني ڳجهي نموني ڪوٽ تي هٿ ڦيرايو محسوس ڪيائين تہ پئسا سلامت آهن. دل ۾ چيائين رنديين کي ٻه پنهنجا اصول آهن.!

سشيل ڪمار وڪيل کي ڪوٽ مليو. پوليس کي پئسا مليا.

انسپيڪٽر حولدار کي چيو، سالو ڪورٽ ۾ رڙيون واڪا ڪري اسان کي هيسائيندو آهي. گناهگارن جو حمايتي ٿي بيهندو آهي. بجلي ۽ جي اڳيان بڪري ٿي ويو.

حولدار پئسا ڳڻيندي چيو، صاحب چورن مٿان مور پيا آهن.

(٢٥)

راجا خان سڄو ملڪ گھمندو هيو. روڪ طبعيت هيس ۽ ڏنڏو ۽ اهڙو هيس جنهن ۾ پوليس ۽ عملدارن کان دور رهڻ جي کوشش کندو هيو. ڪيترين ڇوڪرين جي اغوا (Kidnapping) ڪرڻ جا ڪيس متائنس هئا. ڪيترن ڪيسن ۾ پکڙيو هئو پر ثابتيون نه هئڻ ۽ پوليس کاتي ۾ رشوت هڻڻ سبب ڇٽي ويندو هيو. پوليس جون مارون ۽ لاکپ ۾ ڪيترا ڏينهن رهڻ کان پوءِ من ۾ هڪ اڃا ٽيس ته هينئر ٽانئينکو ٽيان. ڳپل پئسا ۽ جمع ڪيا هئائين، پر کا دل گهري عورت ڪونه پئي ملیس جنهن سان زندگي آرام سان ۽ سکون سان گذاري. سيڪس هن جي لاءِ روزمرهه جو ڪاڏو هيو. پر گهر وسائڻ لاءِ کا چيز ڪپي جيکا سيڪس کان مٿي هجي، اوچي هجي. ان سکون جي تلاش ۾ پٽکندو رهيو. پٽکندي پٽکندي هڪ ڏينهن اچي بدنام بستيءَ ۾ پهتو.

بجلي پنهنجي ساهيڑين سان بينچن تي ويهي ڏند صاف ڪري رهي هئي ۽ ڳالهيون ڪري‌رهي هئي. بجلي منهن صاف ڪرڻ لاءِ جهوپڑي ۾ ويئي ۽ موريءَ ۾ پيشاب ڪرڻ ويئي. ايتري ۾ اوچتو راجا خان اندر گهڙيو. بجليءَ جرڪ پريو ۽ اُٿي ڪڙي ٿي. زور سان رڙ ڪري چيائين سالا باهر نڪر. راجاخان باهر اچي بيهي رهيو.

بجلي باهر اچڻ سان گارين جو وسڪارو شروع ڪيو. ڳالهائيندي ڳالهائيندي چيائين، پيءَ جو جهوپڑو سمجهيو اٿيئي جو بنا اجازت اندر هليو آئين.؟

راجاخان جو پيءَ سان پيار هيو. پيءَ جو نالو ٻڌي غصي ۾ اچي ويو ۽ هڪ زوردار چمات بجليءَ جي ڳل تي ٽوڪي ڏنائين. راجاخان جو ڳورو هٽ ۽ بجليءَ جو نازڪ بدن، بجلي بيهوش ٿي وئي. بينچ تي ويٺل ٻين وٺائن رڙ ڪئي، "بجلي مري ويئي." راجاخان "بجليءَ کي ماري ڇڏيو." راجاخان ٽورو ڇرڪي ويو پر گهبرايو ڪونه. بجليءَ کي ڪچ ۾ ڪٽي جهوپڑي ۾ ويو. هڪ ٻي وٺا کي اشارو ڪيائين ته ڊاڪٽر دين ديال کي سڏي اچ. رڙ ڪري چيائين، گوڙ نه ڪيو هوا اچڻ ڏيو. راجاخان جو دهشت پريو آواز ٻڌي سڀ ماڻهو ڪک پن ٿي ويا. راجاخان پاڻيءَ گلاس ڀري بجليءَ کي پاڻيءَ جا

چنڊا هنيا. ڊاڪٽر اچي تنهن کان اڳ بجليءَ کي هوش اچي ويو. ڏٺائين ته راجا خان جي ڪ ۾ ليٽي پئي آهيان ۽ راجا خان مٿي کي مالش ڪري رهيو آهي. ڊاڪٽر دين ديال آيو تپاس ڪري سئي (Injection) لڳايائين چيائين، گهبرائڻ جي ڳالهه ڪونهي. ڪمپائونڊر هٿان دوا گوريون موڪليان ٿو.

راجاخان اُٽيو ۽ ٽيبل تي پيل سامان ۽ اسٽو ڏٺائين. چانهه ۽ ڪنڊ ته مليس پر ڪير ڪونه ڏسڻ ۾ آيس جنهن سبب ڪير بنا ڪوري چانهه ناهي ورتائين. بجليءَ کي گوڏي تي رکي هن کي پليٽ مان ڊڪ ڊڪ ڪري چانهه پيئارڻ لڳو. بجلي به ڪمزوري سبب هڪ ٻار وانگر ڪوري چانهه پيئڻ لڳي.

اوچتو بجليءَ جي منهن مان هڪ سڏڪو نڪتو ڳوڙها زارون زار وهڻ لڳا. ننڍي هوندي جڏهن هوءَ ماءُ کان رسي ڪري ڪير پيئڻ کان انڪار ڪندي هئي ته هنجو پيءُ ڪ ۾ ليٽائي هن کي پليٽ ۾ ڪير پيئاريندو هيو. اڄ راجاخان جي هٿان ڪوري چانهه پيئندي هن کي پنهنجي پيءُ جي ياد اچي وئي. سالن کان پيءُ جو منهن ڪونه ڏٺو هئائين. سوچيائين، الائي جيئرو آهي به يا نه . پيءُ ماءُ جي ياد ۾ سڏڪا پرڻ لڳي ۽ اکين مان ڳوڙها جهل ئي نه پيا ڏينس.

راجاخان پنهنجي لڳايل چمات کي ياد ڪري پاڻ کي ڏوهي سمجهڻ لڳو . همدرديءَ وچان بجليءَ کي زور سان ٻاڪر پائي وينو رهيو. شاهه جي قول موجب:-

چڪيءَ تنهن چري ڪئي جا ڏنس ان ڏهي

سهڻيءَ کي سيد چوي، وڏو قرب ڪهي

بجليءَ کي چانهه پيئاريل چڪيءَ چري ڪري ڇڏيو. حقيقت ۾ راجا خان جي قرب هن کي چريو ڪري ڇڏيو. ان کان پوءِ راجاخان ۽ بجلي ڪيترا ڏينهن قرب ونڊيندا رهيا. جيئن سهڻي ۽ ميهار درياهه جي وهڪري ۾ وهندا ويا تيئن بجلي ۽ راجاخان به واسنا جي وهڪري ۾ وهندا رهيا.

(٢٦)

راجاخان ۽ بجلي پاڻ ۾ هڪ ٿي ويا راجاخان جي دارون پيئڻ جي عادت گهٽجي وئي. سندس کي دوست عجب کائي پچندا هيس تہ جواب ۾ کلي چوندو هيو.

شراب-اي-عشق کي آگي

يي پاني، ڦر پي پاني هئہ.

بجلي جي سياڻ ۾ بہ گهڻي بدل اچي ويئي. بجليءَ جي زبان مان گاريون گهر ٿي ويئون. ڀالهائڻ ہولهائڻ ۾ فهميدي ٿي ويئي. گراهڪن کي ويجهو اچڻ ئي کونہ ڏيندي هئي. نئين شادي ڪيل ڪنوار (دلهن) جي منهن ۾ جيڪا چمڪ ايندي آهي اها سندس منهن مان بکڻ لڳي. سڪ جو وقت جلدي اڏامندو آهي. ائين انڪل ٩ مهينا گذري ويا. ڪو ٻار تہ پئدا کونہ ٿيو پر اوچتو هڪ نئين مصيبت کڙي ٿي ويئي.

ڪجهہ ڏينهن اڳ راجاخان هڪ پهاڙي چوکريءَ کي هماچل پرديش مان اغوا ڪيو هيو. پهريائين شاديءَ جو نانڪ ڪيائين، پوءِ ان کي گهمائڻ ڦيرائڻ جي بهاني ڪلڪتي وٺي ويو. ۽ هڪ چڪلي تي وڪڻي آيو. چوکري ناهوکي هئي پر قاعدي موجب نابالغ هئي. ڪلڪتي جي چڪلي مان پوليس کي هٿ لڳي. چوکريءَ جو پيءُ پنهنجي ڳوٺ جو سرپنچ هيو. هماچل پرديش جو هڪ منسٽر (وزير) سندن رشتيدار هيو. راڄنيتي دٻاو هيٺ پوليس چوکريءَ کي آزاد ڪرايو. چوکري پنهنجي گهر پهتي پر کنهن کي منهن ڏيکارڻ جي لائق کونہ رهي. سماجڪ حالتن هيٺ شايد کنهن ٻيڊي رنڊ (Widower) سان سندس شادي ٿي وڃي ها پر چوکريءَ جي احساس ڪمتري (Inferiority complex) جو هڪ ٻيو بہ ڪارڻ هيو. ڪلڪتي ۾ رهندي چوکريءَ جي ڳلن (ڳڻن) تي Tattoo Marks نشان لڳايا ويا هئا. چوکري گهر کان ٻاهر نڪري کونہ پئي سگهي. هماچل پرديش ۾ پردي يا برقي جو رواج کونهي. انهن ڪدائڪ حالتن هيٺ چوکريءَ هڪ پهاڙيءَ تان ٽپو ڏيئي آپگهات (آتم هتيا) ڪري ڇڏيو.

سرپنچ جو ڏيءُ سان زبردست پريم هيو. بدلي وٺڻ جو پرن ڪري ڇڏيائين. راڄنيتي (سياسي) رسوخ سبب پوليس راجا خان جي ڳولها شروع ڪئي. ڪيترن مهينن جي ڳولها کان پوءِ بدنام بستيءَ ۾ پوليس بجليءَ

جي جھوپڙي مان راجاخان کي گرفتار ڪيو. هماچل جي هڪ ضلع عدالت ۾ ڪيس هليو. ثابتيون ته هيون ڪونہ، ڪيس ۾ سنگين الزام جھڙوڪ اغوا، بالتڪار (Rape)، زوريءَ وٺشا ورتيءَ ۾ لڳائڻ وغيرہ لڳايا ويا هئا. سڀ الزام سچا پرثابتيون ندارد. راجا خان جي بچاو لاءِ هڪ الڙ وڪيل. جج سرڪاري وڪيلن جي دليلن سان سهمت ٿي راجاخان کي ۵ سال سخت پورهئي سان سزا ڏني.

بجلي روئندي رهي. راجاخان آڏت ڏيندي چيس، فڪر نہ ڪر بجلي مان جلدي واپس ايندس. انجام ورتائينس ته تون ڏنڏو نہ ڪندينءَ ۽ هر هفتي مونکي هڪ خط لکندينءَ.

بجليءَ انجام ڪيو. هر هفتي وديا کان هڪ خط لکائي جيل جي پتي تي موڪليندي هئي. ڏنڏو بند ڪيائين آهستي آهستي پٽسا ختم ٿيندا ويا. بجلي غريبيءَ ۾ گذارڻ لڳي ته بہ راجاخان سان ڪيل انجام پاڙيندي رهي.

چوندا آهن مرد لاءِ پيار زندگيءَ جو هڪ حصو آهي، عورت لاءِ پيار زندگيءَ جو حصو نہ پر پورو وجود آهي. بجلي ان پھاڪي کي ثابت ڪيو.

11/1/07 پاونگر

پريہ ڊاڪٽر پارواڻي جي نمستي،

توهانجو نندو ناول 'مفت اگني سنسڪار' مليو. مھرباني

مان هنديءَ ۾ 20 سال 'طنز' پڙهائي آهي، اَلبت لکيو نہ آهي.

خوش هوندا.

پروفيسر نامديو تاراچنداني

(٢٧)

عامدار موٽو ٻالاڻي هڪ غير رواجي انسان هيو. شاهوڪاري گهر مان هيو پر خاندائي ڪونہ هيو. چوندا آهن خاندائي ماڻهو ويل نہ وڃائيندا آهن. موٽوٻالاڻيءَ ۾ اهي سڀ گڻ هئا. جيڪي پوءِڏاون شاهوڪارن ۾ هوندا آهن. پئسي سبب اوگڻ ڏسجي ويا هئس. عامدار موٽو ٻالاڻيءَ لاءِ پئسو گناهن جو پردو هيو. سڀ اوگڻ ڏيکيل هئس. پهريائين ميونسپل ۾ چونڊيو ۽ يڪدم ميونسپل جو پريزيڊنٽ ٿي ويو. پارٽيءَ جي مٿين عهديدارن کي پئسي ۽ خوشامد سان خريد ڪيائين. پريزيڊنٽ ٿيڻ سان پهريائين پنهنجي پارٽيءَ جي مکيہ ليڈرن کي ڪڍ جا اُپاءَ ورتائين. هر نندي وڏي ليڈر جي سامهون سندس وارڊ ۾ هڪ مخالفتي پئدا ڪيائين. ائين پنهنجي پارٽيءَ جو بي تاج نہ پر تاج وارو بادشاهہ ٿي ويو. پارٽيءَ جي جهونن ڪم ڪندڙن جو ميونسپل ۾ ڪوبہ ڪم ٿيڻ نہ ڏنائين. نوان الڙ، اڻ آزمودگار ۽ بنا ڪنهن انتظام وارا چوڪرا مٿي اڇي ويا ۽ موٽو ٻالاڻي بڻجي ويو نوجوان نيتا. جهونا ڪم ڪندڙ آهون پرڻ لڳا. کي رٽائر ڪري ويا ۽ کي اندر وڙهندا رهيا. لڙائي غير برابريءَ جي هئي جهونا ڪم ڪندڙ لاچار ٿي ويا.

ڪجهہ وقت کان پوءِ ميونسپل جا سڀ فائيل پريزيڊنٽ جي گهر وڃڻ لڳا. سڀ فيصلا ٻالاڻي محل مان ٿيڻ لڳا. ميونسپل ملازم لاچار ۽ بيوس ٿي ويا. ميونسپل ميٽنگن ۾ صرف هٿ مٿي ٽيندا هيا. هڪ ميٽنگ ۾ 85 اسم ڪنيا ويا ۽ 30 منٽن ۾ ميٽنگ پوري!

مخالف ڪائونسلر بحث مباحثي تي هريل، هي نئون ڪاروبار ڏسي واڙڻا ٿي ويا. پهريائين ڪجهہ ڪيس وغيرهہ ڪيائون پر ڪورٽن جي دير مدار فيصلن سبب ڪورٽن ۾ وڃڻ بہ بيسود ٿي پيو.

موٽو ٻالاڻيءَ لوڪشاهيءَ ۾ پاڻ کي مضبوط ڪرڻ لاءِ ہر طريقا اپنايا. هڪ نوڪشاهي ۽ ٻيو ہوڪشاهي. هر دوست دشمن تي ڪنٽرول (ضابطو) رکڻ لاءِ نوڪشاهي مطلب دادائگيري، ڏاڍائي، ڏاڍ مڙسي وغيرهہ ڪتب آندائين . جيڪو مخالفتي دادائگيريءَ هيٺ ڪونہ جهڪيو ان کي پوليس جي معرفت جهڪايائين. جيڪو پوليس آفيسر هنجي چٽي موجب نہ هليو ان کي بدلي ڪرايائين يا سسپينڊ(Suspend) ڪرايائين. ائين نوڪشاهيءَ جو نئون نظام ڪڙو ڪيائين. نوڪشاهيءَ جي پوروچوٽ(Parallel) چالو ڪيائين ہوڪشاهي.

هر اخبار ۾ هن جو فوٽو ۽ ڪاريہ جا بيان اڇڻ لڳا. اخبار نويس خريد ڪيا ويا يا دٻايا ويا. مطلب تہ ڪوڙو پرچار ڪري پاڻ کي لوڪ پريہ(Popular) ڪيائين.

نوڪشاهيءَ ۽ ٻوڪشاهيءَ جي وچ۾ جنتا ڦاسي ويئي. اسيمبلي چونڊ آئي. چونڊيل ايم.ايل.اي. ڏڌارام جنتا جو سيوڪ هيو. تعليمي ڪيٽر ۽ ٻين ڪيٽرن ۾ سيوا ڪري مٿي آيو هيو. ڏڌارام نوڪشاهي ڪونہ ڄاڻيندو هيو. ٻوڪشاهيءَ لاءِ جيڪو عقل ۽ پئسو کپي اهو سندس وٽ ڪونہ هيو. تنهن هوندي بہ پبلڪ ۾ پيارو هيو.

ٻوڪشاهي(Publicity)جي آڌار تي ڪوڙو پرچار ٿي ويو تہ ٻنهي اميدوارن ۾ زبردستي چڪري آهي. ڪجهہ ڏينهن جي ڪوڙي پرچار کان پوءِ اخبارن ۾ خبرون آيون تہ موٽو ٻالاڻيءَ جو زور وڌيل آهي.

سرڪاري عملدارن ۽ چونڊ ڪرائيندڙن ۾ بہ ايهو اثر ويهجي ويو. آخر ۾ ڪم ڪيو "اموگهہ استر". اهو اموگهہ استر هيو پئسو. ڏڌارام لوڪ پريہ(Popular) هوندي بہ چونڊ هارائي ويو. موٽو ٻالاڻيءَ جي راڄنيتڪ هڪ هٿي(Monopoly) قائم ٿي ويئي.

پارت جي وڏان (آئينہ)(Constitution) ۾ 3 ڪيہ انگ آهن. (۱) چونڊيل عيوضي (۲) وزير-آفيسر (۳) ڪورٽون(Judiciary) وڏان اهڙي نموني نهيل آهي جو کو انگ ٻئي انگ جي اختيارين ۾ دخل اندازي نہ ڪري.

موٽو ٻالاڻي عامدار ڏيڻ کان پوءِ سمجهو تہ مون کي سڀ اختياريون(Powers) مليا آهن. ان سبب ڪيترا خون ڪرايائين. هڪڙي پوليس سب انسپيڪٽر کي پوليس اسٽيشن تي وڃي چماٽون هنيائين. مطلب تہ وڏان جون مليل اختيارين جون حدون ٽپي ويو.

سرڪار منجهي پيئي. آخر پنهنجي عامدار کي نظربندي قانون هيٺ بنا ڪيس هلڻ جي قيد ۾ رکيائون. موٽو ٻالاڻي نوڪشاهي ۽ ٻوڪشاهيءَ جي آڌار تي لوڪشاهيءَ جي مٿان حاوي پئجي ويو ۽ جيل ۾ رهي بہ اسيمبلي چونڊ کٽي ويو.

ميونسپل چونڊن ۾ هو گهٽائي سان چونڊجي آيو ۽ پنهنجي پاءُ چوٽو ٻالاڻيءَ کي نئين نهيل ڪارپوريشن جو ميئر بڻايائين. چوٽو ٻالاڻي مورڪ ۽ ابهرو هيو. هن جي ابهرائيءَ سبب موٽوءَ کي ڪيترن دشمنن کي منهن ڏيڻو پيو.

موٽو ہالاڻيءَ لاءِ پنھنجي پارٽيءَ ۾ پرابلم (Problem) ھيو شيوارام راجپوت. شيوارام شيواڏاري ھيو ۽ راندينگر (Sporstsman) ھيو. ھر سال پيو ميلا ملاکڙا لڳائيندو ھيو. موٽو ہالاڻيءَ کان ھنجي مشھوري سڻي نہ ويئي پر شيوارام ہ مضبوط کارپوريٽر ھيو.

نئين ميونسپل چونڊ ۾ ڪجھ وارڊ وڌيا. شيوارام جو وارڊ ہن حصن ۾ وراھجي ويو. شيوارام جو وارڊ مضبوط ھيو پر نئون وارڊ وڻشائن ۽ مزورن جو ھيو. شيوارام پنھنجو ڪو سڻو سھڪاري اميدوار ڳولھڻ لڳو. چترسين وڪيل جي دل ھئي تہ ان نئين وارڊ ۾ مان اميدوار ٿيان. ھڪدم موٽوہالاڻيءَ جي خوشامد شروع ڪيائين.

ھڪ ڏينھن موٽوہالاڻيءَ اڪيلائي ۾ چترسين کي چيو، وڪيل صاحب، ھڪ ضروري ڪم آھي. ڪاميابيءَ سان پورو ڪري ڏيکاريو تہ ان نئين وارڊ مان توھان جي ٽڪيٽ پڪي.

چترسين چيو، صاحب جان جي بازي لڳائي ڪم پورو ڪندس.

موٽوہالاڻيءَ چيو، جان جي بازي نہ پر عقل جي بازي لڳائڻي آھي.

8/02/07

ايسر پارواڻي پريہ،

توھانجو طنز مذاق جو ڪتاب مليو.

ڏنيہ واد

جيڪي دوست منھنجي سمپرڪ ۾ آھن، اھي پنھنجا ڪتاب - خواھ مخواھ پتي (آرڪي پُر) جتي چار سال اڳ رھندو ھوس اُتي موڪليندا آھن ۽ ڪنھن نموني سان مونکي ديہ - سويہ ملي ويندا آھن. پر تون منھنجي غير واقفن مان آھين تہ بہ ڪتاب صحيح ائڊريس (جنڪ پوريءَ ۾ جتي مان چئن سالن کان رھندو آھيان) تي موڪليو اٽيئي.

ان حادثي تي طنز - مذاق جو Sense چا ٿو چوي؟

آنند ڪيماڻي

دھلي.

(٢٨)

بالاڻي ۽ هوليو، اسان کي هڪ نيڪو آهي ڪاري ۽ مان ريتي ڪيڊ جو. ان نيڪي ۾ چار ڪارپوريٽر ۽ پنج پارٽي ۽ جا ڪاريہ ڪرتا (ڪم ڪندڙ) پائيوار آهن. منهنجو تہ صرف 10 سيڪڙو حصو آهي. ڪن کوڙين دانهن ۽ درخواستن تي ڪليڪٽر اسان جو نيڪو رد ڪيو آهي. ڪليڪٽر ڪابہ ڳالهہ مڃڻ لاءِ تيار ڪونهي. رشوت بہ ڪونہ ونندو آهي. ايماندار ماڻهو پبلڪ لاءِ آزار هوندا آهن! 10 پائيوار، 100 ڪن ڊرائيور ڪلينر، 1000 ڪن مزور بيروزگار تي ويا آهن. روينيو منتري (محصول منتري) جي هٿ ۾ درخواست ڏيئي آرڊر ونڊو آهي ۽ ڪليڪٽر جو آرڊر رد ڪرائڻو آهي.

چترسين چيو- صاحب منسٽر نہ مڃي تہ ڪورٽ جو در ڪڙڪائبو

عامدار- ڪورٽ ۾ تہ ڪٽي اڇبو پر دير تي ويندي. چوندون سر تي بينيون آهن. چوندن کان اڳ ۾ ڪم ڪپي.

چترسين چيو- توهان جي ڪهڙي راءِ آهي؟

عامدار- ڪورٽن ۾ ڪيترا زال مڙس جا ڪيس هلن ٿا. انهن مان ڪي زالون تہ پنهنجي پير تي ڪونہ هونديون. اهڙي ڪا زال منسٽر سان رات گذاري ڪم ڪرائي سگهي ٿي.

چترسين چيو-مطلب تہ ڪال گرل ٽائيپ عورت ڪپي.

عامدار- پر ڪم عقل سان ڪرڻو آهي ۽ عزت جو بچاءُ بہ ڪرڻو آهي.

چترسين چيو- توهان چئا، پر منهنجي ٽڪيٽ جي جوابداري توهان جي مٿان.

عامدار - ٽڪيٽ جي خاطري

چترسين جو ڏيان پنهنجي وڻائن جي بدنام بستيءَ ڏانهن ويو ۽ هڪدم بجلي ڏيان ۾ اچي ويس.

شام جو مزورن جي بستيءَ ۾ بجلي کي پنهنجي آفيس ۾ گهرايائين. بجلي آئي. چترسين چانهہ جو پڇيس. بجليءَ هڪدم ها ڪئي. چانهہ پيئندي چترسين پڇيس- بجلي، ڏنڊو ڪيئن ٿو هلي؟

سال تي ويو ڏنڊو بند ڪئي

گذران ڪيئن پيو هلي؟

ڏکيو سکيو هلي پيو.

تون ڏهري ٿي ويئي آهين.

بکون کڍي ايهو حال ٿيو آهي.

ڏنڏو چونہ ٿي ڪرين؟

راجاخان سان انجام ڪيو آهي تہ ڏنڏو ڪونہ ڪنديس.

تون ڏنڏو ڪندينءَ تہ راجا خان کي کهڙي خبر پوندي؟

منهنجي من کي تہ خبر پوندي.

ڪجهہ وقت چپ ٿي وئي.

وري چترسين چيو، تنهنجي لاءِ هڪ رٿا هئي.هن شهر ۾ هڪ وزير اچڻو آهي. عامدار جو ان ۾ هڪڙو ڪم آهي تون ان وزير جي هڪ رات شيوا ڪرين تہ توکي دل گهريو انعام ملندو.

بجلي - انعام ملندو يا محنتاڻو؟

چترسين - جيئن سمجهين

بجلي - مطلب تہ عامدار منهنجي شيوا تي پنهنجو ڪم ڪرائيندو؟

چترسين - ائين ئي سمجهہ . ڪنهن کي بہ خبر ڪونہ پوندي سڀ ڪجهہ ڳجهہ ڳوهہ ۾ ٿيندو.

بجلي - ڪليل يا ڳجهو، ڪوئي فرق ڪونهي پر منهنجو من مڃي نٿو .

چترسين 5000 رپين جي ٿڦي‌ڪڍي ٽيبل تي رکي ۽ چيائين تنهنجو من مڃي تہ هي ٿڦي کڻ. تنهنجي لاءِ هڪ نئين ڊريس ۽ سينگار جي سامان جو بندوبست پڻ ڪيو ويندو.

بجلي مونجهاري ۾ ويني رهي. بچتائيءَ ۾ منجهيل رهي. آخر پيٽ جي بک من جي مونجهاري تي غالب پئجي وئي. بجليءَ 5000 رپيا کنيا.

چترسين خوشامد ڪندي چيو، تون سهڻي بہ آهين تہ عقل واري بہ آهين. هينئر تون پنهنجي ڪاڏي پيتي جو خيال رکي پنهنجي صحت سڌار منسٽر سان مڪاميلو ڪرڻو اٿيئي.

بجليءَ جي اُٿڻ مهل چترسين چيو تہ جڏهن منسٽر صاحب جو پروگرام طئہ ٿيو تہ مان توکي آگاهہ ڪندم.

بجليءَ جي منهن ۾ ٿوري چمڪ آئي ۽ نمستي ڪري اُڪي ڪڙي ٿي.

(٢٩)

روينيو منسٽر (محصول منتري) جي گشت جو پروگرام اچي ويو. شهر جي باهران جيڪو ريسٽ هائوس(Rest House) پي.ڊبليو. ڊي (P.W.D) وارن جو هيو ان ۾ سڄو ڏينهن ۽ هڪ رات رهڻ جو پروگرام هيو.

مقرر ڏينهن تي صبوح جو اٺڪل ١١ بجي هڪ وڏي ڪار ڪارن شيشن سان اچي بجليءَ جي جهوپڙي پرسان بيني. ڪار ۾ ڊرائيور سان ڪنو وينو هيو چترسين وڪيل. بجلي پوئين سيٽ تي سينياٽي ٻڌجي ويني. ڊرائيور ڪار هلائي اچي بيهاري هڪ بيوٽي پارلر وٽ. هن بيوٽي پارلر ۾ دلهن (ڪنوار) کي سينگارڻ جا سڀ ساڌن ميندي۽ سميت موجود هئا. چترسين ۽ بجلي اندر گهڙيا. بيوٽي پارلر جي مالڪياڻيءَ کي چترسين پنهنجي سچاٽپ ڏني. مالڪياڻيءَ عزت سان هنهي جو آدر ستڪار ڪيو. بجليءَ کي مٿي کان پيرن تائين ڏٺائين. اڳيان پٺيان ۽ پاسن کان ڏٺائين. وات مان نڪري ويس، واهه پڳوان تنهنجي جوڙا! مالڪياڻي جنهن جو نالو سنڌنا هيو اوها ٽوڙي ٽيڊي هئي. بجليءَ کي هڪ وڏي آئيني سامهون ڪرسي ۽ تي ويهڻ جو اک سان اشارو ڪيائين. بجليءَ جي ڪرسيءَ جي قطار ۾ 6-5 ٻيون ٻه ڪرسيون پيون هيون. انهن ڪرسين تي 5 - 6 بدزيبيون، بدصورت، موٽيون شاهوڪار عورتون ويٺل هيون. انهن کي ڏسي بجليءَ جو آتم وشواس(Self confidence)وڏي ويو. اڳ جيڪا هيڻ پاڻا (احساس ڪمتري)(Inferiorty complex) هيس اها گم ٿي ويس. آتم وشواس سان آئيني ۾ پنهنجي سونهن ڏسڻ لڳي. پاڻ کي پاڻ وٽڻ لڳي.

هڪ چوڪري آئي جنهن بجليءَ جي وارن کي ڪٽي ۽ ليول ڪيو. سڌن وارن کي گهنڊيدار ٻڌايو. پي چوڪريءَ هٿن کي ميندي هنئي. ٽين چوڪريءَ اکين جون پروون(Eyebrows)ناهيا ۽ چوٿين چوڪريءَ هيو سڄو ميڪ اپ ڪيو. ميڪ اپ کان پوءِ بجليءَ لاءِ آندل دلهن (ڪنوار) جا گلابي ڪپڙا پاتا. آخر ۾ سڀ ميڪ اپ ۽ ڪپڙا پائڻ کان پوءِ سنڌنا بجليءَ کي هر طرف کان جاچي چيو(Perfect) سنڌنا بجليءَ جيءَ چوطرف نظر ثاني ڪرڻ کان پوءِ پڇيو، "دلهن پيرين اڳهاڙي ويندي ڇا؟

چترسين شرمندو ٿي چيو، " Sorry جوتي چمپل جو ڏيان ئي نہ رهيو ".

سنڌنا پاسي واري هڪ دڪان تان وڏين ڪڑين وارو هڪ سئنڊل گهرايو. وڏين ڪڑين وارو سئنڊل پائڻ کان پوءِ بجلي پاڻ کي وڏيڪ اوچو سمجهڻ لڳي.

چترسين سنڌنا کان بل پڇيو.

سنڌنا چيو، بل جو فڪر نہ ڪيو. بل تہ صرف4500 رپيا ٿيو، پر اهو بل عامدار صاحب پاڻ پريندو.

وڪيل پاڻ کي هلڪو محسوس ڪيو.

بجلي 4500 بل ٻڌي چرڪ پريو. سوچيائين هڪ رات لاءِ هار سينگار جا 4500 رپيا؟ منهنجي قيمت ڪيتري؟ بجليءَ کي محسوس ٿيو تہ هوءَ همیشہ پاڻ ڦرائيندي رهي آهي. 50 رپين ۾ هر هڪ گراهڪ مزو وڻي ويندو هيو ۽ ڏيندو هيو تڪليف ۽ بيماري جيڪڏهن اڇ کان پوءِ ڪڏهن ڏنڊو ڪيم تہ پنهنجي چارج گهٽ ۾ گهٽ 500 رپيا رکندم . پلي گراهڪ ٿورا اڇن پر سڏا تہ ايندا. دارون پيئندڙ، پان چٻاڙيندڙ، بدبودار سالا، سيني صرف 50 رپيا ئي تہ ڏنا سو بہ روئي روئي. هو مئو نامرد وڪيل چئي پيو 40 رپيا وٺ. ڪپڙا ڦٽي ڪيامانس تہ پاڻيهي سڏو ٿي ويو. وري دانهن ڪڍي ماءُ جي پوليس اسٽيشن ڏانهن ويو ڇڄ تہ مان پوليس کان ڊڄان ٿي؟ پوليس وارا هجن يا وڪيل يا ٻيا کي گراهڪ سڀ سالا حرامخور، مفت جو مزو ڪپين، مرد سڀ موچڑي سان سڏا آهن. موچڑا ڪائڻ کان پوءِ بہ موٽي مون وٽ ڇو تا اچن؟

چاکاڻ مان آهيان بجلي!! بدنام بستيءَ جي نامچين بجلي!!

(٣٠)

پي.ڊبليو. ڊي (P.W.D) جو ريسٽ هائوس بدنام هيو. ڪي ماڻهون ريسٽ هائوس کي (Rape House) بالتڪار جو هائوس چوندا هئا. هن ريسٽ هائوس ۾ الائي ڪيترن آفيسرن ۽ وزيرن ۽ خاصدارن(M.P.)۽ عامدارن عصمتون لٽيون هيون. انهن سڀني ڪارنامن جي اڪين ڏني احوال جو شاهد هيو خانساما قادر پائي. اصلي نوابن، راجائن ۽ انگريز حاڪمن جا جيڪي اوائلي خانساما هيا انهن جي خاندان مان هيو قادر پائي. آفيسرن ۽ راڄنيتڪن جا ڪارنامن ڏسي ۽ ڊائلاگ ٻڌي سياڻو ٿي ويو هو پڙهيل گهٽ هيو پر ڪڙهيل بہ هيو ۽ ٽريل بہ هيو. غصي تي زبردست ڪنٽرول هيس. بہ اڪيون بہ ڪن ڪم آڻيندو هيو پر وات کي وس ويندي بند رکندو هيو انگريزي پهاڪوis silver is Silence is golden,Speech تي پورو عمل ڪندو هيو. ان سبب سڀني کي وٽندو هيو. آفيسر ۽ راڄنيتڪ ڪيس Tips بہ جام ڏيندا هيا اڌ واپريل دارون۽ جون بوتلون، سينگار جو سامان وغيرهہ خوب ملندو هيس. ڪاڏي پيتي جي شين جي بہ ڪوٽ ڪونہ هوندي هئي.

چترسين وڪيل ۽ بجلي ڪار ۾ چڙهي ريسٹ هائوس ۾ پهتا. ريسٹ هائوس ٻاهران بہ پوليس جون گاڏيون بينيون هيون جنهن ۾10 پوليس وارا منسٹر جي سڪيورٽي۽ لاءِ موجود هئا.

چترسين ۽ بجلي ٻاهرين هال ۾ اچي وينا. هال ۾ 30-25 ماڻهون پنهنجون درخواستون ۽ عرضيون ڪٽي وينا هيا. چترسين ۽ بجلي بہ بين سان ڪنو ويهي رهيا. منسٹر جو.P.Aهڪ هڪ ڪي اندر گهرائي رهيو هيو.

منسٹر جهونو گانڌي وادي هيو. سڀني کي همدردي۽ سان ٻڌي آرڊر ڏيندو پئي ويو. .P.A هر هڪ درخواست تي نوٽ وٹي نيڪال ڪندو پئي ويو. منجهند جو 3 بجي چانهہ پيئڻ کان پوءِ وري دور شروع ٿيو ۽ بنا ڪنهن رڪاوٽ جي هلندو رهيو.

ان وچ ۾ عامدار ٻالاڻي آيو. هڪ وڏي منائي۽ جي پيٽي ڪٽي منسٹر جي دربار ۾ گهڙيو. نمستي ڪري وينو ۽ عرض ڪيائين صاحب اسان جي شهر جي مشهور منائي ڊبل ڊيڪر(Double Decker) توهان جي لاءِ آندي اٿم.

منسٹر پڇيو،اهو ڊبل ڊيڪر جو مطلب ڇاهي؟

عامدار چيو، صاحب بمبئيءَ ۾ جيئن ڊبل ڊيڪر بسيون هلنديون آهن تيئن هيءَ به ڊبل ڊيڪر منائي آهي. هينيون تهه آهي سڳر جي منائي ءَ مڃيون تهه آهي مائو. هيءَ اسانجي شهر جي خاص منائي آهي.

منسٽر مشڪندي چيو، پر مان تہ Diabetic Patient آهيان. منائي ڪاوان ئي ڪونہ.

صاحب، توهان جا ٻار تہ ڪائيندا.

چڱو هن سائيڊ ٽيبل تي رکو.

عامدار منائي رکي عرض ڪيو تہ صاحب اسانجي شهر جو هڪ مٽلو آهي. اسان جو وڪيل چترسين توهان جي اڳيان رکندو. ائين چئي عامدار نمستي ڪري موڪلائي ويو. منائيءَ جي پيٽيءَ ۾ عامدار1000 رپين جا سو نوٽ (لک رپيا) وجهي رکيا هئا.

سڀ جنتا جا ماڻهو پنهنجا دڪ سور ٻڌائي هلي ويا. باقي بچيا چترسين ۽ بجلي. چترسين اندر ويو تہ بجلي ٽڪاوٽ محسوس ڪري ٽنگون مڙي ڪري پلئي ماري ويهي رهي.

قادر پائيءَ تہ اڃ سان بجليءَ کي سڃاتو هيو پر ڪڇيو ڪونہ هئائين. بجليءَ جو جهونو ڳراهڪ ۽ عاشق هيو. سڀني آيلن کي چانهہ ۽ بسڪيٽ ڪرائيندو رهيو. هينئر جڏهن ماڻهو هليا ويا ۽ بجلي هال ۾ اڪيلي رهجي ويئي تہ قادر پائيءَ ڪوپ پليٽون ڪٺڻ جي بهاني بجليءَ جي ٽيبل تان ڪوپ پليٽون ڪڍندي عزت ڀري نوع ۾ چيائين، "آپ بجلي----------

بجلي لڄ لاهيندي چيو، ها قادر پائي مان بجلي.

قادر پائيءَ ٽيبل تي ڪپڙو هڻندي چيو، "اڄ تہ تنهنجا ڏاڍ ٻاڪ ئي اور آهن!"

قادر پائي، عامدارپالاٽيءَ ۽ چترسين وڪيل جون مهربانيون آهن.

بجلي، اسان کي تہ تنهنجي مهرباني ڪپي.

بجلي مشڪي ۽ قادر پائي ڪوپ پليٽون ڪٽي ڪچن (رنڊڻي) ۾ هليو ويو.

(٣١)

منسٽر جي ڪمري ۾ چترسين پنهنجي چترائيءَ سان چئي رهيو هيو:- صاحب، اسانجي شهر جي ڪن شخصن کي ريتيءَ جو ٺيڪو آهي جيڪو ڪليڪٽر صاحب رد ڪيو آهي. توهان کي عرض آهي ته اهو آرڊر Stay ڪرايو.

پي.اي. - پر وڪيل صاحب اهو ٺيڪو ته عامدار بالاڻيءَ جي نالي آهي

چترسين - صاحب، ان ۾ 10 پائيوار آهن. 4 اسانجي پارٽيءَ جا ڪارپوريٽر آهن. 5-4 پارٽيءَ جا ڪاريہ ڪرتا آهن. عامدار ته صرف 10 سيڪڙو پائيوار آهي. صاحب، ٽرڪن جا مالڪ، ڊرائيور، ڪلينر، مزور وغيرهہ اٽڪل 1000 ماڻهو بيروزگار ٿي ويا آهن.

منسٽر- تنهنجي عامدار ته ڪجهہ ڪونہ ڳالهايو.

چترسين - صاحب، هي جنتا جو مٿلو آهي عامدار جو اڪيلو ڪونهي، عامدار کي ڪمائيءَ جا ٻيا بہ وسيلا جام آهن، هن کي ڪهڙي پرواهہ آهي؟

منسٽر- جنتا جو مٿلو آهي ته عامدار جو فرض آهي ڳالهائڻ. گذريل 15 سالن ۾ توهان جي عامدار وڌان سڀا (Assembly) ۾ هڪ بہ اکر ڪونہ ڳالهايو آهي.

چترسين - عامدار ڪرم يوگي آهي. ڪم ڪهڻو ڪندو آهي پر ڳالهائيندو ڪهت آهي.

پي.اي.- اسانجي سرڪار هن کي بنا ڪيس هلائڻ جي نظربندي قانون هيٺ 8 - 10 سال جيل ۾ ڇو رکيو؟

چترسين - عامدار ڪان ڪيترا راجنيتڪ (سياستدان) جلندا آهن؟

ايهو ايرڪا جو نتيجو آهي.

پي.اي. - ڪليڪٽر لکيو آهي ته توهان ريتي ڪيو تا پر روينيو ٽئڪس نٿا ڀريو. توهان جا ڊرائيور بہ عامدار جي نالي داداگيري ٿا ڪن.

چٹرسين وڪيل درخواست منسٽر جي آڏو رکي ۽ ڀريل پئسن جون رسيدون بہ رکيون.

پي.اي.-رسيدون ڪنيون ۽ حساب ڪري ڇيو، توهان گذريل 3 مهينن ۾ 300 گاڏين جي ٽئڪس ڀري آهي. توهان روز اٽڪل 100 ٽرڪون ريتي ڪيو ٿا.

ان حساب سان توهان 9000 ترڪون ريتي ڪيي آهي. سرڪاري خزاني جي چوري ڪئي اٿو. عامدار جيل ۾ وڃڻ لائق آهي.

منسٽر هٽ مٿي ڪٽي پي.اي. کي روڪي چيو، آخر اسانجي پارٽيءَ جو عامدار آهي. ڪجهه صبر ۽ عزت سان ڳالهاءِ.

پي.اي چپ ٿي ويو.

چترسين چيو- عامدار صاحب توهان جي خدمت لاءِ بجليءَ ڀائيءَ کي موڪليو آهي.

پي.اي. بجلي کي اندر گهرايو.

منسٽر ٽڪل هيو ۽ بجليءَ کي ويهڻ جو اشارو ڪيائين. بجلي نمستي ڪري صوفا تي ويهي رهي.

چترسين پنهنجي چترائيءَ سان ڳالهائيندي چيو، صاحب بجلي سماج سيوڪا آهي. سوين ماڻهو هن وٽ ايندا آهن. سڀ خوش ٿي ويندا آهن. بجليءَ جهڙي سيڪيولر عورت سڄي شهر ۾ چا سڄي ضلع ۾ نه ملندي. گراهڪ هندو هجي، مسلمان هجي، ڪرستان هجي يا سک هجي، سيني سان ساڳيو وهنوار ، هنجو ڌرم هڪڙو ئي آهي گراهڪن کي خوش ڪرڻ.

منسٽر اوچتو پڇيو، بجلي کهڙهه ڏنڊو ڪندي آهي؟

چترسين اوچتو سوال ٻڌي هڪيو پر وري پاڻ سنپالي چيائين، صاحب بجليءَ کي چانهه جي هوٽل آهي. قاعدي موجب هن کي لکڻو آهي ته هيءَ هوٽل سيني ڌرم (مذهب) ۽ جاتيءَ وارن لاءِ کليل آهي. پر هن لکيو آهي ته جاتي ۽ ڌرم کي نه مڃيندڙن لاءِ به کليل آهي.

هوٽل جو ٻڌي بجلي جي‌مغز ۾ بلب ٻري ويو ۽ هوٽل جو سوچڻ لڳي.

چترسين چيو، صاحب هن جو سهرو مسلمان، سس هندو ۽ هيءَ پاڻ سيڪيولر. آرتوار ڏينهن چرچ ويندي آهي، سومر ڏينهن شنڪر مهاديو جي مندر ۾ ويندي آهي. سومر جو ورت رکندي آهي. روزا به رکندي آهي. ناتال (X'MAS) به ملهائيندي آهي، عيد به ملهائيندي آهي ته ڏياري به.

منسٽر اوپاسي ڏيندي چيو، واهه!واهه!

چترسين همدردي جاڳائڻ لاءِ چيو صاحب بجليءَ جي مڙس راجاخان کي ڪوڙي ڪيس ۾ اٽڪائي جيل موڪليو ويو آهي. عامدار هن کي ڪوٽ واڌ ۾ مدد ڪندو آهي. اهڙي طرح ڪيترين ئي بي سهاري عورتون پالينڊو آهي.

(بجليءَ دل ۾ چيو، ڪوڙو سالو)

ايتري ۾ منسٽر سهڪڻ لڳو. پي.اي. هڪدم قادر پائيءَ کي سڏ ڪري چيو.A.c بند ڪيو ۽ ٽيلهيءَ ۾ تکڙو گرم پاڻيءَ پري اڇ. چترسين کي وڃڻ جو اشارو ڪيائين.

پي.اي. مسنٽر کي 3 گوريون ڏنيون. بجليءَ کي گرم پاڻيءَ جي ٽيلهي ڏنائين ته منسٽر جي چاتي ۽ پٺي تي گهماءِ. پي.اي. پنهنجي ٽيلهي مان هڪ ٽوڪٽي (Inhaler) ڪڍي سنگهائڻ لڳو. منسٽر ويهي رهيو ۽ ڪنڌ هيٺ ڪري ساهه کڻڻ لڳو. بجلي ٽيلهي اڳيان پنيان گهمائڻ لڳي. ڇڻو وقت گذريو منسٽر ساهه کڻڻ لاءِ ٽٽڪيو پئي ۽ زبردست بي آرامي هئس . بجلي ڏڪ ڏڪ ڪري گرم پاڻي ۾ پيئاريندي رهيس.

اٽڪل ڪاڪ کان پوءِ منسٽر کي جهوٽو اچڻ لڳو. پي.اي. بجليءَ کي چيو تون، تون سجاڳ رهجانءِ. ضرورت پيئي ته توکي سڏ ڪندس. پي.اي. کي منسٽر جي بيماريءَ Asthma جي خبر هئي. منسٽر کي ليٽائي بتي وسائي پاڻ ۾ ليٽي پيو.

چترسين کار ۾ هليو ويو. ڪچن ۾ قادر پائيءَ سان هئي بجلي.

باهر بن گاڏين ۾ پوليس وارا رمي ڪيڏي رهيا هئا.

(٣٢)

ريسٽ هائوس جو ڪچن(Kitchen) چڱو وڏو هيو. هڪ قسر جي هڪ روم جي فلٽ برابر هيو.خانساما قادر پائيءَ جي ڪچن ۾ هڪ چئن ڪرسين واري ڊائيننگ ٽيبل، هڪ پلنگ ۽ هڪ صوفا پيل هيو. هڪ وڏو ٽائليٽ (Toilet) پڻ هيو.

قادر پائيءَ بجليءَ کي هڪ ڪرسيءَ تي براجمان ڪري پڇيو ، بجليءَ ڪجهہ ڪائيندينءَ؟

ڪجهہ ڪاراءِ جلد ڪر. صبوح کان وڻي صرف تنهنجي چانهہ بسڪيٽ کاڏو آهي.

قادر پائيءَ مشڪندي چيو، تنهنجو ايهو جلدي ڪر جلديڪر جو راڳ تہ ماري وڃندو آهي. ان جلدي ڪر جي راڳ سبب تنهنجو پوليس سان جڳهڙو، وڪيل سان لفڙو، ڪجهہ صبر سڪ.

ائين چئي ڪٻاٽ مان هڪ پليٽ ڪڍيائين جنهن ۾ ڪيڪ سلائيس پيا هئا، اهي بجليءَ اڳيانٽيبل تي رکيائين ۽ فرج کولي ان مان بيدا (انڊا) ڪڍيائين، بيدا پڇي آملیٽ ناهڻ جي تياري ڪيائين.

بجليءَ کي زبردست بک هئي. ڪيترن ڏينهن کان پرپيٽ کاڏو ڪونہ مليو هوس. تکڙو تکڙو 5-4سلائيس کائي ويئي ۽ مٽان تکڙو تکڙو پاڻي پيتائين. ڪجهہ هيانو جهل ٿيس.

قادر پائيءَ ہ آملیٽ ناهيا ۽ بريڊ چٽڻي ساس وغيرهہ ڪڍي پاڻ ہ بجليءَ جي سامهون ڪرسيءَ تي ويهي ڳالهيون ڪرڻ شروع ڪيائين.

آملیٽ بريڊ کان پوءِ بجلي ٽوري سامت ۾ آئي. قادر پائي ڪٻاٽ مان وسڪيءَ جي اڌ بوتل ڪڍي ٽيبل تي رکي. بجلي پياسي نگاهن سان وسڪيءَ کي ڏسڻ لڳي.

قادر پائيءَ ہ جام ناهيا. قادر پائيءَ جام ٽکرائيندي بجليءَ کي چيو، "تنهنجي جوانيءَ ۽ سونهن جي صدقي."

بجليءَ هڪ ڳيت ۾ جام پورو ڪيو.قادر پائيءَ هن جي گلاس ۾ ہيو ہ دارون وڏو ۽ پاڻ چڪن ناهڻ ۾ لڳي ويو. مهمانن جو اڌ واپرايل قرسڻ، ڪچوڙيون وغيرهہ ڪڍندو ٽيبل تي رکندو ويو. بجليءَ زندگيءَ ۾ ڪڏهن ايڏو کاڏو هڪ وقت کونہ ڏنو هيو. کائيندي وئي ۽ پيئندي وئي. کاڏو ناهيندي قادر پائي وچ وچ ۾ ڏڪ پرينڊو پئي ويو.

بجلي، ڏنڏو ڇو بند ڪيو اٿيئي؟

راجاخان سان انجام ڪيو هوم. اڄ سال ٿي ويو آهي. بک مرڻ جي نوبت آئي آهي.

ڇا هي نان بات ۽ منسٽر سان ملاقات؟

قادر پائي، مجبوري سڀ ڪجھ ڪرائيندي آهي. وڪيل 5000 رپيا آڇيا.ناڪار ڪرڻ بيوقوفي سمجھيم. تنھنجي ناھيل روٽيءَ تي منھنجو نالو لکيل ھيو. سوچيان پيئي تہ ايندڙ جنم ۾ مان مرد ٿيان ۽ تو جھڙي سٽي روٽي ناھيندڙ منھنجي زال ھجي.

قادر پائيءَ ڪنڌ جھڪائي چيو، مان ھينئر بہ تنھنجو بورچي ٿيڻ لاءِ تيار آھيان.

بجليءَ پڇيو، ۽ رات جو؟

قادر پائيءَ چيو. انجي ابتڙ.

ٻئي کليا.

وسکيءَ جو نشو چڙھڻ لڳو. بجليءَ جون اکيون ٻوٽجڻ لڳيون. ٽيبل تي ڪنڌ رکي ليٽي پيئي. قادر پائيءَ ٻانھن کان وٺي منھن صاف ڪرايس ۽ آھستي آھستي پلنگ تي ليٽايائينس. بجلي، ٽکاوٽ، کاڏي ۽ وسکيءَ سبب آرام سان بي فرني سمھي پيئي. قادر پائيءَ ٽيبل ۽ ڪچن پلئٽفارم صاف ڪيو. ھٽ منھن ڌوئي ڪرسيءَ تي ويٺو ۽ بجليءَ جي سينگاريل سونھن ڏسندو رھيو.

ياد آيس تہ ڪيئن بجلي ھردم جلدي ڪر، جلدي ڪر جو راڳ آلاپيندي ھئي ۽ اڄ--------

رات منھنجي - بات منھنجي ڪجھ ڏينھن اڳ ۾ ڪنھن آفيسر کي چوندو ٻڌو ھئائين تہ استرين کي سنيوگ مھل اوندھ وٽندي آھي ۽ مردن کي سوجھرو. اڻي ڪري وسکيءَ جو ھڪ پيگ ناھي پيتائين ۽ ٽيپ رڪارڊ شروع ڪيائين ۽ مڪيش جو ھڪڑو جھونو گانو ٻئي ھليو-

زندگي خواب ھئہ

خواب ۾ جوت ھئہ کيا؟

اور پلا سچ ھئہ کيا؟

سڀ سچ--------

گانو ٻڌي بتي وسائي بجليءَ جي پاسي ۾ سمھي پيو. سوچيائين تہ زندگي خواب ناھي پر حقيقت آھي ۽ حقيقت منھنجي پاسي ۾ ليٽي پيئي آھي.

(٣٣)

صبوح جو سويل قادر پائي اٿيو. هٿ منهن ڌوئي گئس تي چانهه رکيائين. ٽيبل تي ڪيڪ بسڪيٽ رکي چانهه جي ڪٽلي ٽيبل تي رکيائين، ٻه ڪوپ پليٽون پڻ. جيئن مدل ڪلاس گهرن ۾ زال مرد کي ننڊ مان اٿاري چوندي آهي، " اٿو چانهه پيئو صبوح ٿي ويو آهي" تيئن قادر پائيءَ نماڻي نموني ڳالهائي بجليءَ کي اٿاريو. بجليءَ کي پيسٽ هٿ ۾ ڏنائين. پيسٽ هڻي بجلي ڪرسيءَ تي ويني بجليءَ کي پهريون دفعو هڪ گهرواري جو احساس ٿيو. قادر پائيءَ ڏانهن نهاري مشڪي ۽ ڪيڪ ۾ هٿ وڌائين

قادر پائي اٿي منسٽر جي ڪمري ڏانهن ويو ۽ ڏنائين ته منسٽر اڃا ڪونہ جاڳيو هيو. وري اچي بجليءَ سان وينو .

بجليءَ پڇيس، رات تو گانا پئي هلايا. مان ننڊاکڙي هيس ۽ هڪ گانو ٻڌم، زندگي خواب هئ ----------

برابر ، مونکي ايهو گانو ڏاڍو وٽندو آهي،قادر پائي ۽ چيو.

مون ان مهل راڄا خان جا پئي خواب لڌا،بجليءَ چيو.

قادر پائي ۽ چيو، پر ان مهل تون منهنجي ٻانهن ۾ هئينءَ.

بجليءَ چيو، تنهنجو نصيب.!

قادر پائي ۽ چيو، رات منهنجي ۽ بات منهنجي ۽ تات پرائي؟

بجليءَ مشڪي چيو، رات گئي اور بات گئي.

قادر پائيءَ وهيڑ بدلائيندي پڇيو، هينئر ورڻ جا ڏنڊو ڪندينءَ؟

ڏنڊي ڪرڻ تي من نٿو مڃي. وڪيل 5000 رپيا ڏنا آهن ان مان چانهه جي هوٽل کولڻ جو سوچي رهي آهيان.

هوٽل لاءِ ڪوپ پليٽون ۽ گلاس وغيره هن ريسٽ هائوس مان توکي ڏيندس، قادر پائيءَ همدرديءَ سان چيو.

ايتري ۾ منسٽر جي پي.اي جو آواز آيو، خانساما، هڪ ڪپ چانهه، هڪ مني چانهه. ڪجهه کارا بسڪيٽ.

"حاضر صاحب"، ائين چئي چانهه ناهڻ کي لڳي ويو.

هڪ ڪٽلي ڪپ چانهه جي ۽ ڪنڊ الڳ ۽ ڪجهه کارا بسڪيٽ ڪٽي بجلي

منسٽر جي ڪمري ۾ پهتي.

بجلي بنا ميڪ اپ جي اندر آئي. نورني ڪنوار کي سهاڳ رات کان پوءِ هڪ قدرتي چمڪ ايندي آهي. اڄ بجليءَ جي منهن ۾ اها چمڪ هئي.

منسٽر بجليءَ کي ڏسي چيو، بيٽي، تون ايڏا اتي رهي پئي آهين؟

"ها بابا عامدار جو ڪم پورو ٿئي تہ واپس وڃان"

بجلي چانهہ بسڪيٽن جي Tray کڻي ويئي. منسٽر ۽ پي.اي. پاڻ ۾ ڳالهائڻ لڳا.

منسٽر - هن عامدار جي نيڪي جو ڇا ڪيون؟

پي.اي.- صاحب هي عامدار ناهي، هڪ وڏو لٽيرو آهي. ڪرسيءَ جو هڪدم ناجائز فائدو ورتو اٿائين.

منسٽر - مونکي سڀ خبر آهي پر اسانکي ڊرائيورن، ڪلينرن ۽ مزورن جو بہ تہ سوچڻو آهي.

پي.اي.- عامدار ملائي پاڻ تو کائي ۽ ڇاڇ وراهي تو کائي.

منسٽر - عامدار کي قاعدي بي قاعدي ڪمائڻ جا ٻيا بہ ڪيترا وسيلا آهن مري تہ غريب ويندا.

پي.اي.- سڀني عملدارن کي پرشٽاچاري (رشوتخور) ۽ ويچاري بڻائي ڇڏيو اٿائين. ضلع جو ڪليڪٽر محنتي ۽ ايماندار آهي. رشوت ڪم نہ ڪيو آهي تہ هاڻي اخبارن جي معرفت ڪليڪٽر خلاف پروپٽگنڈا ڪري رهيو آهي. اڳ ۾ هڪ پوليس ڪمشنر اهڙين حالتن هيٺ بدلي ڪرائي ويو.

منسٽر - اهڙي بدمعاش عامدار کي ڪنهن رٿا سان پڪڙائڻ ڪپي. هن وقت هي نيڪو قائم رکڻو پوندو مان ڪم نہ ڪندس تہ رشوت رستي ڪنهن نموني چيف منسٽر کان ڪم ڪرائي ايندو. پوءِ اسانجي بي عزتي ٿئي ان کان سٺو آهي تہ ڪم ڪري مهرباني ڪري ڇڏيونس.

پي.اي.- ڪليڪٽر جي عزت؟

منسٽر - 10 هزار رپيا ڏنڊ وجهوس

پي.اي.- 10,000 ڏنڊ ٿورو آهي.

منسٽر - 50,000 ڏنڊ وجهوس. رڪارڊ تي ڏنڊ هڻڻ ضروري آهي. نيڪو صرف هڪ سال لاءِ Renew ڪيوس

پي.اي.- جو حڪم صاحب.

پي.اي. ڪليڪٽر کي فون تي سڀ ڪجھ ٻڌايو ۽ چيو تہ لکيت ۾ آرڊر اڇي رھيو آھي. فون تي ڪليڪٽر کي چيائين تہ عامدار جي ڪيل سيني بيقاعدگين جو رڪارڊ ناھيندا وڃو. ڪنھن وقت بہ مضبوط قدم کنيو ويندو.

پي.اي آرڊر جا 3 نقل ناھيا. ھڪ ڪليڪٽر لاءِ، ھڪ عامدار لاءِ ۽ ھڪ رڪارڊ لاءِ. عامدار جو آرڊر بجليءَ کي ڏنو ويو.

10/05/06

آدرنيہ ڈاڪٽر ايسر پارواڻي ،

مونکي 8/05/06 آرتوار ڏينھن ڈاڪٽر ارجن سڪايل ھڪ ڪتاب پڙھڻ لاءِ ڏنو. چيائين ضرور پڙھجانءِ.

'مفت اگني سنسڪار'

سائين پڙھڻ ويٺس تہ چڏڻ تي دل ئي نہ ٿئي. واھجي لکڻي واھ جو سبجيڪٽ. اُن کي سني نموني سينگاري پيش ڪري.

'ليبر رنگبرنگي'

وندرائيندڙ ليک پر سچ ئي سچ

توھان کي لک لک واڌايون ھجن ھن عمر ۾ ھڪ اھڙو ڪتاب جيڪو پڙھڻ بنا رھي نہ سگھجي. سائين مان ھڪ باءِ برٿ Rss جو ماڻھو ۽ پکو BJP ورکر ۽ پارتيہ سنڌي سڀا جو ننڍو ورکر. ۽ ڪنھن زماني ۾ ٽيکچند مست ۽ وشنو پاٽيا سان ملي ٽورو گھٽو لکڻ جو ڪم ڪيو مزو نہ آيو. پر پڙھڻ جو شونق آھي. ارجن سڪايل، پريو وفا،واسديو نرمل 'پاڳل'، ستارام ماکيجا، موتيرام 'موتي' گوپ، ديال' آشا' سان سنو رستو ھٿ ڪري ڪتاب سنڌيءَ ۾ پڙھڻ لاءِ ملندا آھن پر اڃ پڙھي سنياڻي رکڻ جو ڪم آھي.

توھان جي لکڻ جو استائيل ڪجھ ھٽ کي آھي ۽ تمام وندر وارو پر سڀ سچ تي آڌارت. واھ سائين توھانجي باقي ڪتابن کي بہ پڙھڻ تي دل آھي، ڪھڙي نموني ملي سگھندا لکڻ جي تڪليف ڪندا

توھانجو،

بھاري شھري،

ممبئي.

(٣٤)

منسٽر رامداس شاستري گانڌي وادي کٽنب مان هيو. هن جو پيءُ آزاديءَ جي لڙائيءَ ۾ ڪيترا سال جيلن ۾ ويو هيو. شاستري هن جي حاصل ڪيل هڪ ڊگري هئي جيڪا آزادي جي پروانن جي شروع ڪيل اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ ڏني ويندي هئي. شاستري ڊگري هن جي سرنيم (Surname) ٿي ويئي هئي. آزاديءَ کان پوءِ ڪيترا سال عامدار ۽ منسٽر ٿي رهيو. هن جي موت کان پوءِ رامداس پنهنجي پيءُ جي جڳهه سنڀالي. 25 سالن جي عرصي ۾ هو ڪيترا دفعا منسٽر ٿيو هيو. چيف منسٽر نه ٿي سگهيو ڇاڪاڻ ته ايماندار هيو. ڪنهن به عامدار کي رشوت ڏيڻ لاءِ تيار نه ٿيندو هيو.

ايمانداري راجنيتي ۾ هڪ مهانگو شونق آهي. ڪيترا عامدار چاهيندا آهن ته منسٽر ۽ چيف منسٽر پرشٽاپاري (رشوتخور) هجي ته سڀ اهڙن عامدارن جي لحاظ کان رامداس شاستري چيف منسٽر ٿيڻ جي لائق ڪونه هيو. منسٽر رامداس کي پارٽيءَ طرفان ان ڪاتي ۾ موڪليو ويندو هيو چتي رشوت گهٽائڻي هوندي هئي.

عامدار ٻالاڻي ۽ پبلڪ جا 100 ڪن ماڻهو منسٽر کي See - Off ڪرڻ لاءِ آيا هئا. رامداس پي.اي کي موڪلي عامدار ٻالاڻيءَ کي اندر گهرايو. عامدار جي سوفا تي ويهڻ کان پوءِ منسٽر جو ليڪچر ۽ ڊبنامو شروع ٿي ويو.

مسٽر ٻالاڻي، توهان جون شڪايتون ايتريون آيل آهن جو توهان جيل موڪلڻ جي لائق لڳو ٿا. پر منهن جي من ۾ ديا آهي انڪري کو قدم ڪونه ٿو کڻان. سنت تلسيداس چيو آهي:

ديا ڌرم کا مول هئ- پاپ مول ايمان

تلسي ديا نه چوڙيئي - جب لگ گهٽ ۾ پراڻ.

مسلمان به پگهوان کي رحيم ۽ ڪريم چوندا آهن.

مونکي غريب مزورن ۽ ڊرائيورن ۽ ڪلينرن تي ديا ٿي اچي ان ڪري تنهنجو ليڪو سال لاءِ Renew ڪيو آهي. تنهنجي ڪرمن جي توکي سزا ملڻ ڪتي ان سبب توتي صرف 50,000 رپيا ڏنڊ وڏو آهي.

تنهنجي موڪليل بجليءَ به منهنجي سڻي شيوا ڪئي آهي. ان جو به ٽورو لاهڻو آهي. تنهنجي آرڊر جي ڪاپي بجليءَ کي ڏني آهي. انکان

وٽندو وڃ. ڪليڪٽر کي فون تي چيو ويو آهي ۽ آرڊر ڪيس ٻه موڪليو ويو آهي.

ٻيو ٻڌ، ڪليڪٽر هڪ ايماندار آفيسر آهي. تون ۽ مان ته صرف پنج سال آهيون. ڪليڪٽر ته دائمي آهي. ڪليڪٽر جي خلاف ڪوڙي پروپئگنڈا مان برداشت نه ڪندس.

عامدار ٻالاڻي منهن پيلو ڪري نڪتو. دل ۾ چيائين، مان ته حرامي آهيان پر هي منسٽر رامداس مها حرامي آهي. لک رپيا رشوت ٻه ڪائي ويو، سڄي رات بجليءَ سان عيش پڻ ڪيائين. مونتي 50,000 رپيا ڏنڊ وجهي گناهگار بڻايائين ۽ صرف هڪ سال لاءِ ٽيڪو Renew ڪيائين سالو حرامخور.

منسٽر جي لعل بتيءَ واري گاڏي ۽ ٻه پوليس جون گاڏيون نڪتيون ته سپني زوردار نعرا لڳايا، رامداس شاستري زنده باد.

عامدار ٻالاڻيءَ جي موڊ خراب ٿي وئي. بجليءَ کان آرڊر ونڊي وڪيل سان ڪڍ ڪار ۾ ويٺو. ڪار ۾ ويٺل وڪيل کي آهستي چيائين، هيءَ بجلي بستري ۾ ڪلابازيون ڏيڻ ۾ ماهر ٿي لڳي. ايندڙ هفتي منهنجي مسز 5-4 ڏينهن اشٽ ونايڪ (اشٽ‌ڪٽپتي مندر) جي درشن تي وڃي رهي آهي. بجليءَ کي ٻيا 5000 ٻه ڏجاءِ ۽ هڪ رات مون وٽ موڪلجانس.

چترسين پڇيو، صاحب منهنجي ٽڪيٽ پڪي نه؟

عامدار چيو، ٽيڪٽ پڪي پر هاڻي ڪٽي ڏيکارجاءِ.

ريسٽ هائوس مان نڪرڻ کان اڳ ۾ منسٽر رامداس عامدار کان مليل منائيءَ جي پيٽي بجليءَ کي ڏيئي چيو، بيٽي، تو منهنجي‌سڻي شيوا (خدمت) ڪئي آهي.منهنجي طرفان هيءَ منائي، تون ڪائجاءِ. بجلي پيرين پئي منسٽر کان آشيرواد ورتي.

سپني جي وڃڻ کان پوءِ باقي بچيا قادر پائي ۽ بجلي.

قادر پائيءَ بجليءَ کان موڪلائيندي چيو، بجلي‌ڪڏهن ڪڏهن ايندي ڪر، هتي اڪيلائي ٻه آهي ۽ ڪاڏي پيتي جي ڪوٺ ڪونهي.

بجليءَ جي اکين ۾ ڳوڙها تري آيا چيائين، قادر پائي خدا حافظ.

قادر پائي هنجي متي تي پيار جو هٿ رکي چيو راکو ٽيندءِ رام.

(٣٥)

بجليءَ آڻو رکشا ۾ چڑهي پنهنجي جهوپڙي وٽ پهتي. جهوپڙي جو تالو کولي اندر گهڙي. سوچيائين ته کجهه منائي کاوان. منسٽر وٽان ملیل منائي کوليائين ته پلسٽڪ جي هڪ ٿيلهيءَ ۾ نوٽ ڏنائين. ٿيلهي کوليائين ته هزار هزار وارا 100 نوٽ. مطلب ته لک رپيا. 50 رپئي تي پنهنجو شرير ڏيڻ واري ۽ کي لک رپيا ملیا ته ڏڏکو (Shock) اچي ويس. شرير ڏکڻ لڳس. گلاس پري پاڻي پيتائين دروازو بند کري سوچڻ ويني سوچيائين ته بستيءَ ۾ کنهن کي به ٻڌائيندي ته موقعي جو فائدو وٺي کوئي لٽي ويندو يا مورهُو ئي خون کري ويندو. سوچي سوچي ان نتيجي تي پهتي ته بستيءَ ۾ کنهن تي وشواس نه رکي قادر پائيءَ سان صلاح کجي. آڻو رکشا کري هکدم ريسٽ هائوس ۾ پهچي ويئي. قادر پائي کرسيءَ تي ويٺو هيو ۽ گانا ويني ٻڌائين. بجليءَ کي ڏسي خوش ته ٿيو پر عجب ۾ پئجي ويو.

بجلي، وري ايتري ۾ واپس کيئن ؟

قادر پائي، هڪ وڏو مٽلو پئدا ٿي ويو آهي.

کهڙو؟

بجلي سربستي ڳالهه بيان کئي.

قادر پائي ۽ بجلي بحث مباحثو کري ان نتيجي تي پهتا ته منسٽر کي پئسن جي خبر کونهي ان سبب منسٽر سان ڳالهائڻ جي ضرورت کونهي. عامدار جنهن پئسا ڏنا انجو به کم ٿي ويو آهي ۽ اهو کچندو کونه. چپ چاپ ۾ پئسا رکي چڏجن. سلامتيءَ جي خيال کان پئسا قادر پائي وٽ رکيا وڃن. پئسن مان هڪ به جهوپڙو خريد کري هوٽل شروع کئي وڃي.

پئسا قادر پائيءَ وٽ رکيا ويا ۽ بجلي جهوپڙا ڳولهڻ کي لڳي ويئي.

پئسي ۾ وڏو ٻل آهي، ائين چيو ويندو آهي. پئسي سبب بجليءَ کي ٻل به اچي ويو ۽ هڪ نئون آتم وشواس جاڳي پيس. قدرت انسان ۾ کيئي شکتيون رکيون آهن. انهن شکتين کي جاڳائڻ لاءِ وجهه کپي. بجليءَ کي اهو وجهه ملي ويو. گڏوگڏ به جهوپڙا خريد کيائين. جهوپڙن کي هڪ دروازو روڊ طرف

رکايائين جيئن روڊ جا گراهڪ ٻه اچي سگهن. هڪ پنگار واري کان جهونو فرنيچر وٺي آئي ۽ چانهه جو هوٽل شروع ٿي ويو. ڪجهه وقت کان پوءِ بسڪيٽ ۽ پئڪنگ ٽيل ٻيو ٻه سامان اچي ٽيبل تي رکيائين.

پاڻ ڪرسي ٽيبل سنياليائين. هڪ ٻڍي وڻشيا چانهه ناهڻ لاءِ رکيائين. وڻشيائن جا ٻه ننڍا چوڪرا چانهه ڏيڻ ۽ پهچائڻ تي رکيائين. ضرورت مهل پاڻ ٻه چڪي ۾ چانهه ڪٽي پهچائيندي هئي.

هڪ ڏينهن چترسين وڪيل اچي هوٽل ۾ پهتو. بجلي خوب خوش ٿي ويئي. چترسين جي خوب آجيان ڪيائين. چانهه بسڪيٽ کائڻ کان پوءِ چترسين بجليءَ سان چترائيءَ سان ڳالهائڻ شروع ڪيو.

عامدار تنهنجي مڃان خوش آهي جو تو سندس ٽيڪي وارو ڪم ڪيو.

بجليءَ چيو، عامدار جي ڏنل 5000مان هيءَ هوٽل شروع ڪئي اٿم. تو منسٽر سان ڳالهائيندي چيو هيو تہ مان هوٽل واري آهيان تنهنجي ٻه مهرباني آهي.

عامدار جي مرضي آهي تہ ٿون هڪ رات هن سان گذار . ان لاءِ هي 5000 پڻ موڪليا اٿائين.

بجليءَ چيو، عامدار جي ۽ تنهنجي آشيرواد کپي. هي پئسا واپس کڻي وڃ.

بجلي، عامدار تمام هلندڙ پڇندڙ وارو آهي. اڄتي هلي تنهنجو فائدو ئي ٿيندو.

مان هوٽل کولي آهي عامدار کي چئجانءِ تہ هتي پير گهمائي وڃي ۽ آشيرواد ڪري وڃي.

چترسين پاڻ کي هارائيندو ڏسي غصي ۾ اچي چيو، منسٽر سان سمهي آئينءِ، باقي عامدار مان توکي ڪنڌا ٿا لڳن؟

بجليءَ ٻه غصي ۾ اچي چيو، منسٽر سان سمهي تنهنجي ماءُ، تنهنجي پيڻ، منسٽر منهنجو بابو آهي، پيءُ آهي.

چترسين غصي ۾ اچي چيو، عامدار ويرونو آهي. تنهنجي ناڪار هن جي بي عزتي آهي. توکي ايها ناڪار مهانگي پوندي.

ائين چئي غصي ۾ چترسين تکڙو تکڙو باهر نڪري ويو.

(٣٦)

عامدار بالاڻي تمام ڏهين هيو. ڪڏهن ب پنهنجي مخالفت سهي نه سگهندو هيو. جنهن ب هن جي مخالفت ڪئي ان کي مات ڪرڻ لاءِ سڀ قانوني ۽ غير قانوني طريقا ڪم آڻيندو هيو. انگريزيءَ ۾ ان کي چئبو آهي. Instinct Killer مات ڪرڻ جي پاونا. ان پاونا سبب شهر ۾ هنجي دهشت چانيل هئي. کي ماڻهو ڊپ ۾ ڪچندا ڪونه هيا. مات ڪرڻ جي پاونا لوڪشاهيءَ ۾ گهڻو وقت ڪونه هلندي آهي. آهستي آهستي ان جو رد عمل (Reaction) ٿيندو آهي. جنتا جي ڳجهي شڪتي ووٽن ذريعي ان شخص کي راڄنيتي (سياسي) طور ختم ڪري ڇڏيندي آهي.

شهر ۾ دهشت جو وايو منڊل (ماحول) هيو. ان سبب بجليءَ کي ڊپ ونڊي ويو. پاڻي گلاس پيتائين. من شانت ڪونه ٿيس ڪجهه دير کان پوءِ هوٽل بند ڪيائين ۽ آٽو رڪشا ڪري قادرپائيءَ وٽ پهچي وئي. قادرپائيءَ وٽ هن کي هڪ سلامتيءَ (Security)جو احساس ٿيو. هن جي اڃ سان قادرپائي خوش ٿيو. بجليءَ کي ڪرسي تي ويهاري وسڪيءَ جي بوتل ڪڍي ٽيبل تي رکيائين. گلاس گلاس سان ٽڪرايا ۽ ڳالهيون شروع ٿيون. سچي کهاڻي ٻڌڻ کان پوءِ قادرپائيءَ چيس، عامدار وٽ وڃ يا نه وڃ تنهنجي مرضي آهي ڪو ب ماڻهو توکي زبردستي نه ٽو ڪري سگهي. عامدار توهانجا جهوپڙا ڏهرائي سگهي ٿو، ڪوڙا ڪيس ڪرائي سگهي ٿو يا ته مورڳوئي خون ڪرائي سگهي ٿو. عامدار 8-10 سال جيل ۾ رهي آيو آهي ان سبب توتي ڪوئي حملو ڪونه ڪرائيندو جهوپڙا ڏهرائڻ لاءِ نوٽيس ڏيڻو پوندس. شيورام راجپوت جيڪو نوجوان وڪيل رکيو آهي ان کان نوٽيس جو جواب نهرائبو. ان کان پوءِ ب ڪورٽون ڪليل آهن.هينئر ميونسپل چونڊون ب ويجهو آهن. چترسين کي نئين وارڊ مان بيهڻو آهي. مونکي لڳي ٿو ته عامدار ۽ چترسين ڪوب اڳهرو قدم ڪونه ڪٽندا.

بجليءَ سامت جو ساهه ڪنيو سگون ۾ دارون پيئندي رهي ۽ ڪائيندي رهي. آخر بجليءَ جون اکيون هوٽجڻ لڳيون. قادرپائيءَ بجليءَ کي پلنگ تي ليٽائي چيو، تنهنجو جهوپڙو ٽٽو ته مونکي فائدو آهي، تون هميشه هن پلنگ تي ليٽندينءَ .

بجليءَ پيار سان چمات هڻندي چيس، مرد سڀ مطلبي آهيو.

قادرپائيءَ پاسي ۾ ليٽندي چيس، هاڻي ته منهنجو مطلب پورو ڪر، اڳتي ڏئو ويندو.

(٣٧)

بجليءَ وٽان ناڪار ٻڌي چترسين غصي ۾ پاڳل ٿي ويو هن کي اميد هئي ته عامدار کان پوءِ منهنجو نمبر پڻ ايندو. منهنجي چوڌن ۾ بجلي منهنجي خاص ورڪر(WorKer) ٿيندي. بجليءَ کان ڪڌهن سماج سيوا ڪرائي پنهنجو رسوخ پڻ وڌائيو. رسوخ وڌيو ته ڪرسيون ۽ پئسا جام. اهي سڀ انسنا مٽيءَ ۾ ملي ويا.

بجليءَ وٽان نڪري سڌو ويو عامدار جي بنگلي تي. عامدار جي پتني اڃا اٺت ونايڪ درشن ڪري ڪونہ موٽي هئي. عامدار جي اميد تي پاڻي ڦري ويو. چترسين خاطري ڏيندي چيس، صاحب فڪر نہ ڪيو، ترت ٻيو ڪو سهڻو بندوبست ڪبو.

عامدار چيو، سپاڻي منهنجي پتني ايندي ۽ منهنجي مٿان چوڪيداري چالو ٿي ويندي.

چترسين موڪلائي نڪتو ۽ سڌو ميونسپل آفيس ۾ وڃي ڪمشنر سان مليو ۽ چيائينس ته بدنام بستيءَ ۾ وٺشائن ۽ بي قاعدي دارونءَ جو آزار وڌي ويو آهي. اسڪول ۽ مندر ويجهو آهي. مهرباني ڪري سڀني جهوپڙن تي ڊاهڻ (Demolition)جا نوٽيس ڏيو. شهر جو قاعدو قانون وڌيڪ نہ بگڙڻ ڪپي.

ڪمشنر وڪيل کي پنهنجي هڪ زيردست ڏانهن موڪليو ۽ حڪم ڪيو ته ترت نوٽيس ڏيو. 200 نوٽيس ٻن ڏينهن ۾ نڪري ويا. ماڻهن کي نوٽيس مليا ته چترسين پرچار شروع ڪيو ته انهن نوٽيسن لاءِ جوابدار بجليءَ جي ناڪار آهي. صرف عامدار ئي اهي نوٽيس ۽ انهن تي عمل روڪائي سگهي ٿو.

وٺشائن جي هڪ ميٽنگ ڪوڪائي وئي. سڀني بجليءَ کي عرض ڪيو ته سڀني ڏنڊي وارين جا جهوپڙا بچائڻ لاءِ هڪ رات قرباني ڪري. بجليءَ صاف انڪار ڪيو. چيائين ته مان ڏنڊو بند ڪيو مطلب بند. توهان مان ڪابہ هڪ وڃي عامدار کي خوش ڪري. آخر فيصلو ڪيو ويو ته ڏنڊي وارين جي هڪ سفارت عامدار سان ملي ۽ آڇ ڪري ته عامدار جنهن بہ عورت تي هٿ رکندو اها هڪ رات عامدار سان گذاريندي. ان کان وڌيڪ عمدي رٽ ٿي نٿي سگهي!

ٻئي ڏينهن سفارت ٻالاڻي محل ۾ پهچي وئي. عامدار جي پتني اٺت

ونايڪ جو درشن ڪري موٽي هئي.زال مڙس چانهه پي رهيا هئا. سفارت جي اڳوان هئي وديا. سڀني جي لاءِ چانهه اڇي ويئي. سفارت جي ميمبرن ياران ڀالهائيندي وديا چيو ته اسين بدنام بستيءَ مان آيون آهيون. ڪمشنر اسانکي جهوپڙا ڏاهڻ جو نوٽيس ڏنو آهي. اسان سڀ غريب آهيون. سرير جو پورهيو ڪري گذران ڪنديون آهيون. اسان جي ڪمائيءَ مان پوليس هفتو وٺندي آهي داداگير بچاو لاءِ پئسا (Protection Money) وٺندا آهن. دڪاندار اسان کي شيون مهانگيون ڏيندا آهن. چترسين وڪيل چيو آهي ته اسان جي پيڻ بجليءَ عامدار سان رات گذارڻ کان انڪار ڪيو آهي ان سبب عامدار ناراض ٿي هي نوٽيس ڪڍايا آهن.

عامدار جو منهن ڀاڙهو پيلو ٿيڻ لڳو.

وديا ڀالهائيندي چيو ته اسان سڀني بجليءَ کي عرض ڪيو ته توهان جي واجبي گهر قبول ڪري پربجلي ضد تي بيٺي آهي - چوي ٿي ته مان ڏنڊو بند ڪيو آهي. اسان 200 ڏنڊي واريون آهيون. انهن مان10 نوجوان ۽ خوبصورت هن سفارت ۾ آيون آهيون. توهان کي جيڪا پسند اڇي اها توهان سان رات گذارڻ لاءِ تيار آهي. هنن 10 کي ڇڏي ٻي ڪا توهان کي پسند هجي ته اها به اڇي توهان جي شيوا (خدمت) ڪندي.

ٻي هڪ وڻشيا وچ ۾ ڀالهائيندي چيو، جيڪا ڏنڊي واري توهان وٽ رات گذارينديِ انجو کوبه نقصان کونه ٿيندو چاڪاڻ ته اوها ٻين گراهڪن کان اگهه وڌائي وٺندي. آخر توهان جي چوند جو ٻين گراهڪن تي ضرور اثر پوندو!

عامدار سسندو ويو ۽ چندرمکي غصي ۾ سوڄ مکي ٿيندي وئي.

ٻي هڪ وڻشيا چندرمکيءَ ڏانهن منهن ڪري چيو، پيڻ توهان اسان جي ياران عامدار صاحب کي عرض ڪندا ته اسان غريبن جا جهوپڙا نه ڍهرائي. عامدار صاحب پنهنجي گهر ته رکي! چوندو ته هر هفتي ۾ ڪا به هڪ سندس خدمت ڪندي. اسان کي به عامدار جي عهدي ۽ عزت جو خيال آهي! هو پبلڪ جي خدمت ڪري ٿو ته سندس خدمت ڪرڻ اسان جو فرض آهي.!

پنهنجي عرضي ڏيئي سڀ اڻي ڪڙيون ٿيون. نمستي ڇئي موڪلايائون.

قسط - ٣٨

عامدار جي شريمتيءَ جو نالو چندرا هيو. عامدار هن جي خوشامد ڪري چندرمکي (چنڊ جهڙي مکڙي واري) چوندو هيو. چندر مکي غصي ۾ سورج مکي (سورج جهڙي مکڙي واري) ٿي ويندي هئي. تمام گهٽي غصي ۾ هوءَ جوالا مکي ٿي ويندي هئي. جوالا مکي جو مطلب آهي هرندڙ جبل جي مکڙي واري.

اڄ چندرمکي بدلجي جوالامکي ٿي ويئي هئي. غصي ۾ عامدار کي دٻون ڏيڻ شروع ڪيائين. ڪورٽ ۾ جيئن گناهگار مئجسٽريٽ جون دٻون ٻڌندا آهن تيئن عامدار اڄ گناهگار هيو ۽ چندر مکي هئي مئجسٽريٽ. هوءَ چوندي رهي ۽ عامدار ٻڌندو رهيو.

"مان اٺ ڏينهن اٺ ونايڪ جي درشن تي وئي هئس ته تون ٻيون زالون ڳولهڻ شروع ڪيون آهن، سي به گنديون رنون. تون پاڻ بيمار ٿيندين ۽ مونکي به بيمار ڪندين. عزت جي ته توکي پرواهه ئي ڪونهي. تون اٺ سال جيل ۾ هئين ته مان سڀ مندر، ٽڪاٽا، گردوارا، درگاهون ۽ چرچون پيٽيون ۽ تون پاڻ کي اٺ ڏينهن نه ٿو روکي سگهين!"

توکان بهتر ته هوءَ گندي رن بجلي آهي جيکا پنهنجي يار سان وفادار آهي. تنهنجا پئسا ۽ آفر به ٺڪرائي ڇڏيائين. تون ان بجليءَ کان به گندو آهين".

عامدار کان وڌيڪ سنو نه ويو، اڻي ڪري جوءَ کي هڪ چمات هنيائين. ڳچيءَ کان وٺي مٿو پٺ سان ٽڪرايائينس. چندرمکيءَ زور سان رڙيون ڪيون. "مار مونکي مار. توکي ٻيون رنون ڪپن. مان هينئر پراڻي ٿي وئي آهيان. توکي نيون رنون ڪپن".

عامدار به غصي ۾ چلائڻ لڳو. رڙيون واڪا ٻڌي عامدار جا پائر، سوٽ، پاڃايون وغيره ڊوڙندا آيا. هميشه شانتيءَ ۾ رهندڙ عامدار ۽ هنجي جوءَ جو رڙيون ڪري رهيا آهن؟

عامدار ۽ چندرمکيءَ پاڻ تي ضابطو رکيو ۽ جواب ڏنو ته ڪجهه ڪونهي. عامدار غصي ۾ گهر مان نڪري هليو ويو. چندرمکي پنهنجي ڪمري ۾ وڃي رڙڪ لڳي. روئندي روئندي ننڊ وٺي ويس.

عامدار شام جو گھر موٽيو. چانھ پي اخبار پڙھڻ ويٺو. رات جو چندرمکيءَ نوڪرياڻيءَ کان روٽي پنھنجي روم ۾ گھرائي. روٽي کائي سمھي پئي. اڌرات جو عامدار اٿي جوءِ جي روم جو دروازو کڙکايو پر چندرمکيءَ دروازو کون کوليو.

عامدار ٻالاڻي جنھن سان رات گذارڻ لاءِ 200 وٺشائون تيار ھيون، ان سان سندس زال رات گذارڻ لاءِ تيار کون ھئي!

عامدار سڄي رات پاسا وراٸيندي گذاري. سوچياٸين تہ ھک ننڍي پل ڏاڍي مھانگي پئجي ويئي. اڳتي ايھي کم پنھنجي شھر کان ٻاھر کبا. ھن کي ياد اچي ويا سينگاپور ۽ ھانگ کانگ و ٿائلنڊ جا مزا.!

صبوح جو عامدار ناشتو ڪري گھر مان نڪري ويو. چندرمکي سوچي سوچي ان نتيجي تي پھتي تہ کنھن عزتدار ماڻھوءَ کان چوائي عامدار کي سمجھائجي. اٿي ڪري جھوني عامدار ٽڏرام کي فون لڳايائين.

ٽڏرام چيو "ھيلو"

چندرمکيءَ چيو، دادا، مان چندرا ٻالاڻي.

ٽڏارام چيو، مون نہ سڃاتو

چندرمکي- دادا مان عامدار موٽو ٻالاڻيءَ جي پتني چندرا

ٽڏارام - سڪ آھي نہ؟ ڪيئن ياد ڪيو؟

چندرمکي - توھان کي روبرو ٻڌائيندس

ٽڏارام - ھينئر ئي ھليا اچو.

چندرمکي جھوني عامدار ٽڏارام جي آفيس ۾ پھچي وئي.روئي روئي سڄو حال احوال ڏنائينس. ٽڏارام ٽڏائيءَ سان چندرمکيءَ کي ٻڌائين. اُٺ مھل مٽي تي ھٽ رکي چياٸينس، پٽ جواني، پئسو ۽ ڪرسي ھک قسم جو نشو آھن. انھن نشن ۾ ماڻھو گھڻائي غلط کم کندا آھن. نشو لھڻ کان پوءِ پڇتاٸيندا آھن ۽ لاٸين تي اچي ويندا آھن. منھنجي صلاح اٿيئي تہ غصي ۾ گھر نہ ڇڏجانءِ. صبر ۾ طاقت آھي. وقت کيترا زخم ميڙي ڇڏيندو آھي.

چندرمکي ڏڏي تي ٽڏارام کي پيرين پئي موکلائي نکتي.

(٣٩)

جھوني عامدار موٽو ھالاڻيءَ کي فون ڪري چيو، "موٽومل تنھنجي گھرواري آئي ھئي - روئي وئي آھي. پنج منٽ وقت ڪڍي اچ. ائين ته مان ته وٽ اچڻ لاءِ تيار آھيان پر تنھنجو شخصي معاملو آھي ان سبب تنھنجو مون وٽ اچڻ بھتر ٿيندو."

عامدار موٽو مل پڇندو آيو. ڏڏارام ھالاڻيءَ جو مريادا موجب آدر ستڪار ڪيو ۽ اندرين خانگي ڪمري ۾ وٺي ويو. ڏڏارام بزرگيءَ سان پنھنجا ويچار رکيا چيائين، موٽومل مونکي کوبہ حق ڪونھي جو تنھنجي شخصي زندگيءَ ۾ دخل ڏيان پر پائپيءَ ۾ توکي ڪجھ چوان ته دل ۾ نہ ڪجاءِ .

دادا توھان اسانجا مربي آھيو. توھان کي ھرڪو حق آھي. مان غلطي ڪيان ته توھان مونکي چمات ٻھڻي سگھو ٿا، موٽو ۽ چيو.

اڄ ڪلھ پنھنجن ٻارن کي ٻہ چمات نہ ٿي ھڻي سگھجي. تون ته ھن وقت شھر جو نمبر ون نگرواسي آھين. بڌ مونکي تنھنجي قابليت جو احساس آھي. جيڪي تڪليفون توکي درپيش اچن ٿيون اھي مونکي ٻہ آيون ھوندیون. انھن تڪليفن کي منھن ڏيڻ لاءِ شخصي زندگيءَ ۾ شانتي قائم رکڻ کپي. گھرو زندگيءَ ۾ اشانتي وڌو نقصان ڏيندي آھي. گھر واريءَ کي گرھ لڪشمي (گھر جي لچمي) چيو ويندو آھي انڪري گھرواريءَ کي ڪڌھن ٻہ ناراض ٿيڻ جو موقعو نہ ڏجي. موٽو ھالاڻي ٻڌندو رھيو.

ڏڏارام اڳتي ڳالھائيندي چيو، راجنيتي ۽ رنڊيبازيءَ جي موت بچڑي ٿيندي آھي. راجنيتيءَ ۾ ھارائڻ کان پوءِ گھر واري ۽ ويجھا دوست ۽ مٽ مائٽ ڪم ايندا آھن. خوشامدڑيا ۽ چمچا پڄي فرار ٿي ويندا آھن. رنڊيبازي ٻہ ائين ئي نقصان ڏيندي آھي. پئسو ، جواني ۽ تندرستي ھلي وڃڻ کان پوءِ گرہ لڪشمي ئي ڪم ايندي آھي. انڪري منھنجي صلاح اڻئي ته ھر قدم سوچي سمجھي ڪڻ. پنج وڪار ڪام، ڪروڌ، لوڀ، موھ ۽ اھنڪار کي ڇيڪ نہ ڇڏي ڏي. اھي پنج ئي حقيقت ۾ نعمتون آھن پر حد پار ڪرڻ کان پوءِ نعمتون بدلجي لعنتون بڻجي ٿيون پون. ڪام واسنا تي ڪنٽرول نہ رکندين ته لعنتون ملندءِ. وڌيڪ تنھنجي مرضي.

دادا، توھانجي صلاح منھنجي لاءِ حڪم آھي. ائين چئي موٽو ھالاڻي ٻاھر اچڻ لاءِ اٿيو. ڏڏارام دروازي تائين اپرائڻ آيس. دروازي تي ٻنھي

کي گڏ کن ماڻهن ڏنو. ٻئي ڏينهن مکاني اخبارن ۾ خبر آئي ته:
عامدار موٽو ٻالاڻي مخالف پارٽيءَ ۾ شامل ٿيڻ جي کوشش ڪري رهيو آهي. ڪالهه جهوني عامدار ڏڏارام جي آفيس ۾موٽومل جونْ ٻالهيون هليون.
عامدار موٽو ٻالاڻيءَ پنهنجي محصول منتري (روينيو منتري) رامداس شاستريءَ مان ناراض آهي. محصول منتريءَ جو رخ همدرديءَ وارو ڪونهي وغيره.

هڪ اخبار ۾ لکيو ويو ته محصول منتريءَموٽو ٻالاڻيءَ کان پئسا گهريا آهن ۽ ٻيو عيش جو سامان پڻ طلبيو آهي.

اخبارن ۾ آيل بي بنياد خبرون محصول منتريءَ پڙهيون ته غصي ۾ اچي ويو . ڪليڪٽر کي فون ڪيو ويو ۽ ريتيءَ جو ٽيڪو رد ڪيو ويو. چيو ويو ته موٽو ٻالاڻيءَ وڏل 50,000 رپيا ڏنڊ وقت تي ڪونه پريو آهي.

موٽو ٻالاڻيءَ محسوس ڪيو ته هي سڀ مٿئلا بجليءَ جي ڪارڻ ٿيا آهن. ٻالاڻيءَ فيصلو ڪيو ته هن کان پوءِ ڪنهن به ڏاري عورت تي نظر نه رکبي. جيڪڏهن دل به ٿي وئي ته ديس کان دور لڪ ڇپ ۾ دل وندر ڪبي. سينگاپور، هانگ ڪانگ وغيره ۾ نه ڪوئي ڪتو ڏسي، نڪو پونڪي.

(۴۰)

موٽو ٻالاڻي گھر آيو. چندرمڪيءَ سان پريم سان ڳالهايائين پنهنجي ڪيل ڪارنامن لاءِ معافي ورتائين. آڻ مڃي جڳهڙا ٽوٽا. ٻلا پتورتا زال معاف نہ ڪندي تہ ڇا ڪندي؟ آهستي آهستي ٻئي ڪير ڪنڌ ٽي ويا.

سڄي راجيہ (پرانت) ۾ گناهہ وڌي ويا هئا. ڪورٽن ۾ گناهگارن مٿان ڪيس ثابت ڪونہ پيا ٿين. اخبارن ۽ ٽي.وي.ءَ ۾ گهرو ڪاتي (Home Ministry) جي باري ۾ زوردار ٽيڪا ٽپڻي ٿيڻ لڳي. چيف منسٽر منتري منڊل ۾ ڦير گهير ڪئي. رامداس شاستريءَ جو ايمانداريءَ ۾ نالو هيو. چيف‌منسٽر رامداس کي گرهہ ويڳ (گهرو ڪاتو) سونپيو گرهہ منتريءَ کي وزرات (منتري منڊل) جو ٻيو نمبر ليکيو ويندو آهي. ائين ايمانداريءَ جي زور تي رامداس وزرات ۾ ٻيو نمبر ٽي ويو پر پهريون نمبر (مکيہ منتري) ڪونہ ٿيو. نئون محصول منتري آيو تہ عامدار ٻالاڻي هڪدم هن جي ڇٽمبر ۾ پهچي ويو. هڪ وڏو هار، گلن جو ٻڪي (Bouque)ءِ لک رپيا روڪ ڏيئي پنهنجو رد ٽيل ٽيڪو Renew ڪرائي آيو. رامداس انهن حالتن کان بي خبر رهيو.

ميونسپل چونڊون ويجهو آيون تہ شيورام راجپوت کي پارٽيءَ جي ٽڪيٽ ملي پر نئين نهيل وارڊ جي ٽڪيٽ ملي چترسين وڪيل کي .

شيورام ٿورو سوچ ۾ پئجي ويو. چترسين کي هارائڻ لاءِ ڪنهن مضبوط اميدوار جي ڳولها ۾ لڳي ويو.

چترسين کي ٻي چڪر ويوهہ ۾ انڪائڻ لاءِ شيوارام راجپوت ميونسپل ڪمشنر سان مليو. ڪمشنر کي چيائين، توهان 200 جهوپڙن تي‌نوٽيس‌ڪيا آهن، حالانڪ بي قاعدي جهوپڙا 1000 آهن. مهرباني ڪري انصاف ڪيو يا تہ 200 نوٽيس واپس ونو يا تہ باقي 800 جهوپڙن تي‌نوٽيس ڪيو.

ڪمشنر چيو تہ نوٽيس واپس ڪونہ ونبا پر باقي 800 جهوپڙن تي ٻہ نوٽيس ڪيون ٿا. آهستي آهستي نوٽيس نڪرڻ شروع ٿي ويا. شيوارام پرچار شروع ڪيو تہ چترسين ۽ عامدار جي چوڻ تي اهي نوٽيس ڪيا ويا آهن.

ان وچ ۾ شيوارام پنهنجي ساهيڑي نوربانوءَ سان صلاح ڪئي. ٻين ڪن ماڻهن سان ٻہ صلاح ڪئي وئي. آخر فيصلو ٿيو تہ بجليءَ کي ٻيهارجي. بجليءَ ٻہ چونڊ ۾ ٻيهڻ کان نابري واري پر رٽ ڏنائين تہ وديا کي ٻيهاريو وديا پڙهيل ڳڙهيل ٻہ آهي ۽ ڳالهائڻ ٻولهائڻ جي فهميدي پڻ آهي. وديا

جي يار وديا پتيءَ جي معرفت زور لڳايو ويو ۽ آخر وديا بي دليو قبول ڪيو ته هوءَ بيهڻ لاءِ تيار آهي. بجليءَ يڪدم چيو ته چوندن جي پرچار لاءِ مان 10,000 رپيا وديا کي ڏيڻ لاءِ تيار آهيان. سيني 200 رندين جي ميٽنگ ڪوائي وئي. ميٽنگ ۾ شيوارام ۽ وديا پتيءَ ليڪچر ڪري اپيل ڪئي ته پنهنجا جھوپڑا بچائڻ لاءِ وديا کي ووٽ ڏيو ۽ پئسن جي مدد ڪيو.

سيني رندين فيصلو ڪيو ته هو سڀ هڪ ڏينهن جي ڪمائي وديا جي الیکشن فنڈ ۾ ڏيندیون.

ٻئي ڏينهن اخبارن ۾ خبر آئي ته چترسين وکيل جي سامهون بيهندي وديا. ڪن ماڻهن جو چوڻ آهي ته هوءَ بدنام بستيءَ ۾ رهندي آهي ۽ هوءَ پيشي ور وڻشيا آهي.

چترسين خبر پڙهي ٽهڪ ڏيئي چيو، "شيوارام پنهنجي سالي منهنجي سامهون بيهاري آهي". وکيل جي آفيس ۾ ويٺل سڀ ماڻهو کليا. پبلڪ ۾ پنهنجو آواز وڌيڪ بلند ڪرڻ لاءِ چترسين هڪ عام سڀا (پبلڪ ميٽنگ) ڪوائي. عام سڀا ۾ مکيہ مهمان ڪيو ويو عامدار ٻالاڻي. بجلي کي چيو ويو ته سيني آيلن کي چانهہ پيئار ۽ سڀ پئسا چترسين پريندو. بجلي ۽ سندس ٻہ چوڪرا چڪي ۾ چانهيون ڪٽي پيئارڻ لڳا. بجلي خوش هئي اڄ سنو ڏنڈو ٿيندو.

سڀا شروع ٿي پهرين ڳالهائيندڙ هيو چترسين وکيل . چترسين پاڻ شروع ڪيو:-

پيارا پائرو ۽ پينرو

اسانکي ڏاڍي خوشي آهي جو اسان جي وچ ۾ عامدار موجود آهي. هن جي محنت سان هن نئين وارڊ جو سڌارو ڪيو ويندو. شري شيوارام شرافت کي پاسيرو رکي هڪ وڻشيا کي منهنجي سامهون بيهاريو آهي. مان پڇان ٿو ته جا وڻشائون ۽ پڙوا اسانجا عيوضي ٿيندا؟ جا وڻشائون ۽ پڙوا اسانجا ڪارپوريٽر ٿيندا؟ جا وڻشائون۽ پڙوا اسانجا عامدار ٿيندا؟

هر گهڙيءَ جا وڻشائون ۽ پڙوا اکر ٻڌي بجليءَ کي محسوس ٿيو ته ڪوئي مونکي شخصي گاريون ڏيئي رهيو آهي. چانهہ جو ڇڪو هٺ ۾ هيس. ٽيبل ۽ ڪرسين جي ويجهو اچي زور سان ڇڪو چترسين وکيل جي مٿي تي نڪا ڪرايائين. زور سان چيائين، "مان رنڊي، تون پڙوو. هي تنهنجو عامدار

وڏو پڙوو."

ميٽنگ ۾ گوڙ پئدا ٿي ويو. جن ماڻهن کي تازو نوٽيس مليا هئا اهي گوڙ ڪري چوڻ لڳا، هي عامدار اسانجا جهوپڙا ڏهرائيندو. چترسين وڪيل هن جو دلال آهي. اسان جا جهوپڙا بچائڻ لاءِ پئسا ونندا. سالي کي ماريو. عامدار کي پوليس بچايو ۽ ڪار ۾ ويهاري پچايو. ماڻهن چترسين کي لتون، مڪون ۽ چمپلين سان ڪٽيو.


شيوارام اچي ماڻهن کي روڪيو ۽ عرض ڪيو ته قائدو هٿ ۾ نه ڪڍو. ڊاڪٽر دين دیال چترسين جي ملهم پٽي ڪئي ۽ گوريون وغيرہ ڏنيون. چترسين کي رڪشا ۾ چاڑهي گهر موڪليو ويو.

وديا ۽ وديا پتيءَ اچي ماڻهن کي زوردار پاڻ ڏنا ۽ چيو ته وديا کي ووٽ ڏيندا ته توهانجا جهوپڙا بچايا ويندا.

ٻئي ڏينهن تي اخبارن خبر ڏني ته وديا وڪيل کان اڳتي. وڪيل ۽ هن جو آقا عامدار نراش.!

With Best Compliments from :

Sunder A. Mangtani
Mb.: 9822063710
✆ (Off.) 2553952



Shani Raj Constructions

SHANI PALACE
Nr. Panchdevwadi, Khanda, Mamdapur,
Nr. Rly. Stn.-Neral (East), Taluka - Karjat.

(۴۱)

عامدار هالاڻي ۽ جي بنگلي تي هالاڻي ۽ وڪيل چترسين چنتا ۾ وينا هيا. عامدار غصي ۾ چيو. توکي ٽڪيٽ ته ونڊي ڏنم پرتون لائق ڪونہ آهين. هو ڪهڙي ۽ ڪرڪيٽ ڪيڈنڊڙ شيوارام توکان هوشيار نڪتو. تنهنجي سامهون وڙهيا کي ڪڙوڪيو اڻائين. ڪنڊ توڙي هارائڻ ٻنهي ۾ تنهنجي هار آهي. جيڪڏهن وديا ڪٽي ويئي ته منهنجي عزت ٻه هلي ويندي شهر ۾ منهنجي گهٽائي پر تنهنجو وارڊ هارائي رهيا آهيون. چترسين چيو، صاحب توهان کوئي رستو ڪيو.

عامدار فون ڪٽي حد جي پوليس ٽاڻي جي انسپيڪٽر کي فون لڳائي بنگلي تي گهرايو.

عامدار، چترسين ۽ انسپيڪٽر ڳالهيون ڪري فيصلو ڪيو ته وديا کي وڙهيا ورتي لاءِ گراهڪ ڦاسائڻ جي ڏوهہ هيٺ گرفتار ڪيو وڃي. پوليس ۱۴ ڏينهن جو رمانڊ ونڊي ۽ ان وچ۾ چترسين پنهنجي پوزيشن ناهي ونڊي ۽ اليڪشن (چونڊ) جيتي ونڊي. انسپيڪٽر کي پٽسا ڏيئي خوش ڪيو ويو.

وديا گرفتار ڪئي وئي. بجليءَ کي سپني کان پهريون خبر پيئي. هڪدم ودياپتي ۽ شيوارام کي فون ڪري خبر ڪيائين ۽ پاڻ سڌو پڳي پوليس اسٽيشن. لاڪپ ۾ وديا سان ملي.

وديا کي همٿ ڏيارينديي چيائين. فڪر نہ ڪجانءِ، توکي جلدي آزاد ڪرائينداسين. موئي چترسين وڪيل کي ڏسي ونڊاسين. وديا جو آتم ٻل وڌيل هيو ۽ بجليءَ کي چيائين، مونکي ڪوبہ فڪر ڪونهي. توهان ڪوشش ڪندا رهجو.

پوليس وارن انسپيڪٽر کي چيو، صاحب، هيءَ رن بجلي خطرناڪ آهي مهرباني ڪري سنياڻي قدم کڻجو.

شيوارام هڪدم ودياپتيءَ کي گهرايو. ٻئي هليا ويا جهوني عامدار ڏڌارام وٽ. ڪيس سربستي ڪهاڻي ٻڌايائون. آخر فيصلو ڪيو ويو ته گرهہ منتريءَ (Home Minister)سان ملجي ۽ مٽلو حل ڪرائجي.

ڏڌارام، شيوارام، ودياپتيءَ ۽ نوجوان وڪيل ستيہ وادي هيا. بجليءَ جي زور پرڻ تي بجليءَ کي بہ گڏ ڪنيائون.

گرهہ منتريءَ وٽ ڏڌارام جو وزٽنگ ڪارڊ ويو ته هڪدم گهرايائين. بجليءَ منسٽر کي ڏٺو ته سڃاتائين ۽ منسٽر بہ بجليءَ کي سڃاتو. بجليءَ کي چيائين بيٽي، تون هتي ڪيئن؟

حال احوال ٿيا. منسٽر پنهنجي پي.اي. کي چيو ته ڪمشنر کي فون لڳاءِ. منسٽر ڪمشنر کي چيو ته "لوڪشاهيءَ جو خون ٿا ڪيو.اميدوار چوند ڪان اڳ ۾ گرفتار!"

ڪمشنر کي حڪم ڪيو ويو ته 3 ڪلاڪن جي اندر حقيقت ٻڌايو ۽ وديا کي آزاد ڪيو.

وديا آزاد ٿي سيني طرف واڌايون وري ويون. وديا جي سواگت ۽ ستڪار ۾ هڪ لنبي سرگس نڪتي. سرگس ۾ مزور ۽ وڪيل هئا. جڏهن چترسين جي آفيس وٽان سرگس لنگهي ته جوش ۾ ڪن ماڻهن پٿر اُڇلايا، ڪن نعرا لڳايا ۽ ڪن گاريون ٻ ڏنيون.

وديا پتي ۽ شيوارام پبلڪ جو غصو گهٽ ڪرڻ لاءِ هر ممڪن ڪوشش ڪرڻ لڳا.

ٽڏارام عامدار ٻالاٽيءَ کي فون ڪري چيو، موٽو، لوڪشاهيءَ ۾ هار جيت قبول ڪرٽيون پونديون آهن. تون لوڪشاهيءَ کي نوڪشاهيءَ ۾ بدلائڻ جي ناڪام ڪوشش ڪري رهيو آهين.

عامدار ٻالاٽيءَ ليڪچر ٻڌي ٽيليفون رکي ڇڏيو.

وديا پتيءَ سيني اخبارن ۾ شد مد سان احوال ڇپايو. موٽو ٻالاٽيءَ جي عزت گهٽجي ويئي. وڪيل چوندن ٽيڻ ڪان اڳ ۾ ئي هارائي ڇڪو.

گرهه منتريءَ کي جڏهن خبر پئي ته ان گرفتاريءَ پنيان عامدار ٻالاٽيءَ جو هٿ آهي ته ڪمشنر کي حڪم ڪيائين ته موٽو ٻالاٽيءَ جا سڀ جهونا فائيل ڪوليو. ڪن سببن ڪان جيڪڏهن سرڪاري ڪيسن ۾ عامدار کي سزا نه لڳي آهي ته انهن جي اپيل وجهو يا ڪيس (Review) ڪيو.

گرهه منتريءَ سيني ضلعن جي ڊي. ايس.پي. ۽ ڪمشنرن جي ميٽنگ ڪوٽائي. ميٽنگ ۾ چيائين ته:-

اڄ سپريم ڪورٽ ڪيترن ڪيسن جي Review ڪئي آهي ۽ ڪن هلندي پڇندي ۽ وارن کي سخت سزائون ڏنيون آهن. منهنجو توهان کي عرض آهي ته قاعدي موجب ڪم ڪيو. ڪنهن ٻ راڄنيتڪ دٻاو ۾ نه اچو. توهان کي ڪابه تڪليف هجي ته سڌو مون وٽ هليا اچو يا مونکي فون ڪيو.

توهان پبلڪ جي دڪ سڪ جو خيال رکو. مان ڏسندس ته قاعدي موجب ڪم ڪندي توهان کي ڪابه دقت نه اچڻ ڏيندس. سڀ ڪمشنر خوش ٿيا.

موٽو ٻالاٽيءَ مٿان قاعدي جي رسي ڇڪجندي وئي. فائيل ڪلي ويا. ڪيسن جي Review شروع ٿي وئي.

(۴۲)

موٽو ٻالاڻيءَ ويرِ ونو سڀاڻو سبب من ڪي من ۾ پڇري رهيو هيو. وديا جي گرفتاري ۽ آزادي، جھوپڙن تي نڪتل نوٽيس سڀ هنجي آڏو پئي آيا. پبلڪ جي اندر موٽوءَ جو ڊپ لهي ويو هيو. وديا پتي ۽ سندس دوستن جي اخبارن ۾ آيل گلا موٽو ٻالاڻيءَ جو اميج گھٽائي ڇڏيو. چوندڙن ٿيون تہ موٽوءَ جي پارٽيءَ کي گھٽائي تہ ملي پر صرف ہن ووٽن جي . پارٽيءَ اندر شيوارام جي هلندي وڏي وئي. شيوارام جي چوڻ تي وديا مخالف بينچن تي وهڻ لڳي حالت اهڙي بڻي جو ميونسپل ڪمشنر ۽ پوليس موٽوءَ کي نظر انداز ڪرڻ لڳي. پوليس لاءِ گرهہ منتري (Home Minister) جو اشارو ڪافي هئو. موٽوءَ جو غصو هيو بجليءَ تي ۽ شيوارام تي. موقعي جي تلاش ڪندو رهيو.

قادرپائي بجليءَ جي رهبري ڪندو رهيو. بجلي ڏنڊي کي وڏائيندي وئي. چانهہ جي هوٽل کي هن ڪاڏي پيتي جي هوٽل ٻڌائي ڇڏيو. مرهٽي ٻوليءَ ۾ ان کي چئبو آهي ڪاناول. بجلي ان جو نالو رکيو ”بجلي ڪاناول“. وڏائون گھڻو ڪري روٽي پاڻي ڪونہ ناهيندیون هيون. جھوپڙا سوڙها، پاڻيءَ جي نافت، بجليءَ جي ڪاڏي جا واجبي اگھہ،ڪاناول تيزيءَ سان طرقي ڪندي وئي. بجلي روٽيءَ لاءِ اوڏر بہ رکندي هئي. ڪنهن کي همٽ بہ ڪونہ هئي جو بجليءَ جا پئسا ڪائي. قادر پائي بہ ڪڏهن ڪڏهن رات رهي پوندو هيو بجليءَ وٽ گرو ۽ چيلي (استاد ۽ شاگرد) جو رشتو گھرو ٿيندو ويو. ٻنهي کي شرير جو سڪ ڪپندو هيو. پر ٻنهي جي وچ۾ هڪ (Common) وشيہ هئي راجا خان. قادر پائيبہ راجا خان جي نالي تي اعتراض ڪونہ ونندو هيو. راجا خان سان بجليءَ جي لکپڙهہ قائم ٿي هئي. هڪ ڏينهن راجاخان جو خط آيو تہ مان جيل مان جلد ٿي آزاد ٿيندم. سڀ هلت چلت سبب هنکي ڪجهہ مهينا رعايت ملي هئي.

راجاخان جي اچڻ جو ٻڌيءَ بجلي خوشيءَ ۾ پاڳل ٿي وئي. راجا خان جي اچڻ سان بجليءَ کي روڻ اچي ويو. راجا خان گنجو ٿي ويو هيو، چمڙيءَ تي ڪوڙهہ وانگر سونهري ۽ اڇا نشان سڀ کان وڌيڪ ڏکدائڪ حالت هئي هن جي اکين جي. نظر لڳ پڳ ختم ٿي چڪي هئي. پٽين کي هٽ ڏيئي پئي هليو ۽ هلڻ مهل ڏکا پئي ڪاڏائين. راجاخان جي ايها حالت ڏسي بجليءَ کي جنسي روڻ اچي ويو. راجا خان کي نئين حاصل ڪيل مڪان ۾ رکيائين. هڪ چوڪرو هن جي شيوا ٽهل لاءِ رکيائين. ڊاڪٽر دين دیال کي

گھر ۾ گھرايائين. دين ديال روز اچي سڻي ھٿي دوا گوريون موڪليندو ھيو. راجا خان کي ٻي تڪليف ھئي ۽ ڦولارجڻ جي ۽ ڦولاريل ھڏ سبب ڪجھ بہ کائي نہ پئي سگھيو.

ڪجھ ڏينھن کان پوءِ بجلي ھن کي ھڪ اسپيشلسٽ ۾ وٺي وئي. ڊاڪٽر ڪيتريون تپاسون ڪرايون. بجلي پنھنجي مدد لاءِ ھميشہ قادر پائيءَ کي گھرائيندي ھئي. بجلي، ھڪ ڇوڪرو ۽ قادرپائي ھميشہ شيوا ۾ حاضر رھندا ھيا. قادر پائيءَ جي بجليءَ سان گھرائي ۽ ٻيون ڳالھيون راجا خان جي من ۾ پيڙا پھچائينديون رھنديون ھيون. راجا خان سوچيو تہ جڏھن بجليءَ ڏنڏو بہ بند ڪيو تہ ايترا ڪاروبار ڪٽان پئدا ٿيا؟ ڪاڪاول ڪيئن ۽ ڪٽان نھي؟ پئسا ڪنھن ڏنا؟ قادر پائيءَ ايترو ويڇھو ڇو؟ ڇا ڪوئي سيٺ پڪڙيو آھي بجليءَ؟ ھن حالت کان تہ جيل بھتر ھيو. ھفتي ۾ ھڪ دفعو بجليءَ جو خط ايندو ھيو. ڏينھن رات بجليءَ جا سپنا لھندو ھيس. ھينئر طبيعت جي پيڙا سان ڪنو آھي من جي پيڙا، من جي ايرکا. ايرکا جو دک نفرت پئدا ڪندو رھيو. قادر پائي نفرت جو مرڪز ٿي پيو ۽ بجلي ٿي پئي بيوفائيءَ جي مورت. بيوفائيءَ جو دک ۽ اسھيہ پيڙا!

من جي انھن پيڙائن ۽ شرير جون پيڙائن راجاخان جي دل کي ڏاري ڇڏيو. ھڪ رات راجا خان جي پيڙا وڌي وئي. زور سان رڙ ڪيائين، "امان" ۽ ھن جو پران پکيئڙو اڏامي ويو.

(۴۳)

راجا خان جي موت جي خبر پوڻ سان چترسين هڪدم عامدار وٽ پهتو. عامدار کي چيائين تہ صاحب بجليءَ کان بدلو وٺڻ جو وقت اچي ويو آهي. بجليءَ جي يار قادر پائي خانساما ۽ بجليءَ ملي ڪري راجا خان جو خون ڪيو آهي. هنکي گهٽا ڏيئي ماريو اٽائون يا زهر ڏيئي ختم ڪيو اٽائون. ڪجهہ ڪيو.

عامدار هالاڻيءَ پوليس کي فون ڪيو تہ بجليءَ جي مڙس راجا خان جو خون بجلي ۽ سندس يار قادر پائي خانساما ڪيو آهي. دفن ڪرڻ کان اڳ لاش ضبط ڪيو ۽ ڏوهارين تي جوڳو قدم کڻو.

شهر جو قبرستان شهر کان دور هيو. شهر ۾ مسلمانن جي آدمشماري گهٽ هئڻ سبب موت بہ گهٽ ٿيندا هيا. ريت رواج موجب مولويءَ جي ضرورت . لاش کي ڪلهو ڏيڻ لاءِ تہ سوين مزور تيار رهيا. ڪن ماڻهن رايو ڏنو تہ لاش کي هندو رسمن موجب جلايو وڃي. بجليءَ چيو، تہ نہ، راجا خان کي اسلامي طريقي ئي دفنايو وڃي. جيستائين ڪفن ۽ مولوي وغيرهہ جو بندوبست ٿئي، ان ۾ ٻہ چار ڪلاڪ گذري ويا. ان وچ۾ پوليس عامدار جي آيل فون تي عمل شروع ڪيو. پنچنامو ناهي لاش کي ضبط ڪيو ويو. پنچنامي تي پوليس جي هٿ نوڪين خبرين صحي ڪئي. سڀ ماڻهو عامدار کي گاريون ڏيڻ لڳا. ماڻهن چيو تہ ويرونڻ جو هي غلط طريقو آهي. جنهن بجليءَ سڳي دل سان بيمار لاچار مڙس جي شيوا ڪئي، ان کي خوني نهرائڻ انسانيت ڪونهي.

ڪن ٿورن ماڻهن چيو، بجلي آخر تہ جهوني وڻشيا آهي. وڻشيا جي کهڙي وفاداري؟ پوسٽ مارٽم ٿيندو تہ پاڻيهي سڀ ڪوڙ پڌرو ٿيندو.

عامدار جي زور بار تي بجليءَ ۽ قادر پائيءَ کي گرفتار ڪيو ويو. نئين ڪارپوريٽر وديا، جهونو ڪارپوريٽر شيوارام ۽ وڪيل ستيہ وادي پوليس اسٽيشن تي آيا. گهڻين ڪوشش کان پوءِ بہ پوليس ضامن تي چڏڻ کان انڪار ڪيو. شيوارام، وديا، بجليءَ ۽ قادر پائيءَ کي چيو تہ ڪو خيال نہ ڪيو. اسان سڀ حيلا هلائي توهان کي آزاد ڪرائينداسين.

بجليءَ کي راجاخان جي موت جو دک هيو. دک ۾ رڙي پئي. باقي هن کي جيل يا ٻين دکن جو ڪو بہ ڏپ ڪون هيو. قادر پائيءَ اٽيل وينل ماڻهو

هيو. ليڊرن ۽ آفيسرن جي خدمت ڪندي هو(Mature) ٿي ويو هيو. هن کي ڊپ ڊاڻ ڪونہ هيو ۽ بجليءَ کي همدرديءَ جا اکر چئي همٿ افزائي ڀئي ڪيائين.

هڪ پوليس واري انسپيڪٽر کي چيو، "صاحب هيءَ بجلي خطرناڪ عورت اٿو هڪ وڪيل کي مار ڏنائين، اسانجي پوليس اسٽيشن تي هڪ انسپيڪٽر جي وردي ڦاڙي ڇڏيائين. ميونسپل چونڊن مهل عامدار کي گاريون ڏنائين ۽ پڙوو چياٿين. ڏرا سنپالي قدم کڻجو. هڪ وزير بہ هن جي هٿ ۾ آهي. هاڻي تہ هوٽل ۽ ڪاناول ڪوليو اڇائين تہ چمڪي پيئي آهي.

انسپيڪٽر ساوڏان (خبردار) ٿي ويو. رات جو مٽلو ٿيو تہ بجليءَ کي کڻي لاڪپ ۾ رکجي؟ زنانو لاڪپ ضلع جي هيڊڪوارٽر ۾ هيو. انسپيڪٽر ڏڃندي ۽ خوشامد ڪندي چيو، "بجلي ٻائي،اسانجي توسان دشمني ڪونهي. اسان کي بہ ٻار ٻچا آهن. اسان کي بہ ڏيوٽي ڪرڻي آهي. عامدار جي چوڻ تي هي سڀ ٿيو آهي."

بجلي پنهنجي شخصي دڪ سبب ڪجهہ ڪونہ ڪچيو.

انسپيڪٽر اڳتي ڳالهائيندي چيو، هتي زنانو لاڪپ ڪونهي. اسان توکي کابہ تڪليف ڪونہ ڏينداسين. جيڪڏهن ضلع جي لاڪپ ۾ موڪلينداسين تہ اتي خبر ناهي توسان ڪهڙي هلت هلن. بجليءَ ها ڪئي تہ انسپيڪٽر هن کان پني تي صحي وئي، بجلي ۽ قادر پائي کي ساڻئي لاڪپ ۾ رکيو ويو.

لاڪپ ڇاهيو؟ هڪ وڏي روم (ڪمرو) جنهن ۾ هڪ دروازو شيخن وارو ۽ پنڻين پاسي هڪ روشن دان اٽڪل 10 فوٽ مٿي هڪ زيرو بلب لڳل هيو. ٻہ ٽي تڏا ۽ نونريون پيا هئا. هڪ موري نهيل هئي جتان پيشاب ۽ پاڻي نيڪال ٿيندو هيو. نہ ڪو وهاڻو نڪو گدي. آخر لاڪپ تہ گناهگارن لاءِ نهيل هيو. گناهگارن جي سزا لاڪپ کان وئي شروع ٿيندي آهي. بجلي ناراض نہ هجي ان سبب ٻہ چادرون ڏنيون ويون.

پوسٽ مارٽم کان پوءِ لاش ڏنو ويو. وديا، وديابتي ٻيا مزور وغيرهہ گڏ ٿيا ۽ سڀ جنازي جون رسمون ادا ڪيون ويون. پوليس جنازي سان ڪنو هئي. جڏهن پوليس کان پڇيو ويو تہ بجلي ڪئي آهي تہ جواب مليو تہ لاڪپ ۾ پنهنجي يار سان خوشي ملهائي رهي آهي!

جڏهن بجليءَ پڇيو تہ لاش ڪڏهن ملندو تہ پوليس جواب ڏنو تہ

ڪمشنر جي حڪم سان لاش دفنايو ويو آهي تہ بجلي مايوس ٿي وئي. دل ۾ چيائين تہ راجا خان جو آخرين منهن ڏسڻ کان محروم رهجي ويس.

دل ۾ اُداسي اکين ۾ ڳوڙها، پيٽ ۾ بک، بجلي قادر پائي جي پاسي ۾ ويهي رهي.

بجليءَ کي آڻت ڏيڻ لاءِ قادر پائيءَ بجليءَ جي ڪلهي تي هٿ رکي چيو، بجلي، زندگي ائين ئي آهي ڪڏهن سڌو تہ ڪڏهن ٽيڙا!

بجلي سڌڪا پري روئڻ لڳي ۽ قادر پائيءَ جي ڪ۾ ۾ ليٽي پيئي. قادر پائي بجليءَ جي وارن ۾ هٿ ڦيرينڊو رهيو ۽ آڻت ڏيئي پرچائيندو رهيو.

In Loving Memory of



Late Shri Murlidhar D. Ahuja

With Best Compliments from :

RAMESH MURLIDHAR D. AHUJA

O. T. Section,
Ulhasnagar - 421 003.

(۴۴)

قادر پائي، تون جنهن نموني منهنجو خيال ٿو ڪرين يا سمجهائين ٿو. مونکي پنهنجو پيءُ ٿو ياد اچي. الائي جيئرو آهي ب يا نه؟

بجلي تنهنجو اصلي ڳانو (ڳوٺ) ڪهڙو آهي؟

قادر پائي، ايهي سوڻ جون ڳالهيون نه ڪي. ٿوري ۾ سمجهه ته مان پنهنجي مرضيءَ سان ڏنڊي ۾ ڪونه آئي هئس. مون ۾ غصو وڌيڪ آهي انجو ڪارڻ منهنجون حالتون آهن. مان سڀني مردن کان نفرت ڪندي آهيان. مردن کي ستائڻ ۾ مونکي مزو ايندو آهي، مونکي سڪون ملندو آهي.

بجلي، تون دکياري آهين. مردن سان تنهنجو وهنوار تنهنجي دکن جو رد عمل آهي، جيڪي مردن توکي ڏنا آهن.

تون ۽ راجاڪان الڳ آهيو. توهان ٻئي مونکي پنهنجو پيءُ ياد ڏيارينداَ آهيو.

بجلي، هر عورت لاءِ پيءُ هڪ آدرش هوندو آهي. ساڳئي نموني هر مرد لاءِ ماءُ هڪ آدرش هوندي آهي.

قادر پائي، تون ايهي وڏيون وڏيون ڳالهيون ڪٿان سکيو آهين؟

بجلي، منهنجي نوڪري آهي ريسٽ هائوس ۾ جتي وڏا راجنيتڪ ، آفيسر وغيرهه ايندا آهن. مان انهن جون ڳالهيون ٻڌندو آهيان ۽ سکندو آهيان. هي مرڊر (Murder) ڪيس ٿيو آهي ته اتان ب ڪيي ڇڏيندا.

سچ منهنجي ڪري؟

چري، ايهي منهنجا ڪرم آهن. ڪرم سڌانت موجب اسان سڀني کي برن ڪرمن جي سزا يا سڻ ڪرمن جا مزا ماڻڻا آهن. شري ڪرشن ڳيتا ۾ ائين چيو آهي.

قادر پائي، تون وڏو پنڊت ٿي ويو آهين.

بجلي، اسان جي گهر جي پرسان هڪ ڪرشن مندر هوندو هيو. مان اتي ودوانن ۽ پنڊتن جا ليڪچر ٻڌندو هيس. ان سڌانت (اصول) سبب ڪوشش ڪندو آهيان ته ڪوئي پاپ نه ڪيان. ان سبب مان جڏهن دکي هوندو آهيان ته پاڻ کي ايهو چئي آٿت ڏيندو آهيان ته ايهو منهنجي پاپن جو ڦل آهي. اڄ مان لاکپ ۾ آهيان ته ضرور منهنجي ڪيل پاپن جو ڦل هوندو.

مان جيل ۾ آهيان تہ منهنجو بہ ايهو پاپن جو ڦل هوندو؟

"ضرور"، قادر پائي چيو. اڳتي چيائين بجلي، اسان هنهي راجاڪان جي شيوا ڪئي آهي. اسان تي هي ڪوڙو الزام ثابت نہ ٿيندو. ايا تائين پڳوان آهي جيڪو زمين تي تکي نظر رکي وينو آهي.

قادر پائي، عامدار هالاڻيءَ کي سزا ڇو ڪونہ ٿي ملي؟

چري چوندا آهن تہ پڳوان جي چڪي سنهو پيهندي آهي پر آهستي آهستي ائين بہ چوندا آهن تہ قدرت جي چمات زور سان لڳندي آهي پر آواز ڪونہ ٿيندو آهي!

الائي ڪڏهن موئي کي قدرت جي چمات لڳندي؟

صبر ڪر. اجهو هن جا سڄا ڪرم پورا ٿيندا ۽ قدرت جي چمات لڳندي.

بجليءَ چيو قادر پائي اڳتي چا؟

قادر پائي- بجلي اڳتي جي خبر خاوند کي باقي اسان کي پنهنجا ڪرم سڌارڻا پوندا.

بجلي- تنهنجي نوڪري هلي وڃي تہ پوءِ ؟

مالڪ هڪ در لٽيندو آهي تہ ٻيو در پٽيندو آهي. تنهنجو هڪ در (راجا خان) لٽيو اڻائين تہ ٻيو در (مان) اڳهر ئي پٽيو پيو آهي.

قادر پائي، تون نيٺ آئين پنهنجي مطلب تي . سڀ مرد مطلبي آهيو.

بجلي،ان مطلب جي ڪري لاکپ ۾ پيو آهيان،قادر پائيءَ چيو

تون بہ تہ راجاڪان جي زال سان عيش ڪري پاپ ڪيو آهي. هاڻي پاپ جي سزا پوڳ، بجليءَ چيو.

مان ايهو پاپ باربار ڪندو رهندس. آخر شادي بہ تہ لنبو جيل آهي. مان جيل ۾ رهڻ پسند ڪندس. عمر ۾ جيل، عمر قيد.

پهريون دفعو بجلي مشڪي ۽ چيائين، مونکي جيلر بڻجڻ تي اعتراض ڪونهي.

(۴۵)

شيوارام راجپوت، وڊيا ڪارپوريٽر، وڊياپتي اخبار نويس اڳئين عامدار ٽڏارام جي اڳواڻ هيٺ گرهه منتريء (Home Minister)سان مليا. بجلي ۽ قادر پائيء جي ڪوڙن الزامن هيٺ گرفتاريء جي دانهن ڪيائون. گرهه منتري جيڪو هميشه شانت سڀاو وارو رهندو هيو، ان کي به غصو اچي ويو.

پي.اي کي چيائين ته پوليس ڪمشنر کي فون لڳاءِ.

گرهه منتريء ڪمشنر کي ڏينامو ڪيندي چيو، هي توهان جي حد ۾ ڇا ٿي رهيو آهي؟ اڳ ۾عامدار بالاڻيء جي چوڻ تي توهان جي مڪاني پوليس ميونسپل اميدوار کي گرفتار ڪيو ۽ اها چونڊجي آئي. هينئر توهان منهنجي ڏيڻ بجليء کي ۽ هن جي استاد قادرپائيء کي خون جي سنگين الزام هيٺ گرفتار ڪيو آهي. ثابت ٿئي ته هو بي ڏوهي آهن تڏهن به هنن کي ڪيتري تڪليف ٿيندي؟ هتي جهوني عامدار ٽڏارام جي اڳيان منهنجو ڪنڌ جهڪي ٿو وڃي.

ڪمشنر ڏاڍ ڀڄڻ سان غصي ۾ اچي ويو. هڪدم ٽيليفون تي حد جي انسپيڪٽر کي سسپينڊ ڪيائين ۽ چارج ونڻ لاءِ ٻيو انسپيڪٽر موڪليائين.

گرهه منتريء ٽڏارام کان معافي ونندي چيو، توهان هي شڪايتون ڪٽي ٿا اڇو ته مونکي دک ٿو ٿئي. چاڪاڻ ته توهان جو شڪايتون سچيون آهن ۽ انهن کوڙن ڪارنامن لاءِ جوابدار اسانجي پارٽيء جو عامدار آهي. مهاتما گانڌيء سکيا ڏني ته ستيہ (سچ) ۽ اهنسا جي. هي نوان رنگروٽ وات هلن ٿا استيہ (کوڙ) ۽ هنسا جي.

ايهي اکر چئي گرهه منتري مايوس منهن سان اکيون پوري ڪرسيء تي ويهي رهيو.

موقعي جي نزاڪت سمجهي ٽڏارام ۽ ٻيا نمستي ۽ مهرباني چئي موڪلائي نڪتا.

سفارت وزير سان ملاقات ڪري رهي هئيء ڪورٽ ۾ چترسين وڪيل سرڪاري وڪيل(P.P.) کي پڇا ڏئي چئي رهيو هيو، "ڪيس مضبوطيء سان لڙجو ڏاهاڳارن جو ڪنهن به حالت ۾ ضامن ٽيڻ نه ڪپي".

سرڪاري وڪيل(P.P.) پنهنجي دليل بازي شروع ڪئي:-

يوئر هانر، بجلي هڪ پيشي ور وڻيا آهي ۽ هن جو يار آهي قادر

پائي.بنهي ملي ڪري بچلي ۽ جي مڙس راجا خان جو خون ڪيو آهي.
مئجسٽريٽ - ڪجهه مهينا اڳ ۾ مٺان پوليس وٺيا پٽي جو ڪيس ڪيو هيو. پوليس اسٽيشن تي هن سان مار ڪٽ پڻ ڪئي هئي. منهنجي ڪورٽ ۾ اهو ڪيس هليو هيو.
سرڪاري وڪيل - ها، يوئر آنر، پرهينئر هن جي مٺان قتل جو الزام آهي.
مئجسٽريٽ - توهان چئو ٿا ته فوتي راجاخان هن جو مڙس هيو ۽ هيءَ وٺيا آهي. وٺائن کي ته روز روز نوان نوان مڙس ملندا آهن توهان هڪ شريف ۽ مان واري عورت کي وٺيا سڏي سزايابُ ڪندا چا؟
سرڪاري وڪيل - يوئر آنر، شهر جي عامدار جي سڏ تي پوليس قدم کنيو آهي.
مئجسٽريٽ -پوليس عامدار جي هٿ هيٺ ڪم ڪندي آهي چا؟
سرڪاري وڪيل چپ رهيو.
مئجسٽريٽ - فوتيءَ جي لاش جي پوسٽ مارٽم ڪئي وئي آهي؟
سرڪاري وڪيل - هاصاحب
مئجسٽريٽ - رپورٽ ڪئي آهي؟
سرڪاري وڪيل - پوسٽ مارٽم جي رپورٽ 2-3 ڏينهن ۾ ملي ويندي
مئجسٽريٽ - توهان جي ڪُهڙي آهي؟
سرڪاري وڪيل - پوليس رمانڊ ڏنو وڃي ٻن هفتن لاءِ،تيستائين پوليس پنهنجي جاچ ڪري ونندي.
مئجسٽريٽ - بچاءَ جي وڪيل جو طرف ٻڌي فيصلو ڪيو ويندو.
The Court is adjourned for lunch

لنچ ٽائيم ۾ چترسين وڪيل مئجسٽريٽ جي چئمبر ۾ ويو. ڪرسيءَ تي ويٺو ۽ چيائين، يوئر آنر شهر جي عامدار موڪليو آهي ته توهان کي عرض ڪيان ته هنن ٻن ڏاهگارن تي جوڳو قدم کنيو وڃي. ائين چئي لفافي ۾ پيل نوٽن جو بنڊل ٽيبل تي رکيو.
ٽيبل تي رکيل بنڊل ڏسي مئجسٽريٽ غصي ۾ اچي چيو، "مسٽر چترسين هي لفافو کڻو ۽ Get out".
لنچ کان پوءِ
بچلي ۽ قادر پائيءَ طرفان نوجوان وڪيل ستيه وادي دليل بازيءَ لاءِ اڻيو.
يوئر آنر، منهنجا اصيل بچلي ٻائي ۽ قادر پائي عزت مان وارا نگرواسي

(شهري) آهن. بجلي ہائيءَ کي چانهه جو هوٽل هيو جنهن کي وڏائي ۽ سڏاري هڪ ڪاناول(lunch Home)ناهيو ويو آهي ۽ لنچ هوم ناهڻ ۾ مدد ۽ رهبري ڪئي آهي قادر ہائيءَ جيڪو هوشيار رسويو آهي ۽ سرڪاري ريسٽ هائوس ۾ خانساما آهي. بجلي ہائي هڪ سماج سيوڪا آهي. اسان جي وڪيل ہاءُ چترسين بجليءَ جي گڻ ۽ شيوا ہاونا مان واقف آهي. ان سبب محصول منتري Revenue Minister جي شيوا (خدمت) ۾ موڪليو هيو. جتي قادر ہائيءَ سان سندس سڃاڻپ ٿي. بجليءَ محصول منتريءَ جي ايتري شيوا (خدمت) ڪئي جو محصول منتريءَ هن کي پنهنجي ڌرم جي ڌيءَ(Adopted daughter) بڻايو آهي.

گذريل ميونسپل چونڊن ۾ بجليءَ پنهنجي هڪ غريب ۽ پڙهيل ڳڙهيل پيڻ وديا جي مدد ڪئي هئي. انهن چونڊن ۾ وديا ڪٽيو پر هارائڻ وارو هيو اسانجو وڪيل ہاءُ چترسين.

مئجسٽريٽ، بچاءَ وڪيل کي اڏ ۾ روڪي پڇيو، جاهي سچ آهي؟

سرڪاري وڪيل - يس يوئر آنر

چترسين ڪنڌ هيٺ ڪري وينو رهيو.

ستيه واديءَ دليل بازي ڪندي چيو، چونڊن ۾ ڪيل ڪم بجليءَ کي مهانگو پيو آهي. ان کان سواءِ عامدار ہالاڻيءَ هڪ رات بجليءَ سان گذارڻ چاهي جيڪا ڪابه شريف عورت قبول نه ڪندي ۽ بجليءَ به قبول نه ڪيو. بجليءَ جا ايهي به گناهه آهن جنهن جي سزا آهي هي ڪوڙو ڪيس. منهنجي زوردار طلب آهي ته انصاف ڪيو وڃي ۽ بي گناهن کي بنا دير آزاد ڪيو وڃي.

مئجسٽريٽ آرڊر لکي ڪورٽ ۾ پڙهيو:

هي خون جو ڪيس ڪوڙو ۽ جڙتو لڳي رهيو آهي. سچ ۽ ڪوڙ کي سمجهڻ لاءِ ايهو ضروري آهي ته پوسٽ مارٽم ۽ ٻيون ڊاڪٽري رپورٽون ڏنيون ۽ جاچيون وڃن. آروپين (ملزمن) کي 4 ڏينهن جو پوليس رمانڊ ڏنو وڃي ٿو.

اڳتي هلي اڃ لکيل اِڪر چيائين، دک سان چوڻو پوي ٿو ته اڄ ڪنهن آنربل وڪيل مونکي ان ڪيس ۾ رشوت ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي. ماڻ Council Bar کي لکي موڪليان ٿو ته اهڙي وڪيل تي جوگهو قدم ڪنيو وڃي.

The Court is adjourned for the Day

مئجسٽريٽ پنهنجي چئمبر ۾ هليو ويو. چترسين وڪيل ڪنڌ هيٺ ڪري ٻاهر هليو ويو ۽ رڪشا پڪڑي سڌو عامدار ہالاڻيءَ جي بنگلي تي پهچي ويو.

(۴۶)

چترسين وڪيل سڏيندو سڏيندو عامدار ٻالاڻيءَ جي گهر پهتو. چترسين جو سڌو دماغي اُلجهن سبب هيو نه ڪ ڏوڙ يا تڪڙي هلڻ ڪري. عامدار ٻالاڻيءَ جي سامهون ويهي حقيقت بيان ڪيائين. عامدار ٻالاڻيءَ غصي ۾ گهٽ وڌ ڳالهايس. چيائينس، توکان سڌا ته جڳهين جا دلال آهن، هر ٽڪا ڪميشن ولي ڪم ته اڪلائي ٿا اچن. وڪالت جي ڏگري ورتي اٽئي پر عقل ته اٽيئي ڪونہ. ڪنهن ڪم لاءِ وڃين ٿو ته هيو معاملو پئدا ڪري ٿو اچين.چڱو، وڪيل سشيل ڪمار کي فون لڳاءِ ته مان ڳالهايانس.

چترسين فون لڳائي عامدار ٻالاڻيءَ جي هٿ ۾ ڏنو. عامدار چيو، مسٽر سشيل ڪمار نمستي مان عامدار ٻالاڻي، عرض ته ڪنهن ڪم سان توهان وٽ اچڻ وارو هيم پر اوچتو هوم منسٽر جو فون آيو. ايندڙ هفتي دوري تي اچي رهيو آهي. هن وقت مون وٽ گهٽي پبلڪ ويني آهي، مان اچڻ کان لاچار آهيان. توهان مهرباني ڪري منهنجي بنگلي تي ايندا؟ تڪليف لاءِ معافي ٿو گهران.

ماڻهو ته هيائي ڪونہ . وڪيل سشيل ڪمار آيو ته چترسين ۽ عامدار وينا هيا. سشيل ڪمار جي پرپور آجيان کان پوءِ عامدار چيو، وڪيل صاحب، بجليءَ نالي هڪ وٺشيا جو توهان سان معاملو ٿيو هيو، اهائي بجلي ۽ سندس يار قادر پائي گرفتار ڪيا ويا آهن، بجليءَ جي مڙس جي قتل جي الزام ۾ . اسان جي مرضي آهي ته مئجسٽريٽ ان معاملي ۾ سخت رخ اختيار ڪري اِن لاءِ مئجسٽريٽ کي لفافو موڪليو هيو. پر مئجسٽريٽ غصي ٿي ڪري چترسين کي گهٽ وڌ ڳالهايو آهي ۽ سندس رخ جوابدارن جي فائدي ۾ ٿو لڳي.

سشيل ڪمار کي بجليءَ جي هٽان ٽيل بي عزتي ياد آئي، خوش ٽيو ته بدلي وٺڻ جو موقعو ملي رهيو آهي. عامدار کي چيائين هينئر چا ڪرٽو آهي؟

عامدار - مئجسٽريٽ کان سخت قدم ڪڍائٽو آهي. پئسا خرچڻ لاءِ تيار آهيون.

سشيل ڪمار - ايهو مئجسٽريٽ رشوت ڪونہ ونندو آهي. منهنجو جهونو دوست آهي جڏهن وڪالت ڪندو هيو ته گڏجي رمي کيڏندا هياسين.

عامدار - هن کان ڪم ڪيئن ڪرائجي؟

سشيل ڪمار - اهو مونتي چڏيو. ڪورٽ جي ججن کي ڪيئن Handle ڪجي اها مونکي خبر آهي. ججن کي ڪرسي ۽ عزت جو وڏو خيال هوندو آهي. ڪڏهن ڪڏهن پئسا ڪائي بہ ڪم قائدي موجب ڪندا آهن. ڪي جج ٻنهي طرفن کان ڪائيندا آهن ۽ فيصلو قائدي موجب ڪندا آهن. ڪي جج صرف سچاڻپ ۽ رسوخ تي ڪم ڪندا آهن. آخر جج بہ ته انسان آهن!

عامدار- هي لک رپيا ڪڍو ۽ ڪم کي ڪيئن بہ ناهي اچو.

سشيل ڪمار پئسا ڪڍي نڪتو ۽ سڌو مئجسٽريٽ جي گهر پهتو.

مئجسٽريٽ سڃي آءُ پاءُ ڪيس .

سشيل ڪمار - يوئر آنر اڄ هڪ وڪيل پاءُ جي ڪم سان آيو آهيان.

مئجسٽريٽ - هي منهنجو گهر آهي. هتي يوئر آنر چوڻ جي ضرورت ڪونهي.

سشيل ڪمار -عادت کان مجبور آهيون. اسانجي هڪ جونير دوست چترسين توهان کي غلط آفر ڪئي. ان لاءِ معافي طلب آهيان. پٽيوالي۽ مان ڪلارڪ ۽ پوءِ وڪيل ٿيو آهي. هن جي بدتميزيءَ کي معاف.ڪيو.

مئجسٽريٽ- جيڪڏهن ايمانداريءَ جي باريAdjust ڪندو هلان ها ته گهڙو اڳهه هاءِ ڪورٽ تائين پهچي وڃان ها.

سشيل ڪمار- مون کان ڪا ڳالهه ڳجهي ڪونهي.

مئجسٽريٽ - ايمانداري مهانگو شونق پاليو آهي.

سشيل ڪمار- چترسين جي خلاف بار ڪائونسل کي لکندا ته مري ويندو

مئجسٽريٽ- هڪ معافي نامو ۽ ٻن سينئر وڪيلن جي سفارش(Recommendation) لکي موڪل ته پوءِ بار ڪائونسل کي نہ لکندس.

سشيل ڪمار بجليءَ جي باري ۾ هڪ اکر بہ نہ ڳالهايو ۽ ThankYou چئي نڪتو ته ٻاهر چترسين مليس. چترسين کي دب چاڙهيندي چيائين معافي نامو لکي ڏي هڪ سينئر وڪيل جي Recommendation ونې اڄ . هڪ صحي مان ڪندس تنهنجي خلاف بار ڪائونسل کي ڪونہ لکيو ويندو.

چترسين خوش ٿي ويو. سشيل ڪمار بہ خوش هيو چاڪاڻ ته بجليءَ جي ڪيس مان لک رپيا مليا.

(۴۷)

عامدار، چترسين ۽ سشيل ڪمار پنهنجي ڪاميابيءَ تي خوش هئا.

رماند جو مدو پورو ٿيڻ کان اڳ شيوارام راجپوت ۽ ستيہ وادي وڪيل اُن اسپيشلسٽ ڊاڪٽر سان مليا. ڊاڪٽر رپورٽ ڏسي ٻڌاين تہ راجا خان بادفرنگ(Syphilis) جو جھونو مريض آھي ۽ ٽئين درجي(Terrtiary Syphilis) تي پھتل آھي. ھن کي بچائڻ جي ڪوشش ڪيون ٿا پر ھو ڪنھن بہ وقت اوچتو مري سگھي ٿو.

شيوارام - ڊاڪٽر صاحب مريض مري ويو آھي ۽ سندس زال ۽ دوست تي الزام آھي تہ انھن ملي ڪري ماريو آھي.

ڊاڪٽر- مريض بيماري ۾ مئو يا زھر سان يا ڳھٽا ڏيئي ماريو ويو اھو تہ پوسٽ مارٽم رپورٽ ٻڌائي سگھي ٿي پر ھن بادفرنگ جي بيماريءَ ۾ بہ اوچتو مري سگھي ٿو.

شيوارام - ڊاڪٽر صاحب، وڏي مھرباني .

شيوارام ۽ ستيہ وادي وڪيل ڪوشش ڪئي ۽ اسپتال مان پوسٽ مارٽم جي رپورٽ بہ حاصل ڪيائون.

سرڪاري وڪيل پوسٽ مارٽم رپورٽ پڙھي تہ سمجھي ويو تہ موت ڪنھن غير قدرتي ڪارڻ کان ڪونہ ٿيو آھي ۽ ڪابہ لچائي(Foul Play) ٿيل ڪونھي. ان سبب ڪيس ثابت ڪرڻ ڏکيو آھي. ان سبب پنھنجا دليل بدلائڻ لڳو .

سرڪاري وڪيل چيو،

يوئر آنر، ايھا حقيقت پوسٽ مارٽم مان ثابت ٿي آھي تہ فوتي راجا خان جو موت زھر سان يا ڳھٽن ڏيڻ سان ڪونہ ٿيو آھي. پوسٽ مارٽم ۾ موت جو ڪارڻ ڄاڻايل آھي بادفرنگ ۾ ورتل دل(Syphilitic Heart) آخر سوال آھي تہ راجاخان کي ھيءَ بيماري ڪٿان ملي؟ منھنجو چوڻ آھي تہ بچلي ھڪ پيشي ور وڻيا آھي ۽ ھن وٽ ڪيترا ڳراھڪ ايندا ھوندا. ڪنھن ڳراھڪ وٽان بچليءَ کي ھيءَ بيماري ملي آھي ۽ بچليءَ مان ايھا بيماري راجاخان کي ملي آھي. ان سبب راجا خان جي موت لاءِ جوابدار بچلي آھي ۽ بچليءَ کي سخت سزا ڏني وڃي.

سرڪاري وڪيل جي ليڪچر کان پوءِ بچليءَ ۽ قادر پائي جو وڪيل ستيہ وادي اٿيو. نئون وڪيل ھئڻ سبب زبردست پڙھائي ۽ تياري ڪري آيو ھيو.

دليل بازي شروع ڪيائين.

يوئر آنر،

منهنجي دوست آنريبل سرڪاري وڪيل چيو آهي، ته پوسٽ مارٽم ۾ صاف ڄاڻايل آهي ته فوتيءَ جو موت جو ڪارڻ گهٽا يا زهر ڪونهي. گلي جي تپاس جي رپورٽ چئي ٿي ته گهٽا ڪونه ڏنا ويا آهن. پيٽ جي عضون(Viscera) جي تپاس چوي ٿي ته ڪوبہ زهر وغيرهہ ڪونہ ڏنو ويو آهي. ان سان ايهو ثابت ٿيو آهي ته ڪو منصوبو وغيرهہ ڪونہ ٿيو آهي. آنربل.P.P جي دليلن تي ڏيان ۾ ايندو ته قادر پائي بي قصور آهي. آنربل.P.P بہ صرف بجليءَ ڪي سزا ڏيڻ جي طلب ڪري رهيو آهي. انصاف ڪرڻ لاءِ سوچجي ته سرڪاري وڪيل .P.P ڪي چوڻ ڪيندو هيو ته هُئي بي قصور آهن ۽ هنهي ڪي باعزت ڇڏيو وڃي. پر دڪ جي ڳالهہ آهي ته .P.P ائين نہ ڪيو آهي.

بجليءَ تي لڳايل بي بنياد الزام ڪان اڳهہ مان ڪورٽ سڳوريءَ ڪي ٻڌائڻ چاهيندس ته بادفرنگ هڪ ڪهني بيماري آهي جيڪا پهرين دور(Syphilis Primary)ءَ هُئي دور ۾ ڪا خاص شريرڪ (جسماني) تڪليف ڪونہ ڏيندو آهي يا بادفرنگ جي ٽئين دور(Terrtiary Syphilis) شرير جي اندرين عضون جهڙوڪ جيرو، ڦڦڙ، ڪي، دل وغيرهہ ڪي پڪڙيندي آهي. ٽئين درجي وارو بادفرنگ واري مريض ڪي ٺيڪ ڪرڻ ڏکيو هوندو آهي. هيءَ بيماري اڪين ۽ چمڙيءَ ڪي بہ پڪڙي سگهي ٿي. بادفرنگ سبب راجاخان ڏري گهٽ انڊو ٿي ويو هيو ۽ هنجي چمڙيءَ تي ڪوڙهہ جا اڇا ۽ سونهري داغ پڻ پئدا ٿيا هئا.

آنجهاني راجاخان خود هڪ وٺشيا جو پٽ هيو ۽ هن جو پيشو هيو چوڪريون اغوا ڪري چڪلن ۾ وڪرو ڪرڻ. ان الزام هيٺ هن ڪي چار سال سزا لڳي هئي. هو چار سال جيل ۾ رهيو ۽ بجليءَ سان هن ڪي شادي ڪئي صرف هڪ سال ٿيو هيو. وٺشيا ورتيءَ سان هنجو خانداني رشتو هيو. ٿي سگهي ٿو ته هن ڪي بادفرنگ ورڻي ۾ مليو يا پنهنجو ناجائز ڏنڊو ڪندي هنکي ڪنهن عورت مان بادفرنگ مليو هجي. بجليءَ تي الزام لڳائڻ تہ راجاخان ڪي بادفرنگ جي بيماري ڏني آهي هڪدم بي بنياد آهي. جيڪڏهن بجليءَ ڪي بادفرنگ هجي ها تہ بجلي گهٽو اڳ مري وئي هجي ها.

جن جن عورتن سان راجاخان سنيوڳ ڪيو هوندو ان مان ڪنهن هڪ عورت ايها بيماري هن ڪي ڏني هوندي. سمجهو ٿوري وقت لاءِ سمجهون ته

بادفرنگ بجليءَ وٽان راجاخان کي مليو تہ منهنجو آنربل دوست P.P. ٻڌائي سگهندو تہ سنيوگ ڪرڻ ڪهڙي انڊين پينل ڪوڊ جي قلم هيٺ گناهہ آهي؟ آنربل P.P. جي دليل بازي ٻڌي مونکي ڪل پئي آئي.

يوئر هانر،

بجليءَ ۽ قادر پائيءَ آنجهاني راجاخان کي هڪڙي اسپيشلسٽ کي ڏيکاريو هيو. ان هينئر هڪڙو سرٽيفڪيٽ ڏنو آهي تہ (Pathological Tests) جي مدنظر چئي سگهجي ٿو تہ راجاخان Terrtiary Syphilis (ٽئين درجي جو بادفرنگ) جو مريض هيو ۽ اوچتو بنا ڪنهن اطلاع جي مري سگهي ٿو. ائين چئي ڊاڪٽر جو ڏنل سرٽيفڪيٽ مئجسٽريٽ جي ٽيبل تي رکيائين.

ستين وادي‌ءَ آخر ۾ چيو تہ منهنجو عرض آهي تہ ٻنهي آروپين (ملزمن) کي باعزت ڇڏيو وڃي.

مئجسٽريٽ ٻنهي ڏرين جا دليل ٻڌا. ڊاڪٽر ۽ پوسٽ مارٽم جي رپورٽ ڏنائين.

مئجسٽريٽ ڪورٽ مان گوڙ بند ڪرائڻ لاءِ ٽيبل تي هٿوڙو هڻي چيو آرڊر، آرڊر ۽ پوءِ چيائين: Both accused Honourably Aquitted

(ٻنهي ملزمن کي بي‌گناهہ ٺهرائي عزت سان ڇڏيو وڃي ٿو.)

(۴۸)

چترسين جڏهن عامدار کي ٻڌايو تہ بجلي (نردوش) بي گناهہ ڪري آزاد ڪئي وئي آهي تہ عامدار جا چڙهيل ديگڙا لهي ويا. چترسين چترائيءَ سان چيس صاحب، هيءَ سڀ شيوارام جي لڇائي آهي. توهان جي طاقت گهٽائڻ لاءِ توهان جي پاءُ چونڊءَ کي ميئر جي عهدي تان پڻ هٽائڻ تو چاهي. . عامدار کي ڳالهہ دل سان لڳي.

عامدار هڪدم ٻہ ٽي فون لڳايا. ڪجهہ وقت کان پوءِ شهر جو هڪ مشهور گونڊو ٽيڪمداس مڇن کي تاءُ ڏيندو اچي پهتو. نمستي ڪري ويٺو ۽ چيائين عامدار صاحب حڪم ڪيو، بندو حاضر آهي.

ٽيڪمداس، ويهہ عامدار چيو.

ٽيڪمداس پٽ تي ويهي رهيو.

ٽيڪمداس، مٿي ڪرسيءَ تي ويهہ، تون اسان‌کي لڇاءِ نہ، عامدار چيو.

صاحب، اسان توهان جي چرنن جي ڏوڙ آهيون. توهان جي برابر ڪيئن وهنداسين؟

ٽيڪمداس، اسانجي پارٽيءَ جو ڪارپوريٽر آهي شيوارام راجپوت. هن جي من مستي وڌي وئي آهي، اها لاهڻي آهي.

صاحب ، حڪم ڪيو تہ ختم ڪيونس

عامدار- ختم ڪرڻو ناهي. ٻہ - چار ڏينهن اسپتال ۾ پرتي ڏئي تہ پاڻيهي سڌو ٿي ويندو.

ٽيڪمداس - صاحب فڪر نہ ڪيو اڄ ئي چوڪرا فيلڊنگ(Fielding)تي لڳائي ٿو ڇڏيان.

عامدارنوٽن جي ڏڦي ڪڍي ٽيڪمداس جي اڳيان رکي.

ٽيڪمداس چيو، صاحب اسان کي لڇايو ٿا. خسيس ڪم لاءِ توهان کان پئسا وٺندس ڇا؟ توهان منهنجي ڪيسن ۾ وڪيل ڏنا، جيل ۾ هيم تہ توهان منهنجي گهر ۾ خرچ پهچائيندا هيا ۽ مان توهان کان پئسا وٺان مان ڪرتگهن (احسان فراموش) ناهيان.

عامدار زور ڪري ٽيڪمداس جي هٿ ۾ نوٽن جي ڏڦي رکي.

ٽيڪمداس شهر جو مشهور گونڊو هيو. ماڻهو هن کي تکرمداس (حرفتباز) چوندا هيا. هن جو مکيہ ڏنڊو هيو جوئا جي کلب ۽ بي‌قاعدي دارون وغيرہ. جوئا کندي کيترا جوئاري پنهنجا زيور بہ گروي رکندا هيا. انهن مان گ هڻا جوئاري تہ سونا زيور ڇڏائي بہ نہ سگهندا هئا. سون جو اگهہ تہ هردم وڌندڙ آهي. ائين زيورن جو اگهہ بہ وڌندو ويندو هئو. ۽ ٽيڪمداس بہ شاهوڪار ٽيندو ويو. ٽيڪمداس آنڪڙيباز (ليکي چوکي وارو) کونہ هيو پر ڏکئي هيو. هن جا ڏکا کامياب ويندا هئا. ائين طرقي کندو ويو پر بنيادي طور هن کي عقل گهٽ ۽ همٽ وڌيڪ هوندي هئي. پاڻ هنومان جو پوڄاري هيو. هنومان چاليسا جو روز پاٺ کندو هيو. دارون، جوئا، رنڊيبازي وغيرهہ کان پري هيو. هالاڻي عامدار کي هو پنهنجو رام سمجهندو هيو ۽ پاڻ کي هنومان. هنومان وانگر هن جي دل ۽ دماغ تي عامدار هالاڻي چانيل هيو. جيئن هنومان رام سان وفادار هيو تيئن ٽيڪمداس پڻ عامدار هالاڻي ۽ جو وفادار ۽ وشواس پاتر (اعتبار جوگو) ساڻي هيو.

ٽيڪمداس پنهنجي چوکرن معرفت فيلڊنگ(Fielding)لڳائي خبرپين تہ شيوارام وسپت رات (جمع رات) جو دير تائين نورجهان وٽ هوندو آهي. هفتي کان پوء رات جو 10 بجي کان پوء چار چوکرا لنين ۽ هاکين سان تيار بينا هئا. هڪ بجي هنن جو انتظار ختم ٿيو. شيوارام هلکي نشي ۽ ترپتي(Satisfication) جي احساس ۾ فلمي گاناگنگنائيندو پٽي نڪتو تہ چئني جڻن حملو کيو. پهرين ڏکن سان شيوارام کري پيو. پر راندگر ۽ کٽرتي(Sportsman) هڻڻ سبب جلدي اٺي کڙو ٿيو. مقابلو شروع کيائين ۽ زور سان رڙيون بہ کيائين، بچائو، بچائو، نورجهان رڙيون ٻڌيون تہ هڪدم پڇندي آئي. شيوارام جي اڳيان ڊال وانگر بيهجي وئي. هڪ چوکري ڊپ ۾ چاکو کڍيو ۽ نور جهان جي پيٽ ۾ کپائي ڇڏيائين.

رڙين واکن تي پرسان وارن جهوپڙن مان کي وڻشائون نڪتيون ۽ کي گراهڪ پڻ نڪتا. چوکرا ڊپ ۾ پڳا پر هڪ چوکرو ماڻهن جي هٿ اچي ويو. سيني ملي کري هن کي خوب مار ڏني ۽ پکڑي هڪ بجليء جي ٽنيي سان ٻڌو ويو. چوکري کي ٽنيي سان ٻڌڻ کان پوء گهٽا گراهڪ تہ عزت ۽ پوليس جي ڊپ کان پڇي ويا. ڪجهہ مزور ۽ وڻشائون واردات تي حاضر رهيا.

شيوارام لنين جي مار سبب بيهوش پيو هيو. نورجهان کي هوش هيو ۽ شيوارام

جي مڙي تي هٽ رکي پئي چيائين، شيوارام نيڪ آهيو؟ منهنجو فڪر نہ ڪجو؟ ائين چوندي گهٽي ڪون وهڻ سبب نورجهان بہ بيهوش ٿي وئي.

هن ٽن ڪلاڪن کان پوء پوليس آئي. شيوارام ۽ نورجهان کي اسپتال پهچايو ويو.

پڪڙيل چوڪري کي پوليس گرفتار ڪيو. جمع (شڪروار) صبوح تائين پنچنامو نهندو رهيو. جمع ۽ چنچر پوليس جي وائرليس گاڏي ايريا ۾ بيني رهي. بہ ڏينهن وڻشيائن وٽ ڪوبہ گراهڪ ڪونہ آيو. وچ وچ ۾ کي پوليس وارا مفت ۾ موج وڻڻ آيا پئي. لوڪشاهيء ۾ پوليس ائين ورتاء ڪندي آهي جيئن ڊڪٽيٽري راج ۾ ملٽري!

آپريشن
روکي سگهجن ٿيون

اڄ ڪلهہ جي يگہ ۾ ڪيترن ڊاڪٽرن جو زور آپريشن تي آهي. آپريشن سان بيماريء جو نتيجو (Result) جهڙوڪ Cyst, Fibroid Piles, وغيرهہ ڪيي ڦٽو ڪيو وڃي ٿو. پر جن ڪارڻن کان ايهو Cyst وغيرهہ ٿئي ٿو، اهي ڪارڻ شرير ۾ قائم رهن ٿا. آپريشن کان پوء بيماري روپ ۽ آستان بدلائي ٿي پر بيماريء جي پاڙ کون ٿي پٽجي. بيمارين جي پاڙ پٽڻ لاء ۽ آپريشن کي روکڻ لاء هڪ ئي واحد علاج آهي، "هوميوپٿي". هر هڪ آپريشن ڪرائڻ کان اڳ ۾ يا آپريشن ڪرائڻ کان پوء Side effects جهڙوڪ ڪڙين، گوڏن ۽ ڪمر جي سور کي روکڻ لاء صلاح ڪريو:-

ڈاڪٽر ايسر پاروائي
ڪنسلٽنگ هوميوپئٽ
105، نيو پرنس مارڪيٽ،
فرنيچر بزار، اُلهاسنگر - 3.
Pin - 421003.
فون : 2568447 موبائيل : 9371266909

(۴۹)

اسپتال ۾ شيوارام ۽ نورجهان جو علاج شروع ٿي ويو. نورجهان جو خون تمام گهٽو وهي چڪو هيو. ۽ - ٽي ڪلاڪ دير ٿيڻ سبب حالت نازڪ ٿي وئي. آپريشن ڪري ٽاڪا وغيره لڳائي ٻاهريون خون برآندو ويو پرڪين فرق ڪونہ ڪيو. نورجهان بيهوشيءَ ۾ وڌندي رهي ته شيوارام فڪر نہ ڪجو مان بلڪل نيڪ آهيان. بيهوشيءَ مان هوش ۾ ڪونہ آئي ۽ وڃي مالڪ سان ملي.

جيڪو چوڪرو پڪڑيو ويو هيو. ان کي پوليس لاڪپ ۾ سخت مار ڏني ويئي. ٽنهي ساٿين جا نالا ڏنائين. هن ٽن ڏينهن ۾ سڀ گرفتار ٿيا. ٽيڪمداس جو نالو اُڀري آيو. آخر ٽيڪمداس کي ۽ گرفتار ڪيو ويو. سشيل ڪمار وڪيل جي صلاح تي هڪ نئين ڪهاڻي ناهي وئي.

ٽيڪمداس پوليس ۾ بيان ڏنو ته نورجهان وڻيا هوندي ۽ منهنجي خاص ساهيڑي هئي. شيوارام جي هن جي زندگيءَ ۾ اڇ سان نورجهان مون ڏانهن پورو ڌيان ڪونہ ڏيندي هئي. شيوارام سان مونکي ايرکا هئي. ان لاءِ شيوارام کي ڊيڄارڻ خاطر مون چوڪرن کي لئين سان موڪليو هيو.نورجهان جي موت جو ڪارڻ اهو چوڪرو آهي جنهن ابهرائي ڪري چاکو ڪڍي نورجهان کي هنيو. مونکي پڻ نورجهان جي موت جو دک آهي. ائين چئي ٽيڪمداس اوچنگارون ڏيئي روئڻ لڳو ۽ اوچتو رڙيون ڪري چوڻ لڳو، پياري نورجهان، توکان سواءِ مان جيئرو ڪيئن رهندس؟ مونکي ۽ پاڻ وٽ گهرائي وٺ.!

پوليس کي بيان تي اعتبار اچي ويو ۽ اڳتي جي پڇا ڳڇا بند ڪيائون.

عامدار کي ڊپ هيو ته ڪٿي قلعي ڪلي نہ پوي. ان ڪري سشيل ڪمار جي مدد سان هاءِ ڪورٽ مان گرفتاريءَ کان اڳ ۾ ضامن (Anticipatory Bail) وٺي آيو. شيوارام جا گهر وارا هن جي شيوا ڪندا رهيا. نورجهان جي موت جو ٻڌي شيوارام سخت دکي ٿيو ۽ منهن مان اداسي بکي پئي. شيوارام جي گ هرواريءَ سڀ سمجهندي ۽ هڪ اکر ڪونہ ڪڍيو. دل ۾ چيائين ته نورجهان ته مري وئي. جان ڇٽي . هاڻي مئلن تي کهڑيون ميارون!

شيوارام اسپتال مان نوبنو ٿي نڪتو پر اڃا ٿوري ڪمزوري سرير ۾ هيس. شيوارام جي مٿان ٽيل حملي باهہ ۾ تيل جو ڪم ڪيو. شيوارام جي

گروپ ۾ 3 ڪارپوريٽر ٻيا به شامل ٿيا. شهر جو ميئر چونڊ هالاڻي پنهنجي پاءُ مونڊ هالاڻيءَ جي زور تي بينو هوندو هيو. شيوارام ۽ سندس ساٿين مخالفتين سان ملي اوشواس جي رٽ (No Confidence Motion) آندي. ٻن هفتن جي اندر ان رٽ تي بحث ٿيڻو هيو.

ڪجهه ڏينهن کان پوءِ رٽ تي بحث ٿيو. عامدار گهڻيون ڪوششون ڪيون ته ڪي مخالفتي غير حاضر رهن پر ڪم ابتو ٿي ويو. حڪمران ڏر جا ڪي ڪارپوريٽر غير حاضر رهيا. چونڊ هالاڻيءَ جي مٿان اوشواس نهراو پاس ٿي ويو چونڊ هالاڻي ميئر جي پد (عهدي) تان لهي ويو.

شيوارام تي ٿيل حملي سبب شيوارام ڪي هڪڙو شهيديءَ جو نپو لڳي ويو. سيني ڏرين ۾ ايهو يڪراءِ آواز اٿيو ته شهر جو نئون ميئر شيوارام. اڳئين عامدار جي محنت ۽ آسيس سان شيوارام ميئر ٿي ويو.

چونڊجڻ کان پوءِ شيوارام ميئر جي ڪرسيءَ تي ويٺي سوچي رهيو هيو ته نورجهان جي صحبت جي پيٽ ۾ هيءَ ڪرسي تڇ آهي. هيءَ ڪرسي آهي ڪنڊن جو تاج ۽ نورجهان هڪي گلدستو. نورجهان کي ياد ڪري شيوارام جي اک مان لڙڪ ڳڙي پيو.

پٽيوالو در کولي اندر آيو، شيوارام پاڻ تي ضابطو رکي آيل مهمان کي چيو پلي آيا(Wel Come) آيل ماڻهوءَ شيوارام کي هار پاتو ۽ منهن منو ڪرائي چيو، صاحب واڌايون.

شيوارام ملول منهن سان کوڙي کل کليو ۽ چيائين : Thank you

(٥٠)

بالاڻي محل ۾ ڪوڙ ڪنبوڙ لڳو پيو هيو. ٺيڪيدار ڇوٽو بالاڻيءَ کي ورائي وينا هيا. تڪا اڪر پئي ڳالهايائون. هنديءَ ۾ جنهن کي منهن ماري چوندا آهن اها چالو هئي. ڇوٽو جيڪو عهدي تان لهي ويو هيو. اهو ٺيڪيدارن کي منهن ڏيڻ ۾ اَسمرٿ (ناقابل) هيو. ٺيڪيدار پنهنجي ڏنل ڪميشن واپس گهري رهيا هيا. ٺيڪيدارن جو چوڻ هيو تہ ڇوٽوءَ جي اڇڻ سان ميونسپل ۾ ڪميشن ائڊوانس ۾ ڏيڻي ٿي پئي. ڇوٽوءَ کان اڳ ۾ ٺيڪي جا ڪم پورا ٿيندا هيا تہ ڪميشن بل مان ڪاٽي ڏني ويندي هئي. هينئر جو ميئر بدلي ٿيو آهي تہ ڇوٽوءَ جو فرض آهي تہ ورتل پئسا واپس ڪري. نئون ميئر اڇڻ سان هن کي بہ ڪميشن ڏيڻي پوندي. ميونسپل ٺيڪن ۾ ايتري ڪمائي ڪونهي جو ٻٽي (Double) ڪميشن ڏيئي سگهن.

موٽو بالاڻيءَ بزرگيءَ سان کين سمجهائي رهيو هيو. آخر فيصلو ٿيو تہ ٽن مهينن جي اندر سيني کي ڪميشن واپس ڏني ويندي.

ٺيڪيدار واپس ويندي ويندي رمارڪ پاس ڪندا ويا. هڪڑي چيو، ٽن مهينن ۾ ڇا ٿيندو ڪنهن کي خبر؟ ڇوٽوءَ پئسافئلن ۾ وڃايا هجن تہ پوءِ ڪير ڏيندو؟ هڪ ٺيڪيدار چيو تہ اڄ اڌ پئسا ملن تہ پوءِ ملڻ جي آسري کان سٺو آهي.

ٺيڪيدار باهر نڪتا تہ پوليس جو ڊپٽي ڪمشنر 4 پوليس وارا ۽ سب انسپيڪٽر ساڻ ڪٽي جيپ ۾ آيو. اڇڻ سان عامدار موٽو بالاڻيءَ کي چيائين سر، هڪ ڏکدائڪ خبر آهي. توهان جي هڪ جهوني ڪيس ۾ نردوش (بي گناهہ) ڇٽي وڃڻ جي خلاف راجيہ سرڪار سپريم ڪورٽ ۾ اپيل وڌي هئي. ڪالهہ ان اپيل ۾ فيصلو ٿيو آهي.ڏک سان چوان ٿو تہ توهان کي5 سال جيل جي سزا لڳي آهي. توهان کي پوليس اڳيان پيش پوڻ لاءِ 24 ڪلاڪ ڏنا ويا آهن. اهي24 ڪلاڪ اڄ شام جو 6.00 بجي پورا ٿيندا.

عامدار بالاڻيءَ جي هٿن مان جڻ وات ۾ اڇڻ کان اڳ روڻيءَ جو گرهہ ڪري پيو. تنهن هوندي بہ پاڻ سنياليپوليس جي ڊپٽي ڪمشنر کي ۽ پوليس وارن کي ويهاري چانهہ پاڻي پيڻاري، گرهہ منتري (هوم منسٽر) کي فون ڪيائين.

هوم منسٽر رام داس شاستريءَ چيس، بالاڻي سيني انسانن کي پنهنجي سٽن ۽ برن ڪرمن جو ڦل ملندو آهي. سپريم ڪورٽ جي فيصلي کي ڪوبہ

روکي نہ ٿو سگھي. ان فيصلي خلاف اپيل بہ نہ ٿي ڪري سگھجي. جيڪڏھن سپريم ڪورٽ غلط فيصلو ڪري ھا تہ آخرين آسماني ڪورٽ آھي جتي سڀ فيصلا صحي ٿيندا آھن.

ھالاڻيءَ دکي من سان فون رکي ڇڏيو. ھالاڻيءَ آخر ۾ پنھنجي وڪيل کي دھليءَ ۾ فون لڳايو وڪيل وٽان رکو جواب مليس، مان ڪالھ توکي Fax نياپو موڪليو ھيو. آءِ ائم ساري (Iam Sorry)

ھالاڻيءَ آخري فون لڳايو جھوني عامدار ٽڏارام کي. پورو احوال ملڻ کان پوءِ ٽڏارام چيس، مسٽر ھالاڻي، گذريل ڪيتري وقت کان مون توکي سمجھائڻ جي ڪوشش ڪئي پر تو ھڏو اڻ ھڏو ڪيو. ھينئر مان تہ توکي ڪابہ مدد ڪري ڪونہ ٿو سگھان صرف ايترو چوندو مانءِ تہ پرارٽنا ڪر تہ پڳوان توکي دک سھڻ جي شڪتي (طاقت) ڏئي.

ھالاڻيءَ کي پھريون دفعو روئڻ اچي ويو. ٽڏارام آڻت ڏيندي چيس، ھڏ ھالاڻي، گرونانڪ جھڙي سنت پرش کي بابر بادشاھہ جي فوجن بيگر ۾ وھايو ھيو. ان وقت گرونانڪ پئي چيو،

تيرا پاٽا مينا لاگي

نانڪ نام پدارٽ مانگي

گرو نانڪ جي پيٽ ۾ تہ تون ھڪ خسيس ماڻھو آھين. تون بہ چوندو رھہ تيرا پاٽا مينا لاگي.

ھالاڻيءَ جي دل تي ڏڪو ڇنڊو پيو. ھالاڻي ڪلاڪ ڪن ۾ تيار ٿي ويو روم ۾ سناٽو ڇانيل ھيو. ھڪ ڪنڊ ۾ ھالاڻيءَ جي زال چندر مکي سڏڪا پري روئي رھي ھئي ٻيون عورتون ھن کي آڻت ڏيئي رھيون ھيون.

ھالاڻيءَ جي ذھن ۾ اتھاس (تواريخ) جو ھڪ پنو اُپري آيو. اوڌ (لکنو) جي آخري نواب واجد علي شاھہ کي انگريزي فوجون گرفتار ڪرڻ آيون ھيون، نوڪر چاڪر پڇي ويا ھئا. واجد علي شاھہ شاھي رنڊڻي مان ھڪ ڪوئلو ڪڍي در تي لکيو:-

در و ديوار پرحسرت کي نظر ڪرتي ھئن

خوش رھو اھلي وطن - ھم تو سفر ڪرتي ھئن.

ھالاڻي بہ ايھو واقعو ياد ڪندي پنھنجي ھالاڻي محل ڏانھن حسرت پريل نگاھن سان آخرين بار ڏنو ۽ ڊپٽي ڪمشنر سان ڪنو پوليس جيپ ۾ ويٺو.

(۵۱)

شيوارام راجپوت، نئين محاپور (ميئر) هڪ پريس ڪانفرس ڪوڪائي. وڏيا پٽي سهڻي پترڪارن (اخبار نويسن) کي نيٺ پتر هٿ ۾ پهچائي آيو. پريس ڪانفرنس ۾ ڀالهائيندي شيوارام شهر جي سڌارن جي پروگرام بابت تفصيل ڏنا. ان محل هڪ اخبار واري ٻالڻي ۽ جي فتوا، 5 سال جيل ۽ گرفتاري ۽ جي ٽيوز آندي. سهڻي خوشي ۽ جو اظهار ڪيو پر شيوارام ڊڪ ظاهر ڪندي چيو، ٻالڻي اسانجي پارٽي ۽ جو عامدار آهي. مونتي حملو ٽيو تڏهن مان کيس معاف ڪري ڇڏيو آهي. قدرت جو قانون آهي ڪرمن جو سڌانت (اصول). اصول آهي ته سڻن ڪرمن جو ڦل سڀو ملندو ۽ خراب ڪمن جو نتيجو خراب، قدرت انصاف (نياءَ) ڪندي آهي، پاسڪاطري نہ، انڪري اسان کي پنهنجا ڪرم سڌارڻ ڪپن.

پريس ڪانفرنس پوري ٿي ۽ باقي بچيا شيوارام، وڏيا، وڏيا پٽي، ستيہ وادي، بجلي، قادر پائي ۽ چانهہ پاڻي پيئارڻ وارا چوڪرا.

شيوارام ملول منهن سان چيو، ڪاش اڄ نورجهان زنده هجي ها.

وڏيا ۽ وڏيا پٽي ۽ پڻ نورجهان جي غير حاضري ۽ سبب پڌدا ٽيل ڪال جو ذڪر ڪيو.

بجلي (Appre'ciative) نگاهن سان قادر پائي ۽ ڏانهن نهاري رهي هئي.

قادر پائي نمرتا سان هٿ جوڙي چيو، مسٽر شيوارام، مان ننڍو ماڻهو وڏي ڀالهہ ٿو چوان. اڄ نورجهان زنده هجي ها ته توهان ميئر ڪونہ هجو ها. جيڪڏهن نورجهان زنده هجي ها ته توهان جي گهر ۾ به اشانتي هجي ها توهان جي مذهب وارا ڦي چوندا آهن ته ٻن زالن جو ور تنهنجو مسائن ۾ گهر.

سهڻي مشڪيو پرڪچيو ڪونہ، قادر پائي ۽ اڳتي ڀالهائيندي چيو، ڊڪ ۽ سڪ پاڻ ۾ وڇڙيا پيا آهن. زندگي ائين ڦي آهي:-

" ڪڏهن سڏڪو ته ڪڏهن ٽهڪ !".

दि. नवजीवन को. आ. बँक लि. دي نوجيون كو-آپريٹو بنك ليميٹيد

THE NAV JEEVAN CO-OP. BANK LTD.

ULHASNAGAR

HEAD OFFICE

Bhawani Saw Mills Compound, 2nd Floor Ulhasnagar - 421 003
Tel. DIRECT 2560462 • Fax 2567523

OUR 6 BRANCHES

MAIN BRANCH

1. BHAWANI SAW MILLS COMPOUND, GR. & 1ST FLOOR, ULHASNAGAR - 421 003. TEL.: 2543847, 2566435, 2544256

2. GUR PLAZA, OPP. POLICE STATION, ULHASNAGAR-1. TEL.: 2548291, 2548292

3. CHELLARAM MARKET, SIRU CHOWK, ULHASNAGAR - 2. Tel. No. 2708214, 2708215

4. TURNING POINT, CHOPRA COURT, ULHASNAGAR-3. Tel. 2557940, 2545652.

5. RATTAN MANSION, HEMU KALANI CHOWK, FOUNTAIN, UNR - 4. Tel. 2581929, 2583960

6. GURU NANIK BAZAR, ULHASNAGAR - 5. Tel. 2531430, 2526060

EXTENSION COUNTER

At Sai Baba Educational Trust, O.T. Section, Ulhasnagar - 3.


ALL BRANCHES ARE OPENED ON SUNDAY.
WEEKLY HOLIDAY SATURDAY

All Deposits upto Rs. 1/- Lac are insured with DICGC.

Save Today for Better tomorrow.
Customers Service is Our Motto.

Our Bank has tied up at par cheque payable arrangement with ICICI Bank Ltd.

24 Hours ATM Counter at Main Branch



آخرين پنو

''بارهن دوائون هزار بيماريون'' ڪتاب جو مڃيل هوموپئٿڪ ڊاڪٽر ۽ ساڻي ليکڪ شري ايسر پارواڻي ننڍي هوندي کان ئي پنهنجا الڳ الڳ روپ پسائيندڙ پئي رهيو آهي. ڪڏهن ڪهاڻي-نويس (سنڌ جي حليم بروهي جي لکيل ڪهاڻين جو پيو پاسو ڪهاڻيون لکي) تہ ڪڏهن سياستدان (پہ دفعا چونڊيل ڪارپوريٽر) تہ ڪڏهن وري ''ديش پڳٽ'' روزاني اَخبار جو ڪالمسٽ ٿي، گذريل چونڊن ۾ شهر جي نام ڪنئي نيٽا کي ٽڪر ڏيڻ وارو ۽ ''مفت اَگني سنسڪار'' ڪالم ۾ پول پڌرا ڪندڙ هيءُ نڊر ۽ بيباڪ شخص عام ۾ بيحد مقبول آهي. ۽ هن دفعي هو هڪ ناول نويس جي روپ ۾ اَسان جي اڳيان آيو آهي. پهرين تہ ڪتاب تي مٿاڇري نظر پئي وجهڻ چاهيم پر سنڌيءَ ۾ وٺشائن جي حقيقي زندگيءَ سنڌن اِنساني تقاضائون ۽ سياستدانن جون ٽڪڙم- بازيون ڊيڪارڻ وارو هي هڪ سرل ۽ واحد مثالي ناول وچ۾ چڏڻ مها مشڪل ٿي پيو جو هن ناول جا ڪردار هر وڏي شهر (City) ۾ توهان کي حقيقي طرح ڏسڻ ۾ جيئرا جاڳندا، هلندا چلندا نظر پيا ايندا.

هري پنڪج